# فلسفو، سائنس ۽ ادب

## مشتاق جروار



# فلسفو سائنس ۽ ادب

## (ڪتابن تي تجزيا)

## مشتاق جروار

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | فلسفو، سائنس ۽ ادب |
| ليکڪ | مشتاق جروار |
| موضوع | ڪتابن تي تجزيا |
| سال | 2023 |
| ڪمپوزنگ | مشتاق جروار |
| ڇپائيندڙ | سنڌ سلامت ڪتاب گهر |

## ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

2023ع

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت پاران مشتاق جروار جو مختلف ڪتابن تي لکيل تجزين ۽ تعارف تي مشتمل ڪتاب ”فلسفو، سائنس ۽ ادب“ اوهان اڳيان حاضر آهي.

هن ڪتاب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين ڀاڱي ۾ فلسفي ۽ سائنس بابت چوند ڪتابن تي تجزيا شامل آهن. ان ڪانسواءِ هڪ مضمون ۾ هندستاني فلسفي جي خيالن جو جائزو ورتو آهي ته هڪ مضمون ۾ يورپ جي ترقي ۽ عروج تي تاريخ جي مختلف نظريئي تي بحث ڪيل آهي. ٻيو ڀاڱو مختلف شخصيتن جي آتم ڪٿائن ۽ سوانح عمرين جو جائزو آهي ۽ ڀاڱو ٽيون مختلف ناولن ۽ ڪهاڻي ڪتابن تي لکيل تبصرن تي مشتمل آهي، جن ۾ تنقيد جو پاسو نه هئڻ برابر آهي ۽ نه ئي تنقيدي مضمون آهن. اهي صرف تعارفي تبصرا آهن جن جو مقصد صرف هڪ تخليقڪار جي پورهئي کي ساراهڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ آهي. هن قسم جي تعارفي سلسلي جو هڪ سبب سنڌ ۾ ڪتاب پڙهڻ واري رحجان کي وڌائڻ جي ننڍڙي ڪوشش آهي.

هي ڪتاب ڪنهن به اداري اڃا تائين ناهي ڇاپيو، پر مشتاق جروار قرب ڪري ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي، جنهن لاءِ سنڌس ٿورائتا آهيون.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

ليکڪ پاران

## پاڱو پهريون

1. مغربي فلسفي جي تاريخ ۽ هندستاني فلسفو. I
2. مغربي فلسفي جي تاريخ ۽ هندستاني فلسفو. II
3. يوناني فلسفي جي تاريخ
4. فلسفي جي تاريخ
5. وجوديت جو فلسفو هڪ جائزو
6. يورپ ترقي ۽ عروج
7. ڪائنات، زندگي ۽ انسان
8. انسان جي سماجي ارتقا
9. اعلي گڏ ۽ جيئڻ جو ڍنگ سيڪاريندڙ ڪتاب
10. سپر نظريعي جي خالق "نتشي " تي ڪتاب
11. عالمگيريت ۽ انسان
12. سنڌي سماج نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾

## پاڱو ٻيو

1. هڪ جينيئس جي ڪٿا
2. انساني تاريخ کي بدلائيندڙ مارڪس
3. "رسول بخش پليجي جي آتم ڪٿا "جو جائزو
4. ماڻ نہ اڇي مون هيين
5. آعلي انسان جو غير معمولي خوبيون
6. " جنب ڪٿا " هڪ جائزو

## پاڳو ٽيون

1. ماتم هڪ عورت جو
2. اٽپال جي چڪ
3. ڪلاڪار جو قتل
4. قيدياڻي جي ڪتا
5. ناول ”ڪتا “ هڪ جائزو
6. ”ڪيفي ادب “ هڪ جائزو
7. ناول ” وڻ “ جو جائزو
8. ناول ” جيتامڙو “ هڪ جائزو
9. غير موزون موسم جون ڪهاڻيون
10. سنيڊروم ؛نفسياتي ڪهاڻين جو ڪتان
11. شاگردن جي رهنمائي ڪندڙ اهم ڪتاب
12. ڪيريئر ڪائونسلنگ تي اهم ڪتاب

# ارپنا

پنهنجي ننڍڙي مصفره ۽ گهر واري فرحين نور جي نالي
جن جي حصي جو وقت آئون پنهنجي پڙهڻ ۽ لکڻ واري
ڪرت ۾ استعمال ڪندو آهيان.

# پنهنجي پاران

ادب ۽ فلسفو منهنجي لاءِ پرڪشش رهيا آهن مون پنهنجي شروع وارن ڏينهن ۾ ادب جو مطالعو ڪيو جنهن مون کي تمام متاثر ڪيو مون کي ذهني سگهہ ڏني. ادب هون ئي روح جي غذا آهي، روح کي سرور ڏي ٿو پڙهندڙ ادب جي حسين خيالن، حسين سوچن مان انسپائر ٿئي ٿو ادب ماڻهو جي بي چين روح کي سڪون بخشي ٿو،ادب پڙهندڙ جي تخليقي صلاحيت وڌائي ٿو اهو ئي سبب آهي جو ناول، ڪهاڻيون، آتم ڪٿائون، ادبي مضمون،مون کي وڻندا آهن. ائين ادب جيان فلسفي جو بہ آئون مداح رهيو آهيان فلسفو مون کي بي انتها وڻندو آهي ۽ جڏهن بہ مون فلسفي جو ڪو ڪتاب پڙهڻ جي شروعات ڪندو آهيان تہ تہ مون کان ٻيا موضوع ڇڏائجي ويندا آهن پوءِ رڳو فلسفي جي مطالعي ۾ مشغول رهندو آيو آهيان پوءِ سقراط جي سچ جو ڳولا، افلاطون جي دليل، بيڪن جي ارسطو کي للڪار،تہ مارڪس جي جدليات جا ڪائناتي اصول ۽ شوپنهار جا رجعت پرستاڻا خيال ۽ مايوسي سان ڀرپور خيال پيا پڙهبا آهن هڪ ڇريو هو فلسفي ڪانٽ، جنهن پنهنجي پنهنجي عمر جو گهڻو حصو پنهنجي مطالعي واري ڪمري تائين محدود ڪري ڇڏي، تي لکڻ جو ارادو ڪيم جڏهن لکڻ وينس تہ نوان خيال نيون سوچون اُڀريون تہ صرف ڪانٽ تي ڇو؟ ٻين تي بہ لکجي ائين ٿي مضمون لکجي ويا، ائين مغربي فلسفي تي ڪتاب لکڻ جو خيال آيو جنهن تي ڪم جاري آهي. ان دوران مون جيڪي فلسفي، سائنس جا ڪتاب ۽ ناول پڙهيا انهن تي تبصرا ۽ تجزيا لکڻ پڻ شروع ڪيا جيڪي ڪوشش، سوپ، آجيان، ڌرتي ۽ سنڌ ايڪسپريس ۾ ڇپجڻ لڳا. جيڪي سنڌي ٻولي ۾ فلسفي ۽ سائنس تي لکيل ڪتاب ۽ سنڌي ادب ۽ عالمي ادب جي چونڊ ترجما ٿيل ناول تي آهن جيڪي مون کي بي حد وڻيا جن کي سهيڙي هي ڪتاب ڏنو ويو آهي هن ڪتاب کي مون ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي جنهن ۾ پهريون ڀاڱو فلسفي ۽ سائنس تي چونڊ ڪتابن تي منهنجا تجزيا شامل آهن ان ڪانسواءِ هڪ مضمون ۾ هندستاني فلسفي جي خيالن جو جائزو ورتو آهي تہ هڪ مضمون ۾ يورپ جي ترقي ۽ عروج تي تاريخ جي مختلف نظريئي تي بحث ڪيل آهي جيتوڻيڪ اهو بحث پڻ ڊاڪٽر مبارڪ علي جي ڪتاب يورپ ڪا عروج جي پهرئين باب جو جائزو آهي . جڏهن تہ هن ڪتاب جو ڀاڱو ٻيو مختلف شخصيتن جي آتم ڪٿائن ۽ سنواح عمرين جو جائزو آهي ۽ ڀاڱو ٽيون مختلف ناولن ۽ ڪهاڻي ڪتابن تي لکيل تبصرا آهن . جن ۾ تنقيد جو پاسو نہ هئڻ برابر آهي ۽ نہ ئي تنقيدي مضمون آهن اهي صرف تعارفي تبصرا آهن جن جو مقصد صرف هڪ تخليقڪار جي پورهئي کي ساراهڻ آهي ۽ ٻيو سنڌ ۾ ڪتاب پڙهڻ واري رحجان کي وڌائڻ جي هڪڙي ننڍڙي ڪوشش آهي ڇوتہ منهنجو ان ڳالهہ تي پڪو ايمان آهي سنڌي قوم ڪتاب، ادب، فلسفو ۽ سائنس پڙهڻ، ان کي سمجهڻ سان اڳتي وڌي سگهي ٿي سنڌ ۾ سڀ پهرئين فڪري انقلاب اچڻ گهرجي جيڪو سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن کي تبديل ڪري، ۽ ڪتاب ذهن ڏوڏيندڙ ۽ تبديل ڪندڙ

آهن، تنهن ڪري منهنجي هي ننڍڙي ڪوشش سنڌ جي نوجوانن کي ڪتابن ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ انهن ۾ پڙهڻ جو رحجان پيدا ڪرڻ جي بہ ڪوشش آهي جيڪڏهن ڪو نوجوانن هن تبصرن ۽ تجزين کي پڙهي ڪو ڪتاب پڙهي ٿو ۽ ان ۾ ڪتاب پڙهڻ جي هير پيدا ٿئي ٿي تہ منهنجو هي پورهيو سجايو ٿيو.

مشتاق جروار

03434487723 موبائل نمبر

# ٻاڳو پهريون ـ فلسفو، سائنس ۽ تاريخ

( اوهان کي هن ڳالهه جو ادراڪ هجڻ گهرجي تہ جڏهن کان دنيا وجود ۾ آئي آهي تڏهن کان وحشي دور کي ڇڏي ڪري باقي دنيا تي ڪتابن حڪمراني ڪئي آهي.
.. والٽيئر )

# مغربي فلسفي جي تاريخ ۽ هندستاني فلسفو_1

فلسفو هن ڪائنات، فطرت ۽ سماج ۾ ٿيندڙ لقائن جو مشاهدو ۽ اڀياس ڪري ٿو فلسفو هن ڪائنات، فطرت ۽ سماج بابت ٺهيل ٺڪيل ۽ فرسودا خيالن تي شڪ ڪري،انهن تي سوال اُٿاري انهن کي چيلينج ڪري ٿو تنهن ڪري انساني جي فڪري تاريخ ۾ فلسفي جي تمام گهڻي اهميت رهي آهي اهو فلسفو ئي هو جنهن انسان کي شين تي شڪ ڪرڻ، انهن تي سوچڻ ۽ انهن تي سوال ڪرڻ ۽ انهن کي دليل ۽ منطق سان ثابت ڪرڻ جي سگهه ڏني، انساني جي فڪري تاريخ ۾ جيڪا روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ سيڪيولر خيالن آيا انهن کي اڳتي وڌائڻ ۾ بنيادي ڪردار دنيا جي مفڪرن ۽ فلسفين جو آهي جڏهن تہ ڪوبہ سماج،فلسفي جي بنيادي خيالن کي سمجهڻ کانسواءِ نہ وڌي سگهندو اڄ جو جديد دور جتي هڪ طرف ٽيڪنالاجي جي حڪمراني آهي انسان لاءِ هر ڏکي ڪان ڏکي ۽ ناممڪن شيءِ ٽيڪنالاجي سبب ممڪن ۽ آسان ٿي پئي آهي انسان وٽ ڄاڻ جي رسائي تمام گهڻي سولي ۽ گهٽائي ٿي پئي آهي،اُتي ٻئي طرف انسان وٽ ان ڄاڻ جي اصل پرک ۽ڄاڻ جي صحيح ۽ غلط جو سوال پڻ ذهن ۾ اُڀري رهيو آهي، ڄاڻ جي گهٽائي، ٽيڪنالاجي جو منفي استعمال انسان کي وائڙو ۽ بتال ڪري رهيو آهي ۽ انسان کي هن سماج ۾ ويڳاڙو ۽ مفاد پرست ڪري رهيو آهي تنهن ڪري هن صورتحال ۾ فلسفي جي خيالن، سوچن، حقيقي دليل جي تمام گهڻي ضرورت پوي ٿي . فلسفو ئي هن سماج ۽ هڪ فرد کي ان صورتحال مان ڪڍي سگهي ٿو.

## فلسفي جي تاريخ:

اوائلي زماني ۾ جڏهن انسان هن ڪائنات جي لقائن تي حيرانگي ڪائڻ، انهن تي سوچڻ ۽ انهن تي پنهنجا خيال پچائڻ ۽ ڏُڪا هڻڻ شروع ڪيا تڏهن فلسفي جي شروعات ٿي چڪي هئي، جڏهن تہ فلسفي تاريخ  جي حوالي فلسفي جي دنيا ۾ مغربي نقطہ نظر مطابق فلسفي جي تاريخ يونان جي ڏاهي ٿاليس کان شروع سمجهي وڃي ٿي ۽ دنيا ۾ جيڪي فلسفي جي تاريخ جا ڪتاب لکيا ويا آهن انهن ۾ انهي نقطہ نظر مطابق لکيا آهن جڏهن تہ انهن ڪتابن ۾ مشرقي فلسفي کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ اهو سوال وري بہ اهم آهي تہ دنيا جو ان پهريون ڏاهي بہ پنهنجي فلسفي جا بنيادي خيال مصر ۽ عراق مان کنيا هئا ۽ پنهنجي زندگي ۾ علم جي حاصلات لاءِ عراق ۽ مصر جا سفر پڻ ڪيا هئا تنهن ڪري وري بہ ٿاليس جي فلسفياڻيا خيالن جي پيرا مشرق ڏانهن وڃن ٿا، بلڪل ائين يونان جي هڪ ٻئي ڏاهي پيٿاغورث جي فلسفي جو بنياد ئي هندستاني،فلسفو ۽ تهذيب آهي هن پنهنجا صوفياڻا خيال، هندستان جي قديم مذهب مان ئي کنيل آهن جن جو اظهار مغربي ليکڪ پڻ ڪن ٿا، ۽ هن

جامريٽري ۽ تصوف جي علم جي حاصلات لاءِ هندوستان جو پڻ سفر ڪيو هو تنهن مان پڻ هندستان تهذيب جي علمي حيثيت جي خبر پوي ٿي . تنهن ڪري فلسفي جي تاريخ جي حوالي سان هندستان جي علمي حلقن ۾ هڪ ٻيو نقط نظر پيدا ٿيو جن هندستان جي فلسفي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهن فلسفي جي تاريخ مغربي نقط تي پنهنجا اعتراض اٿاريا ۽ فلسفي جو مشرقي نقط نظر پيش ڪيو جنهن مطابق يونان کان اڳ هندستان ۾ فلسفي جي شروعات ٿي چڪي هئي جنهن تي لکيو ئي نہ ويو آهي انهي حوالي سان هندستاني ليکڪ راڌا ڪرشنا "هندي فلسفي جي تاريخ " تي ٻہ جلدن ۾ ڪتاب لکيو آهي ان کانسواءِ ابوڪلام آزاد ٻہ هندستاني فلسفي تي ٻہ پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن ۽ هندستان فلسفي اوسر ۽ ارتقا تي تفصيلي بحث پڻ ڪيو آهي جنهن مان پاڻ هتي هڪ ڊگهي مضمون " فلسفي جي تاريخ،پرک ۽ ارتقا " جو جائزو وٺنداسين جيڪو نواز خان زئور پاران ابوڪلام آزاد جي فلسفي تي لکيل مضمونن کي ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏئي ڇپايو ويو آهي .

هن مضمون ۾ مولانا آزاد سڀ کان پهرئين فلسفي جي وصف ۽ ان جي مقصد تي پنهنجا خيال ونڊي ٿو ان کانپوءِ فلسفي جي تاريخ تي پنهنجو نقط نظر پيش ڪري ٿو جنهن ۾ مولانا جو خيال آهي تہ ارڙهين صدي تائين يورپي مورخن ۾ جيڪي فلسفي جون تاريخون لکيون آهن انهن جو انداز فلسفياڻيا هجڻ بدران فلسيوفن جي زندگي جا تذڪرا هئا ۽ اهو انداز وچئين دور جي عرب مورخن اختيار ڪيو جنهن کي اڳتي هلي ٻين يورپي مورخن پڻ اختيار ڪيو جڏهن تہ فلسفي جي تاريخ کي مختلف شعبن ۾ ورهائي، موضوع وار لکڻ جي ضرورت آهي. جئين تہ مولانا جي اها راءِ تمام اهم آهي ان حوالي سان انگريزي توڙي اردو ۾ پڻ ڪم ٿيو آهي جنهن ۾ قاضي قيصراسلام جو فلسفي تي لکيل ڪتاب پڻ اهم آهن.

مضمون ۾ مولانا آزاد جو خيال آهي تہ يونان جي ڏاهپ ۽ فلسفي تي مصر ۽ عراق جي تهذيب جو تمام گهڻو اثر آهي يونان کان اڳ مصر ۽ عراق جون تهذيبون پنهنجي عروج تي هيون اهوئي سبب آهي يونانن جي گهڻن ڏاهن انهن تهذيبن جي شهرن ڏانهن سفر ڪيو ۽ انهن جي علمي خزاني مان فيضياب ٿيا پر بدقسمتي سان انهن تهذيبن جا گهڻا علمي خزانا لکت ۾ محفوظ نہ ٿي سگهيا پر انهي ساڳئي دور ۾ هندستان جي تهذيب ٻہ پنهنجي عروج تي هئي جنهن جو گهڻو ڪجهہ ريڪارڊ تي پڻ آهي جنهن کي صرف ڇنڊڇاڻ جي ضروت آهي جڏهن تہ يوناني فلسفو ان کانپوءِ جي آهي تنهن ڪري فلسفي جي تاريخ ابتدا هندستان کي ٿيڻ گهرجي ۽ فلسفي جي تاريخ کي ان انداز ۽ ان پس منظر ۾ مطالعو ڪرڻ گهرجي، پنهنجي انهي نقط نظر کي ثابت ڪرڻ مولانا مضمون ۾ ڳوڙهو بحث ڪري ٿو جنهن ۾ مولانا يوناني فلسفي جي تاريخ ۽ هندستاني جي تهذيب ۽ ان جي فڪري ۽ علمي ورثي جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪري ٿو جنهن ۾ مولانا صاحب دليل ڏي ٿو تہ دنيا جو پهريون فلسفي ٿاليس حضرت عيسي کان ڇهہ صديون اڳ ۾ 585 ق.م ۾ پيدا ٿيو جڏهن تہ هندستان ۾ ان کان اڳ ۾ فلسفي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ اهو فلسفي جو

عروج جو زمانو هو جنهن وقت يونان ۾ ٿاليس پيدا ٿيو ان ئي زماني جين درم ۾ ٻڌ ڌرم جو جنم ٿيو ۽ گوتم ٻڌ ۽ مهاوير پيدا ٿيا،جن خدا ۽ انسان بابت فلسفياڻا سوال اٿاريا تنهن ڪري مولانا صاحب مورخن کي ان ڳالھ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو جنهن پس منظر ۾ ا هي ٻه عظيم ڌاها پيدا ٿيا ۽ جنهن علمي فڪري ورثي گوتم ٻڌ ۽ مهاوير کي متاثر ڪيو ان پس منظر کي سمجھڻ جي ضرورت آهي. جيئن تہ گوتم کي فڪري تاريخ ۾ هڪ صوفي ليکيو وڃي ٿو هن جا گهڻا خيال صوفياڻا هئا پر مولانا جي گوتم ٻُڌ جي باري ۾ هڪ جدا موقف آهي هُو هن کي هڪ فلسفي سمجهي ٿو ۽ هن جي فڪر کي هيٺ جملن ۾ هن طرح سمجائي ٿو ”هن مُفڪر جي نظر ۾ انساني جدوجهد جو معراج ئي اهو آهي تہ زندگي جي گُتي کي سُلجهايو وڃي ۽ اهو مقصد غيبي طاقت کانسواءِ حاصل ڪري سگهجي ٿو. .ائين مهاوير پڻ گوتم گوتم ٻڌ وانگر ديوتائن جي وجود تي ايمان آڻڻ بنان ئي زندگي جي اسرار جي حل ڳولڻ لاءِ پنهنجا فڪري ڪوئنتل ڪُڍيا. “ ص94.

هتي مولانا آزاد جو خيال آهي گوتم ۽ مهاوير کان اڳ بہ فلسفي جو هڪ فڪري پس منظر هو جنهن مان انهن مفڪرن جي فڪر جي اوسر ٿي تنهن ڪري ان فڪري پس منطر کي سمجھڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت اهي ا ن فڪري پس منظر مان مراد هندستان جو اپشندي فلسفو آهي جنهن جو بنياد گوتم ٻڌ ۽ مهاوير کان اڳ رکجي چڪو هو مولانا صاحب مطابق اهي ائين صدي قبل مسيح ۾ سهيڙيا ويا جڏهن تہ ٿاليس ڇهين قبل مسيح جو فلسفي آهي ۽ انهن ۾ گهڻن مفڪرن دنيا جي مادي تعبير ڪئي تنهن ڪري اسان کي جڏهن هندستاني فلسفي جي آغاز جي تاريخ هڪ هزار قبل مسيح تائين ڪري سگهون ٿا تنهن ڪري جڏهن اسان يوناني ۽ هندستاني فلسفي جي آغاز ارتقا ۽ عروج جي دورن جي ڀيٽ ڪنداسين تہ اسان ان نتيجي تي ضرور پهچنداسين تہ فلسفي جي تاريخ جي شروعات يوناني ٿاليس کان اڳ هندستان ۾ ٿي.

# مغربي فلسفي جي تاريخ ۽ هندستاني فلسفو II

فلسفي جي تاريخ ۾ ڪائنات ۽ سماج بابت ٻه نقطه نظر رهيا آهن جن مان هڪڙن ڏاهن هن ڪائنات ۽ سماج جي لقائن جو مطالعو مذهبي نقطه نظر سان ڪيو ۽ ڪائنات جي ابتدا ۽ سماجي اوٿر ۾ ڪنهن مافوق الفطرت هستي جو عمل دخل سمجهيو جن کي خيالي پرست ڏاها سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن ته ٻيو نقطه نظر هن ڪائنات ۽ سماج جو مطالعو مادي حالتن جي پس منظر ۾ ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ اُهي ڪنهن ماقوف الفطرت هستي جو عمل دخل نٿا سمجهن انهن کي مادي فلسفو سمجهيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ فلسفي جي اڪيڊمڪ اُپياس ۾ ان درجه بندي جي اهميت ناهي رهي جڏهن ته ان حوالي سان گهڻن ليکڪن جو خيال آهي ته فلسفي جي علم جي اهڙي درجه سويت يونين جي مفڪرن روسي انقلاب پوءِ ڪئي ۽ اها بلشويڪ پارٽي جي سياسي پاليسي هئي ته سويت يونين ۾ انقلاب دشمن فلسفي، ادب ۽ سائنس کي وڏ ۾ وڏ رد ڪجي ۽ ان کي اسرڻ نه ڏجي ۽ منهنجي خيال ۾ ان دور جي سياسي حالتن مطابق سويت يونين توڙي پوري دنيا لاءِ اها درجه بندي تمام اهم هئي ۽ سنڌ ۾ به انهي نقطه نظر مطابق تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا ۽ سنڌ جي هارين، مزدورن توڙي عام ماڻهو ۾ تمام گهڻا پڙهيا ويا ۽ سمجهيا ۽ انهن سنڌ جي اڪثريت طبقي جي ذهني تربيت ڪئي .پر ان درجه بندي ۾ هڪڙي ڳالهه اهم آهي ته درجه بندي ۾ به خيالي ڏاهن کي به فلاسافر سمجهيو ٿي ويو روسي مفڪرن انهن ڏاهن کي فلسفي جي تاريخ مان ٻي داخل ڪرڻ جي همت بلڪل نه ڪري سگهيا جيتوڻيڪ انهي حوالي سان لاهور جي هڪ ترقي پسند ليکڪ اشفاق سليم مرزا " فلسفو هڪ مادي تعبير " ڪتاب لکي پنهنجو هڪ نئون نقطه ڏنو آهي پر منهنجي خيال ۾ اهو بحث انساني فڪر جي دنيا ۾ ثانوي آهي، خيالن جي ارتقا ۾ غلط يا صحيح جو سوال اهم ناهي بلڪ اتي فڪر ي ڏڪار ۽ جمود کي چيليج ڪرڻ تمام اهم آهي،تنهن ڪري جڏهن پاڻ هندستان جي فلسفياڻيا خيالن جو مطالعو ان پس منظر ۾ ڪنداسين ته انهن خيالن تي مذهبي تهه چڙهيل نظر اچي ٿو جيتوڻيڪ ان جا ڪي تاريخي ۽ ان سماج جا داخلي جا سبب آهن جئين مالانا آزاد چيو آهي " ته هندستان ۾ مذهب ۽ فلسفي جي هڪڙي شاهراهه رهي آهي "تنهن ڪري فلسفي جي خيال به مذهبي رنگ ۾ رنگجي ويا پر يونان ۾ فلسفي ۽ مذهب جي شاهراهه جدا رهي آهي تنهن ڪري اتي بلڪل ابتڙ ٿيو ۽ يونان ۾ مذهبي خيال به فلسفي ۾ گڏجي ويا ۽ انهن تي فلسفي جا تهه چڙهي ويو جيتوڻيڪ ڪجهه مسئلن تي هندستان جا خيال يونان کان ايڊوانس آهن، مولانا آزاد به پنهنجي مضمون يونان جي خيالن جو تقابلي مطالعو ڪري جيڪو نتيجو ڪڍي ٿو اهو تمام دلچسپ آهي جنهن ۾ هن جو خيال

آهي ته هندستاني فلسفي جو گهڻو زور باطن تي رهيو آهي هندستان جي ڏاهن گوتم، مهاوير توڙي اپشندي فلسفين پنهنجي باطن کي سڃاڻڻ تي زور ڏنو ۽ انهن جي مطابق پنهنجي باطن کي سڃاڻڻ کانپوءِ ئي اسان هن ڪائنات جي خارجي لقائن کي سمجهي سگهون ٿا ائين يونان جي ڏاهن فيثاغورث، سقراط ۽ افلاطون ۽ ٻين جو پيغام هو ته " نفس جو عرفان حاصل ڪريو "، ان ڪانسواءِ سقراط الهامي آواز تي پختو يقين رکندڙ هو ۽ پنهنجن آخري ڏينهن واري خطاب ۾ الهامي آواز يا اندر جي آواز جي دعوا ڪري رهيو تنهن هوندي به هُو يونان جو عظيم ڏاهو آهي جنهن جي عظمت کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگهي ته وري افلاطون تصوف جا بنيادي خيال پيش ڪيا ۽ فاني ۽ لافاني روح جو نظريو ڏنو جيڪو هندستاني فلسفي جي "جيو آتما،پر ماتما " جي هڪجهڙائي رکي ٿو جنهن کي اڳتي هلي هيگل اعلي روح جو نالو ڏنو ۽ پيٿاغورث پنهنجون مذهبي برادريون تشڪيل ڏنيون پر انهن کي فلسفي جي تاريخ ۾ تمام اهم جاءِ ڏني وڃي ٿي انهن ڪانسواءِ يونان جي فلسفي جي تاريخ اڌوري آهي ته پوءِ مهاوير، گوتم ٻڌ ۽ اپشندي فلسفي جي خيالن کي فلسفي جي تاريخ ۾ به شامل ڪرڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي . ان حوالي سان مولانا آزاد جوبه خيال آهي ته اسان گوتم ٻڌ، مهاوير ۽ ٻين فلسفين کي صرف انهي ڪري خارج نٿا ڪري سگهون ته انهن جو گهڻو لاڙو تصوف ۽ مذهن ڏانهن آهي انهي پئماني تحت اسان يونان توڙي مغربي تاريخ جي گهڻن ڏاهن کي فلسفي جي تاريخ مان خارج ڪرڻو پوندو.

مضمون ۾ مولانا آزاد هندستاني فلسفي جي اهميت کي وڏيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ يوناني فلسفي جي تصوف ۽ مذهبي لاڙن کي پيش ڪرڻ کانپوءِ يورپ جي عيسائي فلسفي ۽ مسلم فلسفي تي هڪ تنقيدي نظر وجهي ٿو جنهن جو پس منظر ڪجهه هن ريت آهي ته" عيسائيت ۽ اسلام ۾ ڪجهه مڪتب فڪر اهڙا به پيدا ٿيا جن پوري ڪوشش ڪئي ته ڪنهن به نموني فلسفي جي ڳچي ۾ مذهب جو طوق وڌو وڃي " هتي مولانا جو اشارو سينٽ آگسٽائين، ٿامس اڪئانس، فلاطينوس ٻين مذهبي فلسفين ڏانهن آهي، فلاطينوس ارسطو ۽ افلاطون جي فڪر ۾ چالاڪي سان عيسائيت جي خيالن کي شامل ڪري ڇڏيو ۽ افلاطون ۽ ارسطو جي خيالن جي مذهبي تشريح ڪئي ته ٻئي طرف ٿامس اڪئانس ۽ سينٽ اگسٽائن پڻ يوناني فلسفي کي عيسيائيت ۾ شامل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ٿامس اڪئانس ته هڪ راهب هو جنهن الهيات جي تعليم پرائي ۽ انجيل جي فلسفياڻيا تشريح ڪئي اهو ئي سبب آهي عيسائيت ۾ ارسطو ۽ ارسطو جي خيالن جي وڏي اهميت هئي ۽ هُو حرف آخر ليکو ويندو هو ڇوته عيسائيت ۽ ارسطو جو فڪر پاڻ ۾ هم آهنگ ٿي ويا جنهن يورپ کي فڪر جي دنيا ۾ جمود جو شڪار ڪري ڇڏيو، ائين سورهين صدي جو مغربي ڏاهو جارج بشپ برڪلي به آهي جيڪو هڪ پادري هو ۽ هن پڻ مذهبي صداقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ فلسفي جي علم جو سهارو ورتو ۽ هن ماديت تي وڏو وار ڪيو ۽ هن چيو ته ڪائنات جي هر شيءِ جو خارجي طور تي ڪوبه وجود ناهي بلڪ اهي صرف اسان جي حواسن ۾ آهن جيڪڏهن اسان جا حواس ڪم نه ڪن ته هن دنيا جو مادي وجود ئي نه هوندو پر برڪلي پنهنجي

ڏاهپ،پنهنجي دليل ۾ يقينن هڪ وڏو فلسفي آهي. تنهن ڪري مولانا آزاد جو خيال آهي تہ مورخن ڪي جڏهن فلسفي جي تاريخ لکڻ گهرجي تہ هندستاني جي فڪر،فلسفي ۽ خيالن کي بہ اهم جاءِ ڏيڻ گهرجي جاءِ مغربي فڪر ۽ فلسفي کي ڏني وڃي ٿي ۽ هڪ عالمي فلسفي جي تاريخ جي تشڪيل ڏيڻ گهرجي جنهن ۾ دنيا جي هر خطي جي انهي اهم فڪر ۽ فلسفي کي جاءِ ڏيڻ گهرجي جنهن جو انساني فڪر جي تاريخ ۾ اهم ڪردار آهي. جيتوڻيڪ پنهنجي هن پوري بحث ۾ مولانا آزاد اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هندستاني فلسفي کي يوناني فلسفي تي فوقيت حاصل آهي هندستان جو علم ۽ فلسفو هندستان تي اثر انداز ٿيو ۽ يونانين کي متاثر ڪيو آهي پر هڪ ٻئي اهم سوال تي تحقيق جي پڻ دعوت ڏي ٿو اهو سوال هي آهي تہ ڇا يونان جو فلسفو ۽ علم هندستان تي بہ اثر انداز ٿيو آهي ۽ يونان جا ڪهڙا خيال سفر ڪري هندستان ۾ پهتا ان رخ تي پڻ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

# يوناني فلسفي جي تاريخ

ماڻهو جڏهن هن ڪائنات ۽ سماج ۽ خود پنهنجي پاڻ کان اڻ واقف هو ڪائنات ۾ ٿيندڙ لقائن ڏينهن رات ٿيڻ،موسمن جي ڦير گير،سج ۽ چنڊ گرهڻ ٿيڻ،ماڻهو جي واڌويجهه ڪرڻ ۽ ان جو مري وڃڻ،وڻ ٽڻ،ٻوٽن جي ٻنن جي چرپر ۽ هوا جي جهوٽن جي ڪاٻه ڄاڻ نه هجڻ جي ڪري،انسان انهن جي باري ۾ مختلف ڏڪا هڻڻ شروع ڪيا ۽ انهن لقائن جي باري مختلف ڏندڪٿائون گهڙڻ شروع ڪيون ائين مذهب جو بنياد پيو تڏهن انسان ڄاڻ،سمجهه عقل ۽ فلسفي جي علم ڏانهن پنهنجا قدم وڌائي چڏيا ۽ انهن غلط خيالن مان صحيح خيال ڦٽي نڪتا هئا ائين فلسفي جو علم وجود ۾ آيو.فلسفي جي علم ڪائنات جي انهن سيني لقائن، بابت سوالن جا جواب ڏنا جن بابت اوائلي انسان اڻ ڄاڻ هو يقينن فلسفي جا اهي جواب بلڪل صحيح نه هئا ۽ نه ئي اهي ان دور جي مذهبي خيالن کان بلڪل آجا نه هئا پر فلسفي جي علم ۾ صحيح جواب کان وڌيڪ سوال جي وڏي اهميت آهي ۽ فلسفي انساني تاريخ ۾ وڏا سوال اٿاريا آهن جن سائنس جي لاءِ رستو هموار ڪيو فلسفي جي انهن سوالن تي ئي علم اڳتي وڌيو آهي،۽ انهن وڏن سوالن دنيا کي تبديل ڪيو آهي،فلسفي جي ڪائنات ۽ انسان بابت انهن سوالن جي شروعات يونان،مصر،هندوستان ۽ عراق جي تهذيبن ۾ ٿي ۽ اتي انساني تاريخ جا ڪي ڏاها پيدا ٿيا جن هن ڪائنات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي،ان جي باري ۾ پنهنجا نظريا پيش ڪيا،پر بدقسمتي هندستان، مصر ۽ عراق جي تهذيبن جا گهڻا خيال ريڪارڊ تي نه اچي سگهيا انهن جا ڪجهه خيال اسان تائين پهچي سگهيا آهن پر يونان جي عظيم تهذيب جا گهڻا خيال ريڪارڊ تي اچي ويا ۽ اهي ترجمي جي صورت ۾ مسلمان ۽ ان کانپوءِ پوري يورپ ۾ پهچي ويا جنهن سبب يورپ ٻه اونداهي دور مان نڪري يورپ خيالي،۽ عقليت پسندي طرف وڌيو يونان جي ان تهذيب ۽ انهن خيالن تي ته مارڪس جهڙو ڏاهو ٻه حيران هو ته ان دور ۾ يونان ۾ هيڏو سارو علم ڪئين اُسري سگهيو جنهن جا اثرا جا تائين محسوس ڪري سگهجن ٿا ۽ اڄ جي جديد دور جو علم جو بنياد ان دور جي يونان ۾ هو يونان جي ان تهذيب،۽ فلسفي جي خيالن کي سمجهڻ لاءِ اڄ ٻه تحقيق ٿئي ٿي ڪتاب لکجن ٿا انهن تي بحث ٿئي ٿو ماڻهو انهن کي پڙهن ٿا،سنڌي ۾ ٻه فلسفي جي موضوع تي ڪتاب لکيا ويا آهن جنهن ۾ گهڻو تعداد جدليات تي لکيل ڪتابن جو آهي پر فلسفي جي پيرائتي تاريخ تي لکيل ڪتابن جو تعداد گهٽ آهن جنهن ۾ تاريخ تي ڪجهه اصلوڪا ڪتاب لکيل آهن ۽ ڪجهه ترجما پڙ ٿيا آهن، جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ٻن استادن نويد سنڌيلو ۽ راشد دائود پوٽي جو ڪم منفرد آهي، ان حوالي سان ئي ڪجهه وقت اڳ راشد دائودپوٽي جو يوناني فلسفي تي "يوناني فلسفي جي تاريخ " ڪتاب ڇپيو آهي جيڪو تمام منفرد آهي جنهن ۾ اسان کي يوناني فلسفي جي پيرائتي تاريخ ملي ٿي،انساني فڪر جي ارتقا جي شروعاتي خيالن جي باري

۾ ڄاڻ ملي ٿي،هن ڪتاب ۾ اسان کي سائنس جا اهي خيال جن دنيا کي ڌوڏي ڇڏيو اهي اسان کي اهي پنهنجي ارتقا جي پهرئين ڏاڪي تي ملندا .هن ڪتاب ۾ اسان دنيا جي پهرئين ڏاهي ٿاليس کان ويندي دنيا جي ان عظيم ارسطو جا خيال پڙهي سگهون ٿا جنهن جي خيالن صدين تائين يورپ تي حڪمراني ڪئي،هن ڪتاب ۾ اسان کي ان صوفي درويش ڏاهي سقراط جو بہ احوال ملندو جنهن سچ جي ڪري خوشي سان زهر جو پيالو پي ڇڏيو تہ وحدت وجودي فلسفي پيٿاگورس جي نظرين جو اپٽار آهي جن جو خيال هو تہ خدا ڪائنات جي هر ذري ۾ شامل اهي،ان ڪري يونان جي ان علمي ء فلسفي کي سمجهڻ بنا اسان لاءِ هن دور جي جديد علم کي سمجهڻ ڏکيو آهي،تنهن ڪري يوناني فلسفي تي لکيل هن ڪتاب جي اهميت تمام گهڻي آهي جنهن جو پاڻ مختصر جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

جيئن تہ هي ڪتاب يوناني فلسفي تاريخ تي آهي پر ان کان اڳ ۾ پڙهندڙ لاء اهو ڄاڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ فلسفو آهي ڇا؟ ء ان جي اهميت ان جو ڪارج يا مقصد ڪهڙو آهي؟ تنهن ڪري هن ڪتاب ۾ ليکڪ سڀ کان پهرئين فلسفي جي وصف ء ان جي اهميت تي بحث ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ فلسفي وصف بيان ڪندي لکي ٿو تہ " فلسفي جي وصف بابت تمام گهڻا موقف آهن،جهڙوڪ : ڪائنات شناسي ء خودشناسي ءَ جي جو نالو فلسفو آهي،فلسفو ڪائنات بابت نڪتہ نظر آهي پر جنهن وصف بابت تمام گهڻا ماڻهو سهمت آهن اها وصف هي آهي تہ ڪائنات جي آفاقي قانونن جي ڄاڻ ڳولا ء اڀياس کي فلسفو چئجي ٿو اهي آفاقي قانون جيڪي هڪ ئي وقت فطرت،انساني سماج ء انساني فڪر تي لاڳو ٿين ٿا." ان کانپوءِ ليکڪ هن ڪتاب فلسفي جي اهميت بحث ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ جو خيال آهي تہ فلسفي هر دور جي رواج پٽي کي چيليج ڪيو آهي اهو فلسفو ئي آهي جنهن آوائلي دور جي ڏندڪٿائي،مدي خارج خيالن کي رد ڪري پنهنجا عقلي خيال پيش ڪيا جنهن جي ڪري ان دور جا سماج اڳتي وڌيا سماج ۾ اونداهي ڏُور ٿيڻ لڳي پر ان جي بدلي ڏاهن کي وڏيون عقوبتون ء تڪليفون ڏسڻيون پيون ڇوتہ انهن ڏاهن جي خيالن سان رجعت پرست ماڻهن جي هن سماج م هڪ هٿي ختم پئي ٿي،ليکڪ جو خيال آهي تہ فلسفين جا خيال پنهنجي دور جي خيالن کان ايدوانس خيال هئا تنهن ڪري انهن خيالن کي صحيح سمجهڻ لاءِ صديون لڳي ويون،منهنجو پنهنجو خيال بہ اهو آهي جيئن سقراط جي خيالن سان ٿيو يا مارڪس جي خيالن سان ٿيو ء جڏهن انهن خيالن جي اهميت کان ماڻهو واقف ٿيا تہ انهن خيالن سماج ۾ هڪ وڏي تبديلي آندي ء انهن خيالن دنيا کي پڻ ڌوڏي ڇڏيو تنهنڪري سرمائيداري جي هن دور ۾ تہ فلسفياڻا خيالن جي اهميت تمام گهڻي آهي،ان کانپوء هن ڪتاب ۾ ليکڪ سائنس ۽ فلسفي جي فرق تي پڻ لکي ٿو جنهن ۾ ليکڪ جو خيال آهي تہ سائنس هن ڪائنات ۾ رونما ٿيندڙ لقائن جي پروسز يا طريقہ ڪار جو مطالعو ڪندي آهي پر فلسفو ان جي سببن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي،يا سائنس شين کي مختلف حصن ۾ ورهائي پوءِ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي پر فلسفو هر لقاءُ ء شين کي ڳنڍي پوءَ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تنهن ڪري

سائنس تو ڙيندڙ ۽ فلسفي کي ڳنڍيندڙ سڏيو ويجي ٿو. ائين ان ڪانپوءِ ليکڪ يوناني فلسفي جو تعارف پيش ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ جو خيال اهي ته فلسفي جي تاريخ جي شروعات يونان کان ڪئي ويجي ٿي پر يونان کان اڳ ۾ مصر،هندستان ۾ پڻ فلسفياڻا خيال هئا پر ان فلسفي تي انهن تهذيبن جا مذهبي خيال پڻ حاوي هئا تنهن ڪري فلسفو هندوستان ۽ عراق ۾ وڌيڪ اُسري نه سگهيو ۽ ٻيو ته هندوستاني فلسفي تي تمام گهٽ ڪم ٿيڻ جي ڪري اهو اسان تائين پهچي ناهي تنهن ڪري ان کي هڪ جدا نقطہ نظر سان پڻ ڏسڻ جي ضرورت آهي . ان پوري بحث کي سهيڙڻ کان پوري يوناني فلسفي جي تاريخ پيش ٿو ڪري جنهن جي شروعات دنيا جي پهرئين ڏاهي ٿاليس کان ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ يونان جي اوڻويهه ڏاهن جي زندگي،فڪر ۽ فلسفي تي بحث ڪري ٿو جن کي سمجهڻ لاءِ هر هڪ کي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي پر پاڻ يونان ڏاهن جي ڪجھ خيالن جو هتي مجموعي طور تي جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا .

يونانين هن ڪائنات جي اصل جوهر مطلب ڪائنات ڇا جي نهيل آهي؟ جي سوال تي سوچ ويچار ڪيو جنهن ۾ ٿاليس جو خيال هو ته هي ڪائنات پاڻي جي نهيل آهي،اينڪسمينز چيو ته هي ڪائنات هوا جي نهيل آهي، اينڪسيماندر چيو ته هي ڪائنات لامحدود يا بي انت عنصرن جي نهيل آهي .

يوناني ڏاهي اينڪسيماندر لامارڪ ۽ ڊارون کان به پهرئين ارتقا جو نظريو پيش ڪيو جيڪو ڊارون جي ارتقا جي نظرئي جي بلڪل ويجهو هو.

يونانين جامريٽري جي دريافت ڪئي ۽ انهن ڪائنات جو ماڊل پڻ تيار ڪيو۽ انهن گليلو کان پهرئين ان ڳالھ کان واقف هئا ته هي ڌرتي گول آهي ۽ ڌرتي هن ڪائنات جو مرڪز آهي .

يوناني ڏاهن پيٿاغورث،زينو،افلاطون ۽ ٻين تصوف جا بنيادي خيال پيش ڪيا،۽ انهن وحدت وجودي فلسفي جو نظريو ڏنو جنهن کي اڳتي هلي مسلمانن پڻ پنهنجو ڪيو.

سڀ کان پهرئين يونانين شين جي وچ ۾ تضاد ۽ جهيڙي کي سمجهيو جيڪا جدليات فلسفي جي هڪ وڏي دريافت آهي ۽ انهن شين ۾ چرپر ۽ تبديلي کي پڻ سمجهيو هيراڪليٽس چيو ته شين ۾ هر وقت تبديلي آهي ۽ چرپر آهي ڪا به شيءِ سدائين ساڳي نٿي رهي .

سڀ کان پهرئين يوناني فلسفي افلاطون هڪ جمهوري رياست جو تصور ڏنو جنهن کي صدين ڪانپوءِ يورپ سمجهيو ۽ ارسطو سائنس جو بنياد وڌو ته سقراط فلسفي ۾ نفسات جا بنياد وڌا، ان ڪانسواءِ سڀ کان پهرئين ڊيموڪريٽس ائٽم جي نظريو پيش ڪيو.ائين هن ڪتاب ۾ يوناني ڏاهن جي فڪر تي تفصيلي بحث آهي جن کي پڙهڻ سان اسان يونان جي علمي وسعت جي ڄاڻ پوي ٿي ۽ اسان دنيا جي انهن عظيم

خيالن کان واقف ٿيون ٿا جن جديد دور سائنس ء فلسفي جا بنياد وڌا ء انهن خيالن کي سنڌي ۾ پيش ڪرڻ سائين راشد جو غير معمولي پورهيو آهي.

# فلسفي جي تاريخ

انسان لاءِ هن ڪائنات جا لقاءَ سدائين حيرت ۾ وجهندڙ رهيا آهن ۽ اوائلي انسان ته هن ڪائنات ۽ان جي لقائن بابت بلڪل اڻ ڄاڻ هو تنهن ڪري هُو ان بابت عجيب قسم جا خيال رکڻ سبب گهڻو ڪري مصيبتن، تڪليفن ۽ اذيتن ڪي منهن ڏيندو هو ۽ انهن تڪليفن کان ڇوٽڪاري لاءِ ڪي رسمون ڪي رواج، ڪي دعائون پڙهي پنهنجي جان آجي ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهندو هو انسان جي ان سڄي روئداد جو ذڪر اسان کي جادو ۽ سائنس جهڙن ڪتابن ۾ ملي ويندو، پر نيٺ انهن ڏکُن، انهن غلط، خيالن، غلط سوچن مان ئي ڪي ڪجھ بهتر خيال پيدا ٿيڻ لڳا انهن غلط خيالن ۽ سوچن کي چيلينج ڪري وارا شخص پيدا ٿيا جن هن ڪائنات جي لقائن جو عقلي تجزيو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ائين فلسفي جو علم انهن وهمن ۽ وسوسن مان ڦُٽي نڪتو اُن فلسفي جي بنياد ۽ ان جي تاريخ جي حوالي سان اسان وٽ مختلف رايا آهن هڪڙن جو خيال رهيو آهي ته ان جي شروعات هندستان جي چارواڪ فلسفي کان ٿئي ٿي ته ٻين جو خيال آهي ته ان جي شروعات يونان جي ڏاهي ٿاليس کان ٿئي ٿي،۽ ائين هر ڌر وٽ پنهنجا خيال آهن پر وري جيڪا فلسفي جي جيڪا تاريخ لکي وئي آهي ان ۾ يونان جي خيالن کي اهميت ڏني وڃي ٿي، ائين فلسفي جي تاريخ تي سوين ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ اجا لکجن پيا، فلسفي ۽ ان جي تاريخ تي بحث ٿين پيا اسان سنڌي به ان حوالي سان اڳتي وڌيل آهيون جو اسان وٽ به فلسفي جهڙن علمن تي بعث ٿئي ٿو ان تي ڪتاب لکيا وڃن ٿا . تازو ئي سنڌي ۾ فلسفي جي تاريخ تي فلسفي ڊيپارٽمينٽ جي استاد نويد سنڌيلو جو ڪتاب "فلسفي جي تاريخ" آيو آهي نويد سنڌيلو جو آئنسٽائن تي سنڌي ٻولي ۾ تمام بهترين ڪتاب لکيل آهي تازو هي ڪتاب آيو اٿن جنهن جي ارپنا به فلسفي جي ٻن عظيم ذهنن فريدالدين شيخ ۽ جاويد ڀُٽي جي نالي آهي، هي ڪتاب ٻن حصن تي مشتمل آهي جنهن ۾ پهريون حصو يونان جي قديم فلسفي جو احوال ڏي ٿو ته ٻيو ڪلاسيڪل فلسفي تي مشتمل آهي . جڏهن هي ڪتاب فلسفي جي تاريخ جو ڪتاب آهي جنهن ۾ انساني تاريخي جي بنيادي خيالن ۽ تصورن تي بحث ڪيو ويو آهي تنهن ڪري انهن کي بار بار پڙهڻ انهن تي سوچڻ سان اُهي سمجھ ۾ اچي سگهندا تنهن ڪري فلسفي جي ڪنهن بہ ڪتاب کي پڙهڻ ۽ ان تي تبصرو ڪرڻ انتهائي ڏکيو معاملو آهي تنهن ڪري پاڻ هن ڪتاب جو صرف سرسري جائزو وٺي سگهنداسين ۽ ڪي چند خيال هن تبصري ۾ ڏئي سگهنداسين . اچوتہ ان جو جائزو وٺون

جڏهن تہ اجوڪي دور کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دور سڏيو وڃي ٿو اڄ ٽيڪنالاجي جا ڪارناما عروج تي آهي انسان لاءِ هر شيءِ ممڪن ٿي وئي آهي،دنيا جي هر شيءِ اسان جي جي کيسي ۾ پئي آهي، ٻٽڻ دٻائڻ سان منٽن ۾ حاضر ٿيو وڃي، پر ان ٽيڪنالاجي انسان کي ويڳاڙو ڪري ڇڏيو آهي اهو انسان جيڪو ڪنهن دور ۾ ڏاهپ جو متلاشي هو جيڪو ڪائنات ۽ هن سماج جي لقائن کي حيرت سان

ڏسندو هو انهن تي سوال اُٿاريندو نوان ڪي عظيم خيال ڏيندو هو وڏا ڪي بعث ڪندو هُوان وٽ زندگي جو عظيم مقصد هو هن ڪائنات ڪي سمجهڻ جي هورا ڪورا هوندي هئي اهو پوري طرح هيئر ٽيڪنالاجي جي رحم ڪرم تي آهي ان وٽ پنهنجا ڪي به خيال ناهن ٽيڪنالاجي جا خيال هُن تي حاوي آهن هُو فضول شين ۽ ڳالهين ڊوڙ ۾ آهي ۽ انهي ڊوڙ ۾ جڏهن پوئتي ٿئي ٿو هي انسان ويڳاڻو ٿئي ٿو مايوس ٿئي ٿو چڙچڙو ٿئي ٿو ۽ بيزار ٿئي ٿو تنهن ڪري انهي بيزاري کي منهن ڏيڻ لاء انهي حالت مان نڪرڻ لاء وري به فرد کي ڏاهپ ڏانهن ورڻ گهرجي، فلسفي ۽ عظيم خيالن ڏانهن ورڻ گهرجي .ان سڄي صورتحال کي نويد سنديلو صاحب هن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو ته" زندگي ۽ ڪائنات بابت ڪيترائي پراڻا اخلاقي معيار ۽ تشريحون هيٺيون يا ناس ٿي چڪيون آهن ۽ ڪيترن ئي ماڻهن لاء زندگي گهارڻ جو نئون ڍڱ ڳولڻ يا بنياد رکڻ ڏکيو ٿي پيو آهي جديد دور جي ماحول ۾ وڌندڙ تباهي جو احساس، ننڍڪائي، تحفظ جو اڻ لڀ بي وسي ۽ لاچاري وڌندڙ ذهني دٻاء،تباهي ۽ فنائيت ۽ جذباتي انتشار موجود آهي ائين لڳي ٿو ڄڻ اسان اڌپوري زندگي گهاري رهيا آهيون،اسان پنهنجون اشتهائون نه وڌائي رهيا آهيون پر اسان پنهنجي مقصدن کي ٻُڪ ماري رهيا آهيون اسان جو ڌيان وڏين پگهارن، ٽيليويزن جي پردن جي مهانگين ڪارن،ديو ڪامت عمارتن ۽وري هاڻي اوچن خيالن ۽ تصورن جي بدران جن تي اسان جي حقيقي حياتي ۽آزادي جو انحصار آهي ياري ميزائلن ڏانهن آهي،تهذيبي هئڻ مان مراد وڏيڪ مادي شين جو هئڻ نه،پر اها ته ڪنو ڪيل ڪن عظيم نظرين ۽ جتادار سوچن سان ٿي آهي انهي لاء اڃو ڏاهپ ۽ فڪر جي واٽ وٺون ۽ انهن سوالن جا جواب تلاشيون جن لاء صدين کان دنيا جا ڏاها سرگردان ۽ حيران رهندا آيا آهن ".(20) هن ڪتاب جي وڏي خاصيحت اها آهي ته ليکڪ يوناني فلسفي جو احوال ڏيڻ کان اڳ يونان جي مذهبي ڏند ڪٿا ۽ ادبي روايتن جو تفصيلي احوال ڏنو آهي جن يونان جي فلسفي کي متاثر ڪيو ۽ ان جي اُسرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي . يونان جي مذهبي تصورن ۽ ادبي روايتن جو پس منظر پيش ڪرڻ کان پوء هن ڪتاب ۾ "ڏاهپ جو مقصد ۽ بنيادي سوال" جي موضوع تي "فلسفو ڇا آهي؟، ڏاهپ ڪٿين ماڻي سگهجي ٿي؟ فلسفو ڇو ۽ ڇا لاء؟ جهڙن سوالن تي بعث ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ مختلف ڏاهن جا رايا پيش ڪري انتهائي آساني سان انهن سوالن کي سمجهائي ٿوجئين هڪ ليکڪ هڪ هنڌ لکي ٿو ته " ڏاهپ کي ماڻڻ جو صحيح ڍڱ اهو آهي ته ڪي ڏاهپ پيريا ۽ فلسفياڻا سوال ڪيا وڃن(55) . يا ٻئي هنڌ لکي ٿو ته "فلسفو سچائي ڏانهن وڃڻ جو رستو آهي ." ان کان پوء اُن ئي باب ۾ ليکڪ فلسفي جي شاخن ۽ ان جي نظرين تي بحث ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ مغرب جي مختلف نظرين تي بحث ڪري ٿو جيڪو تمام اهم آهي ۽ ان کان پوء ليکڪ باب ٽيون کان باقاعدي سان يوناني فلسفي جي شروعات ڪري ٿو جنهن ۾ سڀ کان پهرين فلسفي جي ابي ٿاليس جو ذڪر اچي ٿو جنهن چيو هو ته " هي ڪائنات پاڻي مان پيدا ٿي آهي". ائين يونان جي هرڏاهي جي زندگي ۽ ان جي فڪر جو تفصيلي احوال آهي جيڪو پڙهڻ سان ۽ بار بار پڙهڻ سان ٿي

سمجهي سگهجي ٿو ۽ اُهي يوناني هئا جن جديد سائنس جو بنياد رکيو.تنهن ڪري اچو تہ پاڻ هن ڪتاب ۾ انهن ڏاهن جي خيالن مان ڪجھ خيال پيش ڪريون .

1) ٿاليس چيو ته هي ڪائنات پاڻي مان پيدا ٿي آهي . اينڪسميندر چيو ته هي ڪائنات" هوا، مٽي، پاڻي ۽ باھ لامعدود جوهر مان پيدا ٿيا آهن " ۽ وري اينڪسي مينس چيو ته" سمورا آسماني جسم باھ جا ٺهيل آهن."

2) پيٿاگورس چيو ته" عدد "ئي هن ڪائنات جي ماهيت آهي."

3) هيرا ڪليٽس جو خيال هو ته " هر شيء تحرڪ ۽ تبديلي ۾ آهي "هر پل درياء ۾ هڪ نئون وهڪرو آهي " تہ وري زينو فينس چيو ته " هر صبُح جو اڀرندڙ سج ساڳيو ناهي ".

4) پارمينائيڊس چيو ته" اسان جا حواس اسان کي دنيا جي اڻپوري تصوير ڏيکارين ٿا ."۽ وري زينو چيو ته ڪابہ ساڳئي شيء ٻن هندن تي نٿي ٿي سگهي.

5) مليس چيو ته" ڪائنات " ۾ ڪوبہ خالي پڙو ناهي. ."

ايمپيڊاڪليز چيو ته فطرت ۾ محبت ۽ جنگ بہ جدا قوتون آهن . پروٽاگورس چيو ته سمورين شين جو پئمانو انسان آهي ."

اهڙي ڪتاب ڏاهپ جي خزاني سان ڀريو پيو آهي جنهن ۾ يوناني ڏاهن جا عظيم خيال آهن جن تي ليڪ تفصيلي بحث ڪيو آهي جيڪي انسان جي تاريخ اعلي ورثو آهن جنهن تي مارڪس جهڙو مفڪر بہ حيران هو تنهن ڪري اچو ته هن هڻ وٺ، هل هنگامي ۽ سوشل ميڊيا جي فضول مقابلي جي ڊوڙ مان نڪري ڏاهپ ڏانهن موٽ ڪائون اهڙا عظيم خيال پڙهي پنهنجي ذهن کي وري هن ڪائنات ۽ سماج جي وڏن توڙي ننڍڙين سوالن تي سوچڻ تي آمادا ڪريون ڇوتہ پوري انسانذات جي بقا ڏاهپ ۽ علم ۾ ئي آهي.

# ”وجوديت جو فلسفو“ هڪ جائزو

ڪلاسيڪل يونان ۾ فلسفي جو موضوع ڪائنات هو ان دور جا ڏاها هن ڪائنات کي سمجھڻ ۾ تمام گھڻي دلچسپي رکندا هئا انهن هن ڪائنات جي قانونن ۽ ان جي جوهر کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهي ان ۾ گھڻي حد تائين ڪامياب بہ ويا.ان کان پوءِ فلسفي ۾ هڪ ٻيو دور اچي ٿو جنهن ۾ سقراط فلسفي ۾ انسان ۽ ان جي جذبن تي بحث ڪري ٿو ان فلسفي جو مقصد انسان کي سمجھڻ هو تنهن ڪري سقراط چوندو هو تہ ”پنهنجي پاڻ کي سڃاڻو“ ائين سقراط کان پوءِ انسان ۽ ان جي وجود، نفسيات ۽ ان جي جذبن تي مختلف ناولنگارن ۽ ڪهاڻيڪارن پنهنجي تخليقن ۾ بحث ڪيو خاص ڪري روس ۾ دوستووسڪي جي ناولن جو موضوع انساني نفسيات ۽ جذبا هئا جنهن ۾ دوستووسڪي مختلف فردن جي نفسياتي مسئلن ۽ جذبن کي پنهنجي ناولن جو موضوع بڻايو دوستووسڪي جا ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن نفسياتي مسئلن ۾ مبتلا هئا پر انسان جي پنهنجي وجود، انسان سان لاڳاپيل مسئلن.ان جي جذبن جي کي سمجھڻ جي فلسفياڻا تحريڪ اوڻويهين صدي ۾ اُڀري سامهون آئي جنهن کي ”وجوديت “ چيو وڃي ٿو جنهن جي شروعات ڊينمارڪ جي هڪ ڏاهي سورين ڪرڪيگارد کان ٿئي ٿي جنهن جو نندپڻ تہ تمام ڏکن ۾ گذريو پر هن جي پئدائس بہ هڪ وڏو گناهہ سمجھيو وڃي ٿو ڇوتہ هي پنهنجي ماءُ جو ناجائز اولاد هو هن جي پيءُ هن جي ماءُ سان زبردستي زنا ڪئي هئي جيڪا هن جي پيءُ جي گھر ۾ نوڪراني هئي,۽ ان گناهہ جي پڇتاءُ مان هن جو پيءُ پوري عمر نہ نڪري سگھيو جنهن جو اثر سورين ڪرڪيگارڊ تي بہ هو جيڪو پنهنجي پاڻ کي پوري عمر گناهگار سمجھندو رهيو ۽ پنهنجي پاڻ کي سنو عيسائي ثابت ڪرڻ لاءِ پوري عمر رياضتون ڪندو رهيو ۽ ان پڇتاءُ، ڏک ۽ روڳ هن کي انساني فڪري تاريخ جو هڪ وڏو فلسفي بڻائي ڇڏيو جنهنجي فڪر تي وجوديت جهڙي فلسفي جو بنياد پيو جنهن سرمائيداري دور جي انساني مونجهاري ۽ فرد جي ويڳاڻپ کي سمجھڻ جي پوري ڪوشش ڪئي . وجوديت جي فلسفي تي انگريزي توڙي اردو ۾ بهترين ڪتاب لکيا ويا آهن پر سنڌي ۾ ان موضوع تي ڪتاب اڻ لڀ آهن منهنجي نظر مان صرف هڪ ڪتاب گذريوآهي جيڪو بدر اجڻ جو لکيل آهي،هاڻي انهي موضوع تي نويد سنديلو جو ڪتاب وجوديت جو فلسفو آيو آهي جنهن ۾ وجوديت جي فلسفي ۽ فڪر تي تفصيلي بحث سان گڏوگڏ تيرنهن اهم وجودي ڏاهن جي زندگي ۽ ان جي فڪر جو مختصر تعارف آهي جيڪو اسان کي فلسفي جي هن اهم تحريڪ کي سمجھڻ ۾ وڏي مدد ڏي ٿو.

هي فلسفو يورپ جي صنعتي دور جي پيداور آهي جنهن ۾ ٽيڪنالاجي جي وڏي وڌڻ جي ڪري هڪ فرد ان سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي رحم ڪرم تي ٿي ويو جنهن ڪري هُو فطرت کان ڪٽجي ڌار ٿي ويو تنهن ڪري هڪ فرد ۾ ويڳاڻپ .مايوسي جهڙي ڪيفيت ۾ پيدا ٿي پئي ۽ ان ويڳاڻپ جي ڪري فرد پنهنجي شخصيت کان اڻ ڄاڻ ٿي پنهنجي پاڻ کي ئي وساري ويٺو وجوديت جي فلسفي فرد جي ان

ويڳاٽپ کي سمجهڻ جي پوري ڪوشش ڪئي . جئين ليڪ هن ڪتاب جي صفعي 14 تي لکي ٿو تہ”هي تحريڪ ان سماج خلاف اُڀري آئي جنهن ۾ فرد پنهنجي شخصيت وڃائي چڪي هئي، هو انبوهہ جي هڪ جز جي حيثيت سان زندگي گذاري رهيو هو .هن ان ڳالهہ کي وساري ڇڏيو هو فرد جي معني ڇا هوندي آهي،موت اهنج،فيصلو،محبت ء نفرت ڪهڙيون شيون آهن .“هي ڪتاب ٽوٽل سورنهن بابن تي مشتمل آهي جنهن ۾ پهرئين باب ۾ وجوديت جي فلسفي جو تعارف ۽ ان جي موضوع تي بحث ڪيو ويو آهي جنهن ۾ مجموعي طور تي هيٺيون نتيجو ڪڍيو آهي

هلندڙ دور جي سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جتي انساني زندگي کي وڏيڪ سُکي ۽ آسان بنائي ڇڏيو آهي اُتي ان ٻيا مونجهارا بہ پيدا ڪيا آهن .خاص طور تي غير يقيني جي صورتحال،ڳڻتي،نراسائي،ننڍڪائي ء ويڳاٽپ جهڙا نفسياتي،مونجهارا،جن جي چار جديد دور جو انسان ڦاٿل آهي ۽ انهن مان جند آجي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل نظر اچي ٿو.انهيءَ حوالي سان وجوديت واد ماڻهوء جي مونجهارن جا حل ڳولهڻ ۾ ڪافي حد تائين سفل وئي آهي،“

وجوديت فلسفي جي دنيا جو هڪ اهڙو نظريو آهي جنهن مطابق هي بي معني دنيا ۾ انسان آزاد ۽ پنهنجن عملن جو پاڻ جوابدار آهي .

وجوديت روايتي فلسفي ء جديد سماجي نظام جي خلاف ڀرپور بغاوت آهي .

وجوديت ڪُلي طور انسان کي ان ڳالهہ تي زور ڏياري ٿو تہ هُو پنهنجي وجود کي سمجهي ء بيان ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري .

وجودي انسان جي ڳڻتي،نراسائي،خوف، غلطيءَ جي احساس، پڇتاءُ،اڪيلائيءَ جي احساس ء انسان جي محدود پڻي ء ”مون“ جهڙن مسئلن سان منسلڪ آهن .

وجوديت بنيادي طور انساني وجود کي سجهڻ جي ڪوشش آهي هنن جو چوڻ آهي تہ وجود جوهر کان پهرئين آهي .

وجودي فلسفين مطابق پيڙا يا ڳڻتي انساني وجود جي سڀ وڏيڪ بنيادي ۽ ڪائنات گير حالت آهي .

وجودي سمجهن ٿا هي وجود بي مقصد وجود آهي تنهن ڪري اهي پنهنجن ناولن ناٽڪن ۾ بہ پنهنجي ڪردارن کي بي مقصد زندگي گذاريندي ڏيکارين ٿا جئين البرٽ ڪاميو جي ناول اجنبي ۾ ڏيکاريل آهن . انسان جو وجود نيستي يا فنا آهي .

وجودي فلسفي موت کي اهم موضوع سمجهن ٿا ۽ ان تي بحث ڪن ٿا.جئين موت ڇا آهي؟ تي صفعي 52 تي ليڪ سارتر جو خيال ڏنو آهي تہ ”موت منهنجو مڪمل عدم وجود آهي .موت بہ اهڙو واحيات

آهي جهڙو ڇم،اهو منهنجي حياتي جي ڪائيءِ قطئي ۽ حقيقي گهڙي نہ آهي،اهو منهنجي شعوري هستي ۽ جي وجود کي ميسارڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ ناهي،موت وجود بيهودگي لاءِ ٻيو شاهد آهي "

وجودي فلسفي انسان جي ويڳاڻپ تي پڻ بحث ڪن ٿا وجودين جي خيال مطابق اسان شين جي دنيا ۾ گهيريل آهيون جيڪي اسان کي مبهم ۽ ڏنڌليون نظر اچن ٿيون ۽ جن کي اسان سمجهي نٿا سگهون،خود سائنس اسان کي فطرت کان ويڳاڻو ڪري ڇڏيو آهي .

ائين ليڪ پهرئين باب ۾ وجوديت جي موضوع ۽ ان جي وصف تي بحث ڪرڻ ڪانپوءِ تيرنهن وجودي ڏاهن جي زندگيءَ ۽ ان جي فڪر ۽ فلسفي تي بحث ڪري ٿو جنهن جو اچو تہ مختصر جائزو وٺون .

جئين تہ وجوديت جي فلسفي جي شروعات سورين ڪرڪيگارڊ کان ٿئي ٿي تنهن ڪري ليڪ بہ سڀ کان پهرئين سورين ڪرڪيگارڊ جي زندگي ۽ ان جي فلسفي جو جائزو آهي جنهن ۾ ليڪ جو خيال آهي تہ هي فلسفي اصل ۾ ڳٽتي جو ڳاريل هو هي سڄي عمر پنهنجي پيءُ جي ڪيل ۾ سڙندو ۽ پڇرندو رهيو،ڪرڪيگارڊ جو خيال هو تہ سچ هر ماڻهو جي داخليت ۾ آهي هر ماڻهو جيڪو سوچي ٿو ۽ صحيح سمجهي ٿو اهو ئي اهو سچ آهي تنهن ڪري هر ماڻهو لاءِ زندگي ۾ ذهن جي آبياري ڪندو رهي،ڪرڪيگارڊ انساني شخصيت يا ذات جي اوسر جو جون ٽي منزلون جمالياتي،اخلاقي،مذهبي ٻڌايو آهن جنهن ۾ جمالياتي منزل ۾ ماڻهو تي جذبا ۽ نفساتي خواهشون ڇانيل رهنديون آهن .

ٻئي منزل اخلاقي منزل ۾ هڪ فرد سماجي ۽ اخلاقي ذميوارين کي سمجهي ٿو ۽ انهن کي نڀائي ٿو ڪرڪگارڊ مطابق هن منزل ۾ فرد جمالياتي حُسن پسي ٿو۽ عالمي انسان جي درجي تي پهچي ٿو.

ان ڪانپوءِ ٽئين منزل کي سورين ڪرڪيگارڊ مٿانهين منزل سمجهي ٿو هن منزل ۾ ڪرڪيگارڊ پنهنجي پاڻ کي خدا جي سامهون بيٺل ڏسي ٿو .

روسي وجودي بردوف انسان ڇا آهي؟ جي سوال تي سوچ ويچار ڪيو ۽ هن آزادي جو نظريو پيش ڪيو جنهن م هن جبر جون تصور ڏنو جنهن ۾ هن جو خيال هو تہ هن انسان جي روزاني زندگي جي ڪاروهنورا ۾ انسان تي فطرت، سماج،تهذيب ۽ تاريخ جو جبر اثرانداز ٿئي ٿو ۽ هڪ فرد جي شخصيت جي اوسر ۾ اهي جبر ڪردار ادا ڪن ٿا تہ اهي جبر انسان جي آزادي ۾ رڪاوٽ بہ وجهن ٿا .

فريڊرڪ نتشي مثالي انسان جو نظريو ڏنو

هائيدگر چيو تہ انسان آزاد آهي ۽ هن وٽ پنهنجو فيصلو ڪرڻ جي سگھ آهي . هن چيو تہ انسان سچائي سرجيندڙ آهي .

سارتر چيو تہ انسان هڪ بي معني ڪائنات ۾ اچي ٿو ۽ پنهنجي پرسرار شعور سان هن ڪائنات کي رهڻ لائق بڻائي ٿو هن جو خيال هو تہ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف وڙهڻ بہ نيڪي جو ڪم آهي .

البرٽ ڪاميو چوندو هو تہ انسان جي زندگي ڪل جهڙي ۽ واهيات آهي،هڪ انسان هن دنيا ۾ اچي ٿو ۽ پنهنجي زندگي روزمره جي فضول ڪمن ۾ گذاري ٿو ڇڏي .

ائين هن ڪتاب ۾ مختلف ڏاهن جي زندگي ۽ نظرين تي بحث ڪرڻ کانپوءِ ليکڪ ادب ۾ وجوديت پسندي جي ڪردار تي بحث ڪري هن ڪتاب جي پڄاڻي ڪري ٿو،هي ڪتاب بنيادي طور جي وجوديت تي سنئو بحث آهي جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ وجوديت کان واقف ٿئي ٿو ۽ ان کي سمجهڻ جي پوري ڪوشش ڪري ٿو تنهن ڪري فلسفي جي شاگردن کي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي، پر هن ۾ تنقيد جي کوٽ نظر اچي ٿي ڇوتہ هن فلسفي تي مارڪسي خيالن جي ماڻهن جا سخت اختلاف آهي هن جو گهڻو زور فرد تي هو هن فلسفي اجتماعيت کي رد ڪيو ۽ وجودي فلسفي مايوسي کي تمام گهڻو پکيڙيو ۽ گهڻن ڏاهن جو خيال آهي تہ وجوديت يورپ ۾ صوفي ازم جو ناڪام تجربو هو تنهن ڪري هن جو تنقيدي جائزو وٺڻ ضروري آهي اُميد تہ ٻئي ڇاپي ليکڪ ان جو تنقيدي جائزو ضرور وٺندو .

# يورپ جي ترقي ۽ عروج

تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان اسان کي خبر پوي ٿي تہ يورپ ڪنهن دور ۾ تمام گهڻو پنتي پيل ڪنڊ هو ۽ ايشا ان دور ۾ تمام گهڻو ايڊوانس هو جنهن وقت يورپ اونداهي دور مان گذري رهيو هو تنهن وقت ايشا علم ادب،واپار،ثقافت جو پوري دنيا ۾ مرڪز هو .ٻارهين تيرهين صدي ۾ يورپ ۾ مذهبي بنياد پرستي پوري يورپ تي حاوي هئي،ماڻهو جي خيالن سوچن، علم،ادب فلسفي تي بندش هئي آزاد خيال ماڻهن،مفڪرن،اديبن،شاعرن جي سيڪيولر خيالن جي ڪري انهن کي سزائون ٿي مليون . پر آهستي آهستي يورپ ان اونداهي دور، بنياد پرستي ۽ جهالت کي شڪست ڏني ۽ پوري دنيا جي هڪ وڏي طاقت ٿي اُڀريو.يورپ ۾ جو علم سائنس،فلسفي،پوري دنيا کان اڳتي نڪري آيو ويندي ايشا بہ پٺتي رهجي ويو ۽ اڄ هر ملڪ توڙي ماڻهو جو رول ماڊل يورپ،ان جاملڪ آهن پوري دنيا ۾ يورپ جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو ڏاڪو آهي .اهو سڀ ڪئين ٿيو؟ يورپ ترقي ڪري دنيا اڳتي ڪئين نڪري ويو؟ ڪهڙا سبب ۽ ڪهڙيون قوتون هيون جن يورپ کي عروج تي پهچائي ڇڏيو؟ ان سوالن تي دنيا جي مختلف مفڪرن،۽ تاريخ دانن سوچ ويچار ڪري پنهنجا نظريا پيش ڪيا آهن جن مان هڪڙن مفڪرن يورپ ترقي جا سبب يورپ ۾ يونان جو آيل،علم،فلسفو۽ سائنس ڄاڻايو آهن تہ ڪن يورپ جي ترقي جو سبب ان جون اندروني،حالتون ۽ آبهوا ڄاڻايو آهي .اُن ئي حوالي سان ڊاڪٽر مبارڪ جو ڪتاب ”يورپ جو عروج“بہ اهم آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب يورپ جي ترقي ۽ عروج تي دنيا جي مختلف مفڪرن پاران ڏنل نظرين تي بحث آهي، هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر دنيا جي مختلف مفڪرن جي نظرين کي بحث هيٺ آڻي ٿو جنهن مان هڪ نظريو ڊيوڊ ايس لانڊس جو ”يورپي مرڪزيت “جو نظريو آهي جنهن مطابق يورپ جو ترقي جو سبب يورپ جون اندروني حالتون،يورپ جي ماڻهن جو تخليقي صلاحيتون،يورپي ماڻهن جي پنهنجي جدوجهد جو نتيجو آهي ۽ يورپ جي ترقي ۾ ٻئي ڪنهن قوم جي علم،فلسفي ۽تهذيب جو ڪوبہ اثر نہ آهي، پنهنجي ان نظريئي کي ثابت ڪرڻ ان مفڪر مختلف دليل ڏنا آهن، جنهن ۾ان جو خيال آهي تہ يورپ جي ترقي جو هڪڙوسبب ان جي آبهو آهي، ڊيوڊ لانڊس جو خيال آهي تہ يورپ جي آبهو ٿڌي آهي جنهن سبب جي ڪري يورپ جي ماڻهن ۾ ذهني صلاحتيون وڌيڪ آهن ۽ انهن ۾ محنت ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ آهي۽ ان جي نسبت ۾ ايشا ۽ آفريڪا جي آبهوا جي موسم گرم آهي تنهن ڪري انهن ۾ محنت ڪرڻ جي قوت گهٽجي ٿي ٻيو تہ سخت سيءَ جي ڪري يورپ جي ملڪن ۾ بيڪٽريا ۽ ٻيا جراثيم تمام گهٽ پکڙجن ٿا جنهن ڪري يورپ ۾ وبائون گهٽ ٿيون آيون جنهن ڪري انهن ۾ وبائن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت تمام گهٽ آهي تنهن ڪري انهن انهن وبائن کان بچاءُ لاءَ مختلف طريقا ۽ دريافت ڪرڻ، ۽ دوائون ٺاهڻ شروع ڪيا . ان کانسواءِ هن

مفڪر يورپ جي ترقي جو اهو دليل ڏنو آهي تہ مشرق جي ملڪن ۾ پاڻي تي حڪومتن جو ڪنٽرول رهيو آهي جنهن ڪري عوام حڪمرانن جي تسلط هيٺ رهي ۽ انهن ۾ آزادي جو احساس گهٽ هو پر يورپ ۾ بارشون تمام گهڻيون پون ٿيون، حڪومتن جو پاڻي تي ڪوبہ ڪنٽرول ناهي رهيو تنهن ڪري يورپ جا ماڻهو آزاد هئا .

ان ڪانپوءِ هي مفڪر ٽيون دليل يورپ جي گهٽ آبادي هجڻ جو ڏي ٿو جنهن مطابق يورپ ۾ شادي دير سان ڪرڻ جو رواج آهي ۽ آبادي کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جو رواج هو جنهن سبب جي ڪري انهن ملڪن ۾ غربت گهٽو نہ وڌي سگهي پر مشرق جي ملڪن ۾ آبادي وڌي وڃڻ جي ڪري ڪاڌي خوراڪ کوٽ رهي ٿي جنهن سبب اُتي غربت وڌڻ جي ڪري اُهي ملڪ ترقي نٿا ڪن .ان ڪانسواءَ هي مفڪر يورپ جي عروج جو سبب رومي سلطنت جو زوال ۽ يورپ جو ٽڪرن ۾ ورهائجن ڏي ٿو روم جي زوال سبب يورپ جي ملڪن تي رومي احتصال گهٽجي ويو ۽ منگول ۽ ترڪ حملي پوري يورپ کي فتح نہ ڪري سگهيا ٿي . يورپي مرڪزيت پسند مفڪر لانڊس جو پڻ اهو خيال آهي تہ يورپ ۾ نون شهرن جو قيام ۽ بائبل جي تعليم پڻ يورپ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ان ڪانپوءِ هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر مبارڪ هڪ ٻئي مفڪر فرنالڊ بروڊل جو نقطہ نظر کي بحث هيٺ آڻي ٿو .فرنالڊ بروڊل جي خيال مطابق يورپ جي هڪ اهم سبب اهو بہ تہ يورپ جي ملڪن هڪ ٻئي علم ادب، فلسفي،سائنس،موسيقي، آرٽ ۽ ثقافت کي اهميت ڏني،اهو سبب آهي تہ يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ ڪابہ علمي ادبي،فڪري،يا سياسي تحريڪ هلندي هئي تہ اها تحريڪ تمام جلد يورپ جي ٻين ملڪن ۾ پهچي ويندي هئي .جيئين يورپ جي هڪ ملڪ اٽلي ۾ فلسفي جي تحريڪ ٿي تہ ان جو اثر پوري يورپ تي پيو. ان ڪانسواءِ هن مفڪر جو خيال هو تہ يورپ ۾ فرد جي آزادي جي تمام گهڻي اهميت هئي جنهن سبب يورپ ۾ فرد جي آزادي جون تمام گهڻيو ن تحريڪون هليون، جن پڻ يورپ جي ترقي اهم ڪردار ادا ڪيو .فرنارڊ برڊل جو اهو پڻ خيال هو تہ يورپ جي ترقي جو هڪ سبب اهو پڻ هو تہ يورپ ۾ جيڪي رياستي قانون آيا اهي انسان جا ناهيل هئا جنهن کي چيلينج ڪرڻ عام ماڻهو لاءَ تمام سولو هو تنهن ڪري يورپي عوام حڪمراني تي سوال ڪري سگهندا هئا انهن تي تنقيد ڪري سگهندا هئا ۽ ان کي تبديل بہ ڪرائي سگهيا ٿي پر مشرقي ملڪن ۾ سيني الهامي هئا تنهن ڪري انهن کي چيليج ڪرڻ ۽ تبديل ڪرڻ تمام ڏکيو هو تنهن ڪري مشرق پنتي رهجي ويو ۽ يورپ اڳتي نڪري ويو.

ان ڪانپوءِ ٽيون نقطہ نظر جي ايم بلاٽ جو آهي هي مفڪر يورپي مرڪزيت جي نقطہ نظر کي رد ڪري ٿو ۽ هن جو خيال آهي تہ يورپ جي ترقي جو اهم سبب آمريڪا جي دريافت آهي . آمريڪا جي دريافت سان يورپ جا واپار جا دروازا کلي ويا جنهن سبب يورپ ۾ صنعتي ترقي ٿي ۽ سرمائيداري ترقي ڪئي جنهن سبب يورپ ۾ جاگيرداري خاتمو اچي ويو ۽ يورپ هڪ نئون بوزوازي طبقو پيدا ٿيو جنهن يورپ جي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

انهن ٽن نظرين جو جائزو وٺڻ کانپوءِ ڊاڪٽر مبارڪ هن ڪتاب ۾ هڪ ٻئي نقطه نظر جو پڻ جائزو وٺي ٿو جيڪو گنٽر فرانڪ جو نقطه نظر آهي جنهن جو خيال هو تہ يورپ جي ترقي کي عالمي اقتصادي تاريخ جي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي هن جو خيال آهي يورپ جي سرمائيداري کان اڳ بہ دنيا ۾ هڪ عالمي اقتصادي نظام هو جيڪو 1400ع کان 1800ع تائين هو ان دور ۾ يورپ وٽ تجارت ايڏي وسيع پيماني پکڙيل نہ هئي ۽ هو پنهنجو واپار آفريقا، کان آمريڪا، آمرڪا کان ايشيا،ايشيا کان آمريڪا ۽ آفريڪا جي رستن جي ذريعي جاپان ۽ ملڪن سان واپار ڪندو هو ۽ سترنهين صدي ۾ يورپ ۾ جيڪا ٽيڪنالاجي جو ارتقا ٿيو ان ۾ مشرق جو وڏو ڪردار هو. تنهن ڪري هي مفڪر پڻ يورپي مرڪزيت پسند جي نظريئي کي رد ٿو ڪري. ائين هن ڪتاب ۾ يورپ جي ترقي ۽ عروج حوالي سان مختلف مفڪرن جو نقطه نظرن تي بحث ڪري ڊاڪٽر صاحب ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ يورپي مرڪزيت جو نظريو وڏاءَ ۽ يورپين جو پنهنجي پاڻ کي اعلي ڪري پيش ڪرڻ آهي يورپ جي ترقي ۾ ڪئين جو بہ اهم ڪردار آهي جنهن کي تاريخ دانن کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي، پر هن هڪ ٻئي بہ اهم ڳالهہ ڪئي وئي آهي اُها هي تہ مارڪس جهڙو اهم مفڪر مارڪس بہ "يورپي مرڪزيت"نقطه نظر جي خيال جو هو جنهن کي پڻ هن ڪتاب ۾ رد ڪيو آهي. تنهن ڪري هي موضوع وري بہ تحقيق طلب آهي اسان جهڙن پنتي پيل ملڪن کي يورپ جي علم،ادب، فلسفي،سائنس ثقافت کان سکڻ گهرجي ان جي ترقي جي سببن کي سوچڻ،سمجهڻ ۽ ان جي تجربن مان فائدون حاصل ڪرڻ گهرجي.

# ڪائنات، زندگي ۽ انسان

انسان هن ڪائنات جي اها واحد مخلوق آهي جنهن ۾ سوچڻ جي صلاحيت آهي هُو ڪائنات جي هر لقاءُ تي سوچي ٿو ۽ اُن تي پنهنجا تصور ٺاهي ٿو ائين انهي سوچڻ واري خاصيحت جي ڪري ئي اوائلي انسان ڪائنات جي مختلف لقائن ۽ رونما ٿيندڙ واقعن تي ڏڪا هنيا ۽ پنهنجا تصور ٺاهيا ائين انهن تصورن تي انسان پنهنجا مذهب تخليق ڪيا ۽ اڳيان انهن تصورن جي بنياد فلسفو ۽ سائنس پيدا ٿيا .

فلسفين ۽ سائنسدانن انسان جي انهن سوالن تي ويچار ڪيو تہ هي ڪائنات ڪٿان آئي آهي؟ ڇا هن جو ڪو تخليقار آهي؟ يا هي ڪائنات ڪنهن حادثي جو سبب آهي؟ هن ڪائنات ۾ زندگي جو وجود ڪئين ٿيو؟ انسان ئي هن ڪائنات جي منفرد تخليق ڇو آهي؟ ڪائنات، ڌرتي جي اهڙن سوين سوالن تي فلسفين ۽ سائنسدانن پنهنجي سوچ ويچار، پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي مختلف نظريا پيش ڪيا آهن جن کي سمجهڻ اسان جو اولين فرض آهي ڇوتہ اهي نظريا اسان کي مختلف وهمن، وسوسن، ڏندڪٿائن ۽ جهالت تي مشتمل خيالن مان جان آجي ڪرائن ٿا ائين اسان جا گهڻا ڏُک دور ٿين ٿا .

سنڌي ۾ سائنس جي انهن موضوعن ڪتاب لکيا ۽ ترجما پڻ ڪيا ويا آهن ان حوالي سان سنڌي ۾ سائنسي موضوعن تي ڊاڪٽر سڪندر مغل جو غير معمولي پورهيو آهي جنهن اسان کي سائنس تي ارتقا جي ڪهاڻي، زندگي، رنگ رنگي بنا يا، ازلي حقيقت جي ڳولا، جهڙا بهترين ڪتاب ڏنا تازو ئي ان سلسلي ۾ ”ڪائنات،زندگي ۽ انسان“ ڪتاب آيو آهي، جنهن جو موضوع ڪائنات، ان جي ابتدا بگ بئنگ،اسان جي ڌرتي، ڌرتي تي زندگي جي شروعات، ارتقا، انساني ڊي اين اي، انساني دماغ ۽ اُن جي ارتقا انساني شعور ۽ ڪائنات ۽ انسان سان لاڳاپيل ٻيا انتهائي دلچسپ موضوع آهن . هي ڪتاب ٽوٽل ستن بابن تي مشتمل آهي .جنهن ۾ ليکڪ پهريون باب ۾ ڪائنات ۽ ان سان لاڳاپيل نظرين تي بحث ۽ انهن تي تنقيد ڪري ٿو جنهن ۾

ڪائنات جي ابتدا واري سوال تي ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي تہ هن ڪائنات جي باري ۾ اوائلي ماڻهو اڻ ڄاڻ هو تنهن ڪري اُن هن ڪائنات جي باري ۾ مختلف ڏُڪا هڻڻ شروع ڪيا ائين هن ڪائنات جو تخليق وارو نظريو وجود ۾ آيو پر اڳتي هلي سائنسدانن ڪائنات جي ابتدا واري سوال تي سوچ ويچار شروع ڪيو ۽ انهن هن ڪائنات ۽ ان ڪهڪشائن جو مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ اهو نتيجو ڪڍيو تہ هي ڪائنات ڦهلجي رهي آهي ۽ هن ڪائنات جون ڪهڪشائون هڪ ٻئي کان پري ٿي رهيو آهن تنهن جو مطلب تہ اهو ٿيو ڪنهن دور ۾ اهي سڀ ڪهڪشائون هڪ ٻئي سان ڳتيل هيون ۽ ضرور ماضي ۾ ڪو حادثو ٿيو هوندو جنهن ڪري اهُي ڪهڪشائون هڪ ٻئي کان پري ٿيڻ لڳيون ۽ ڪائنات ڦهلجڻ لڳي ۽ ان حادثي کي سائنسدان“ بگ بئنگ“ جو نالو ڏين ٿا هاڻي سوال آهي ته “ بگ بئنگ ڇا آهي؟ ان سوال جو جواب ۾ ڊاڪٽرصاحب صفعي ارڙنهن تي لکي ٿو تہ “ا ُهي پروٽان، نيوٽران، ۽ ڪاري مادي جي ذرڙن جا تعمراتي جزا هئا “يا صفعي ايڪتيه تي لکن ٿا ته “ ڪهڪشائن جي هڪٻئي کان پري

ٿيندي وڃڻ جي سائنسي ثبوتن هٿ اچڻ کانپوءِ سائنسدانن عام منطق استعمال ڪندي هي دليل ڏوڙايو ته جيڪڏهن اڄ ڪهڪشائون هڪٻئي کان پري ٿي رهيون آهن. ته پوءِ ماضي ۾ ضرور ڪنهن لمحي تي اهي سڀ گڏ هونديون. اهڙي طرح ڪائنات ۾ موجود سموري مادي کي هڪ هنڌ ڪنو ٿيل تصو ڪيو ويو ۽ اُن ڪني ٿيل مادي جي سائيز هڪ پروٽان جي سائيز جيتري ننڍڙي ڀڙائي وڃي ٿي. اهو ڪائناتي ذرو پوءِ هڪ زودار ڌماڪي سان ڦاٽي پيو.ان ڌماڪي جي لمحي کي بگ بئنگ سڏيووڃي ٿو".ان کانپوءِ ليکڪ هن ڪتاب ۾ ڪائنات جي ڦهلجڻ وارن مرحلي تي تفصيل سان لکي ٿو جنهن کان پوءِ ڪائنات جي بگ بئنگ نظريئي تي تنقيد پڻ ڪري ٿو جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب اهو سوال اُٿاري ٿو ته جيڪڏهن هن ڪائنات جي ابتدا بگ بئنگ کان ٿي ته پوءِ سوال آهي ته بگ بئنگ ڪٿي ٿيو؟ ڇا بگ بئنگ کان اڳ ۾ زمان ۽ مڪان هو؟ اُتي بگ بئنگ نظريئي جا فلڪياتدان ڪوبه جواب نٿا ڏين بلڪ چون ٿا ته " زمان ۽ مڪان جو وجود پڻ بگ بئنگ کان پوءِ ٿيو "ان نقطي کي سمجهائيندي ڊاڪٽر صاحب صفعي ستاويه تي لکن ٿا ته " ڇاڪاڻ ته موجوده سائنسي اوزارن / فلڪياتي ماهرن کي اها اجازت نٿا ڏين ته هوُ پوئتي ڪائنات جمڻ ڏانهن جهاتي پائي سگهن ان ڪري بگ بئنگ متعلق اسان جي گهٽي ۾ گهٽي ڄاڻ رياضياتي فارمولن ۽ ماڊلن منجهان حاصل ٿئي ٿي پر انهن فارمولن ۾ ڪن سائنسدانن مطابق 18 رياضياتي غلطيون آهن ". يا وري وڏيڪ لکن ٿا ته بگ بئنگ جو نظريو هڪ ديومالائي تخليقي ڪهاڻي جيان ) جئين بائبل جي ڪتاب پئدائش جي ڪهاڻي (لڳندو آهي هن نظريئي مطابق ڪائنات 15 ارب سال پهرئين وجود ۾ آيل آهي اُن کان اڳ نه ڪا ڪائنات هئي نه ڪو مادو هو نه ڪو زمان ۽ نه ڪو مڪان هو ان وقت سمورو مادو هڪ نقطي تي مرڪوز ٿيل هو".

جڏهن ڪائنات جو آغاز ٿي سگهي ٿو ته لازمي آهي ته ڪائنات جو خاتمو پڻ ٿيندو تنهن ڪري سائنسدانن ڪائنات جي خاتمي تي سوچ ويچار شروع ڪئيءِ انهن پنهنجن مشاهدن تي پنهنجا نظريا اخذ ڪيا آهن جن تي پڻ هن ڪتاب ۾ بحث ڪيو ويو آهي. جيڪي هي آهن.

(1)جهڙي طرح هي ڪائنات ڦهلجي رهي آهي هڪ ڏينهن هن ڪائنات جو ڦهلاءُ رڪجي ويندوءِ هن ڪائنات جون سموريون ڪهڪشائون پاڻ ۾ گڏ ٿي پيسجي ويندين ۽ سڀ ڪجه تباه ٿي ويندو جنهن کي "مها پيه ( Big crunch) جو نظريو چئجي ٿو.

(1) ڪجه سائنسدانن جو خيال آهي ته گهٽي ڦهلاءُ جي ڪري هڪ ڏينهن عدم ۾ گُم ٿي ويندي.

(2) گرمي جي ٻئي قانون مطابق وقت گذرڻ سان ڪنهن به سرشتي ۾ بدنظمي .(Entropy) وڌندي ويندي آهي مثال طور هڪ گرم شيءَ آهستي آهستي ٿڌي ٿيندي ويندي آهي ۽ نيٺ اُن جو گرمي جو درجو ٻهه پنهنجي ماحول جيترو ٿي ويندو آهي .ڪائنات کي به جيڪڏهن هڪ سرشتو سمجهجي ته ڪائنات به

پنهنجي گرمي خارج ڪري رهي آهي ۽ اُن ۾ بدنظمي وڌندي وڃي ٿي. جيڪا نيٺ هڪ ڏينهن انُ مان حرڪت ختم ڪري ڇڏيندي ۽ اهڙي طرح ڪائنات جوحرارتي موت اچي ويندو.

"مها پيھ " جي نظريعي جي خالق سائنسدان پال ڊيوزجي ڪتاب آخري منٽ جو حوالو ڏيندي ليڪ لکي ٿو" جيسيتائين اسان سمجهي سگهيا آهيون بگ ڪرنچ ) مها پيھ ( رڳو مادي جو خاتمو ناهي اهوهر شيءِ جو خاتمو آهي ڇو تہ بگ ڪرنچ جي موقعي وقت بذات خود ختم ٿي ويندو. اهو پُڇڻ بي معني آهي تہ پوءِ ڇا ٿيندو بلڪل اهڙي طرح جيئن پڇجي تہ بگ بئنگ کان پهريان ڇا ٿيو .هڪ ڪائنات جنهن جو آغاز بگ بئنگ جي وقت عدم مان ٿيو هو بگ ڪرنچ جي وقت ٻيهر عدم ۾ غائب ٿي ويندي "

هاڻي سوال آهي ته جڏهن ڪائنات عدم ۾ گُم ٿي ويندي ته پوءِ انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي اُتي پال ڊيويزجي نظريئي مطابق ته ڪائنات جي خاتمي کان پوءِ انسان هڪ خالص روح بڻجي وڃي ٿو جيڪو ان قابل هوندو تہ پاڻ کي "اعلي دماغ.(Super Brain) " ۾ تبديل ڪري هر شيءِ جي خاتمي مان بچي وڃي، مطلب ته هي نظريو پوري طرح هڪ خيالي نظريو آهي .تنهن ڪري ليڪ ان تي تنقيد ڪري ٿو ۽ اينگلس جو سائنسدانن جي حوالي سان اهو تجزيو پيش ڪري ٿو جيڪو بلڪل اڄ جي سائنسي نظرين تي ٺهڪي اچي ٿو جنهن ۾ اينگلس چيو هو تہ فلسفي کان منهن موڙڻ جي نتيجي ۾ سائنسدان يقينن روحاني دنيا ۾ وڃي پهچندا ". تنهن ڪري ليڪ خيال آهي ته هي سڀ نظريا خيالي نظريا آهن انهن جو حقيقت سان ڪوبہ واسطو ناهي بلڪہ حقيقت اها جيڪا جدلياتي ماديت فطرت جا اصول ٻڌائي ٿي جنهن مطابق مادو ۽ توانائي ڪڏهن بہ فنا نٿا ٿي سگهن بلڪہ اهي پنهنجي صورت تبديل ڪري سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ ليڪ هن ڪتاب ۾ بگ بئنگ جي هڪ ٻئي متبادل نظريئي جو پڻ جائزو وٺي ٿو جيڪو پلازما ڪائنات جونظريو آهي ائين هن ڪتاب جي پهرئين باب ۾ ڪائنات، ان جي ابتدا ۽ انتها جي نظرين تي سادي ٻوليءَ هڪ وڏو بحث آهي جيڪواسان کي هن ڪائنات کي سمجهڻ ۾ وڏي رهنمائي ڪري ٿو. ان ڪانسواءِ هن ڪتاب جي " باب ٻيو " اسان جي ڌرتي هن تي ڪشش ثقل جي ڪردار ۽ اهميت تي پڻ لکي ٿو تہ هن ڌرتي تي ٻوٽن جي ڪاڏي ناهڻ واري عمل روشنائي ترڪيب جي اهميت کان پڻ اسان واقف ڪري ٿو جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ جيڪڏهن ٻوٽن جوهي روشنائي ترڪيب وارو عمل رڪجي وڃي تہ هي دنيا بلڪل خُشڪ ۽ پريانگ ٿي ويندي جيئن هيئنر چنڊ آهي پوءِ به اسان ڌرتي تي وڻ ۽ ٻوٽا ڪٽڻ کان نٿا مڙون هن ڌرتي تي هنن ٻوٽا هجڻ سان ئي اسان هونداسين ۽ هتي زندگي هوندي.ا اُن ڪانسواءِ ليڪ هن ڪتاب جي مختلف بابن ۾ ڌرتي ۽ ان تي زندگي جي نمودار ٿيڻ کان ويندي ان جي بنياد جيوگهرڙي، ڊي اين اي ۽ جين تي هڪ وڏو بحث ڪري ٿو ۽ انهن جي اهميت کان پڻ اسان کي واقف ڪري ٿو تہ انساني دماغ، ذهانت ڇا آهي، انسان جي ارتقا ڪئين ٿي ۽ اها ارتقا اڄ بہ جاري آهي، ۽ انساني شعور تي تمام سادي ۽ سولي سنڌي ۾ اسان کي ڄاڻ ڏي ٿو جنهن کي پڙهڻ سان اسان سائنس ۽ فلسفي جي قديم توڙي جديد بحثن کان واقف ٿيون ٿا جيڪي اسان کي انڌي

تقليد کان ڏورڪن ٿا ۽ اسان ۾ سائنسي سوچ پيدا ڪن ٿا تنهن ڪري هي ڪتاب سنڌ جي هر ماڻهو کي ضرور پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجي.

# انسان جي سماجي ارتقا

جنهن وقت ڊارون ارتقا جو نظريو ڏنو هو تڏهن هر عام توڙي خاص ماڻهو کي هن ڪائنات، سماج ۽ انسان بابت پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڏنل خيالن، سوچن ۽ نطرين تي يقين هو ۽ جڏهن ڊارون پنهنجو ارتقا جو نظريو پيش ڪيو تڏهن ڪند ذهن ۽ پراڻ پسند ماڻهن هڪڙو وڏو ممڻ مچائي ڇڏيو هو پر وقت ڊارون جو نظريو صحيح ثابت ڪيو. ڊارون پنهنجي نظريئ جو بنياد،جانورن ۽ انسان تي رکيو پر اڳتي هلي ٻين سائنسدانن ڊارون جي نظريئي کي اڳتي وڌايو ۽ ان ۾ واڌارو ڪيو ۽ جديد دور جا سائنسدان انسان جي سماجي ارتقا تي پڻ ڪم ڪري رهيا آهن. هن ڌرتي تي زندگي جي شروعات ڪئين ۽ ڪڏهن ٿي؟ هن ڌرتي تي انسان جو وجود ڪڏهن ٿيو؟ انسان جي شروعاتي زندگي ڪئين هئي؟ ان جي رهڻي ڪهڻي، خوراڪ ڪهڙي هئي؟ انهن سماج ڪئين اڏيو؟ اوائلي انسان وٽ شعور ۽ عقل ڪئين آيو؟ ۽ ان پنهنجي ارتقا جي ڪيترا ڏاڪا ته ڪيا؟ ۽ ان ڪهڙن مصيبتن کي ڪئين ۽ ڪهڙي طريقي سان منهن ڏنو؟ اهڙا ٻيا ڪيترا ئي سوال آهن جن تي دنيا جا اينٿروپالجسٽ ۽ تاريخدان ڪم ڪري رهيا آهن ۽ انسان جي بڻ بنياد ۽ان جي ارتقا تي پنهنجا خيال پيش ڪري رهيا آهن جنهن ۾ ان موضوع تي يووال نوح حراري جي ڪتاب بہ لکيل آهن جن تي پڻ هڪ وڏو بحث ٿيو جيڪي پڻ انسان جي ماضي، حال ۽ مسقبل جي سماجي ارتقا تي بحث ڪن ٿا سنڌي ۾ سائنس جي اهڙن موضوع تي ڊاڪٽر سڪندر مغل جا سنا ڪتاب لکيل آهن جنهن " ارتقا جي ڪهاڻي، رنگ رنگي ٻٽايا، زندگي، ازلي حقيقت جو ڳولا ۽ ڏاهپ جو اڀياس لکي اسان کي سائنس جي اهم موضوعن تي بنيادي ڄاڻ ڏني تازو ان جو انسان جي سماجي ارتقا جي موضوع تي لکيل نئون ڪتاب " انسان جي سماجي ارتقا " آيو آهي، جنهن جا ٽوٽل ڇهه باب آهن جن ۾ ڊاڪٽر صاحب انسان جي سماجي طور ارتقا ڪئين ٿي؟ ۽ ان ارتقا دوران انسان ڪهڙا ڏاڪا ته ڪيا؟ ۽ انهن ارتقائي ڏاڪن دوران انسان ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون؟ ان جا شروعاتي مذهبي عقيدا هئا ۽ انهن عقيدن جي اوثر ڪئين ٿي؟ هيلتائين دنيا جا ڪهڙا وڏا مذهب رهيا آهن؟ انهن مذهبن جي ماڻهن جي ڪهڙا عقيدا رهيا آهن ۽ انهن عقيدن ڪئين ارتقا ڪئي؟ مذهبن ۾ هڪجهڙائي، گاڏ جين جو تصور جهڙن سوالن تي سائنسي بحث ڪري ٿو جيڪو تمام اهم آهي جنهن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي پڻ ضرورت آهي پر پاڻ هن مضمون ۾ صرف ان جي پهرئين باب انسان جي سماجي ارتقا جو جائزو وٺنداسين.

پهرئين باب ۾ ڊاڪٽر سڪندر مغل انسان جي سماجي ارتقا جي تاريخ کي سائنسي انداز سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هن باب ۾ ليکڪ انسان جي ارتقا جا بہ ڏاڪا اهم ٻڌايا آهن جنهن ۾ پهريون ڏاڪو يا منزل شڪاري _ميڙيندڙ منزل آهي.

هن ڏاڪي دوران انسان پنهنجي زندگي الڳ ٽلڳ گذاريندو هو ۽ هن جو گذران جهنگ مان ٻوٽا ۽ فروٽ ميڙڻ ۽ پکين جو شڪار ڪرڻ تي هو هن منزل دوران انسان گهٽي ۾ گهٽ وقت آفريقا ۾ گذرايو جيڪو تقريبن 50،60 لک سالن جي لڳ ڀڳ آهي.

شڪاري منزل دوران انسان جانورن جي شڪار ڪرڻ لاءِ پٿر جا اوزار ٺاهڻ جي شروعات ڪئي جنهن سان انسان کي باهه ايجاد ڪرڻ جو تجربو ٿيو جنهن انساني ارتقا ۾ هڪ وڏي تبديلي آندي، باهه جي استعمال سان نہ ڪائي سگهجندڙ ٻوٽا انسان جي کائڻ لائق ٿي ويا جنهن سان انسان جي جسم ۾ وڏي تبديلي رونما ٿيڻ لڳي انسان جي آنڊي ۽ دماغ جي سائيز ۾ تبديلي اچڻ لڳي،ان ڪانسواءِ هن منزل دوران انسان ٻولي جي ايجاد ڪرڻ جي پڻ ڪئي جنهن انسان جي تصور ڪرڻ ۽ سوچڻ جي سگهہ وڌائي.

شڪاري _ميڙيندڙ منزل واري ڏاڪي تي پوري دنيا ۾ انسانذات جي ٽوٽل آبادي تقريبن ٻن لکن تائين هئي.

جڏهن انسان موسمياتي تبديلي سبب شڪار ڪرڻ يا وري جهنگلي ٻوٽن ۽ ميون کي هٿ ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ لڳي تہ انسان باغباني ڪرڻ جي شروعات ڪئي ٿي جنهن سان انسان زراعت جو هنر سکيو ۽ انساني سماج ۾ زراعت جي شروعات ٿي جڏهن تہ ان باغباني جي شروعات عورتن ڪئي ڇوتہ عورت کي باغباني ۾ ايڏي مشقت نٿي ڪرڻي پوي ۽ مشقت وارو ڪم مردن جي حوالي هوندو هو انساني ارتقا جي هن ڏاڪي يا منزل کي هڪ زرعي انقلاب سمجهيو وڃي ٿو جنهن نہ رڳو انسان پر پوري انساني سماج کي تبديل ڪري ڇڏيو جيڪو تقريبن اڄ کان ڏهہ هزار سال اڳ هن ڌرتي تي رونما ٿيو جنهن انساني سماج ۾ هيٺيون اهم تبديلون آنديون.

زرعي انقلاب سان انسانن هڪڙي جڳهہ تي مستقل تي رهائش لاءِ گهر ٺاهڻ شروع ڪيا ائين ڳوٺ ۽ شهر اڏجڻ شروع ٿيا جنهن سان انسان طرفان زاراعت ذريعي اُپايل شين جي تجارت ٿيڻ لڳي.

شهر اڏجڻ جي ڪري پورهئي جي ورهاست ٿيڻ لڳي شهرن ۾مزور، لوهار، واڍا، دڪاندار، سونار، ڪاريگر طبقو پيدا ٿيڻ لڳو.

زرعي انقلاب سان انسان جي جسماني ۽ جنياتي تبديليون اچڻ لڳيون ۽ انسان ۾ گهڻيون شين کي هضم ڪرڻ جي طاقت وڌي وئي.

زرعي انقلاب سان ڪڻڪ جي پيداوار ٿيڻ لڳي ۽ ان جا ذخيرا گڏ ٿيڻ جي حرس پيدا ٿي جنهن سان طبقاتي سماج جي شروعات ٿي جنهن وٽ گهڻي ڪڻڪ هوندي هئي اهو ٻين انسانن تي حاوي هوندو هو تنهن ڪري زمينن تي قبضا ڪري ذاتي ملڪيت وڌائڻ جي شروعات ٿي ائين طبقاتي سماج شروعات ٿي، انسان ۾ ٻئي تي حڪمراني ڪرڻ جو تصور پيدا ٿيو ۽ انساني تاريخ ۾ غلامي جي شروعات ٿي ۽

اصل محنت ڪندڙ هاري جي محنت جو احتصال ٿيڻ لڳو ائين حڪمران ڪندڙ انسان وڌ ۾ وڌ دولت گڏ ڪرڻ ۽ شاهوڪار ٿيڻ لڳا تنهن ڪري ليڪڪ جو خيال آهي زراعت هڪ وڏو انقلاب تہ هو پر ان انقلاب انسانن کي غلام بنائي ڇڏيو جنهن جو اظهار صفعي 22 تي هن ريت ڪري ٿو " ڇيو وجي ٿو تہ زرعي انقلاب ( انسان سان ) تاريخ جو هڪ وڏو ڏوڪو هو. ان جو ڪير ذميوار هو؟ نہ بادشاهہ نہ پادري نہ واپاري ان جا ڏوهاري هئا چند ٻوٽا، ڪڻڪ، چانور ۽ پٽاٽا . هنن ٻوٽن انسانن کي پنهنجو پالتو بڻائي ڇڏيو نہ ڪي انسان انهن کي پالتو بڻايو هو.

ليڪڪ جي مطابق زرعي انقلاب هڪ وڏو معاشي انقلاب هو جنهن سان سماج ۾ نوان سماجي رشتا پيدا ٿيا ۽ ان سان گڏوگڏ ماڻهن جا نوان مذهبي عقيدا پيدا ٿيڻ لڳا جنهن مذهبي انقلاب جي راهہ هموار ڪئي . زرعي منزل تي ئي انسان جانورن کي پالڻ شروع ڪيو جنهن سان انسان اقتصادي فائدا ٿيڻ لڳا پر جانور انسان لاءِ وڏيون مصيبتون بنجڻ لڳا ڇوتہ جانورن مان ڪيتريون ئي بيماريون انسان ۾ منتقل ٿيڻ لڳيون جن ۾ ماتا، فلو، ٽي بي، مليريا، پليگ، ارڙي، ڪالرا ۽ بيڪٽريل بيماريون جيڪي پهرئين جانورن جون بيماريون هيون پر اهي ارتقا ڪري انسانن ۾ شامل ٿي ويو آهن جنهن ڪري جڏهن اهي بيماريون ڪنهن هڪ انسان کي لڳڻ ڪانپوءِ اهي پوري قبيلي ۾ وچڙي ويندريون هيون جنهن ڪري هزارين انسانن جو موت واقع ٿيندو هو اسرائيلي سائنسدان يووال نوح هراري بہ پنهنجي ڪتاب " انسان جي مسقبل جي تاريخ ۾ پڻ اهو ئي نقطو رکي ٿو تہ انسان جي تاريخ ۾ بيڪٽريل بيمارين سبب جيترا انسان اجل جو شڪار ٿيا آهن تنهن جي اڳيان مهاپارين لڙاين ۾ قتل ٿيل انسان جو ڪوبہ مقابلو ناهي هڪڙي جراثيمي بيماري جي لهر لکين ماڻهو ماري وجهندي هئي، هن ڪتاب ۾ بہ ليڪڪ ان نقطي جي پنيرائي ڪري ٿو تہ ماضي ۾ اهي فوجون فاتح هونديون هيون جن وٽ ٻين ۾ ڦهلائڻ لاءِ جراثيمي هٿيار هوندا هئا .

جديديت پُڄاڻان جو دور اڄ جي انسان لاءِ وڏي مونجهاري جو دور آهي ڇوته هن دور ۾ هر شيءِ جو تصور تبديل ٿي ويو آهي بلڪ هٿ سان مصنوعي طور تي تبديل ڪري انسان کي ڪوڙا تصور ڏنا ويا آهن اڄ جي دور ۾ خوشي، پيار، چاهت، سچائي، ايمانداري، انصاف، پيار ۽ وفا، ديانتداري ۽ اهڙن ٻين انساني جذبن جي صحيح پرک ڪرڻ تمام ڏکيو ٿي پيو آهي تنهن ڪري اڄ دور ۾ انهن جذبن کي وري ٻيهر عقلي ۽ سائنسي طور تي سمجهڻ جي سخت جي ضرورت آهي .

فرينچ مفڪر آندري ڪونت جو ڪتاب "آعلي گُڻ " پڻ انسان جيِ انهن جذبن ۽ گُڻن کي سمجهڻ جي هڪ ڀرپور ڪوشش آهي جنهن جو ترجمو سنڌ جي گهڻ پڙهئي ليڪڪ، صحافي ۽ ترجمينگار جاويد راڄپر ڪيو آهي . هن ڪتاب جو بنيادي مقصد انسان جي ٽن بنيادي سوالن کي سمجهڻ جي ڪوشش آهي جيڪي هي آهن .

اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اسان کي ڇا هجڻ گهرجي؟

اسان کي ڪئين جيئڻ گهرجي؟

بقول ليڪڪ جي تہ "انسان جي انهن بنيادي سوالن کي سمجهڻ لاءَ اسان کي اخلاقيات جي اهم پاسي "انساني گُڻن " کي سمجهڻ جي ضرورت آهي". هاڻي سوال آهي ته گُڻ ڇا آهي؟ ليڪڪ پنهنجي مهاڳ ۾ ان سوال تي لکي ٿو تہ " اها هڪ قوت آهي جنهن جو ڪو اثر هجي يا ٿي سگهي ٿو. يا هڪ شيءِ يا وجود جو گُڻ اهو آهي جيڪو ان جي قدر ناهي ٿو ٻين لفظن ۾ ان جي منفرد خوبي کي ناهي ٿو". يا وري مونٽين لکيو "تہ ڪابہ شيءِ ايڏي عمدي ۽ ايڏي واجبي ناهي جيڏو ماڻهوءَ جو سهڻي ۽ مناسب نموني هلڻ "ائين ڪرڻ پنهنجو پاڻ گُڻ آهن.

هاڻي جڏهن پاڻ ڄاڻي ورتوسين تہ گُڻ هڪ خوبي آهي جنهن ذريعي اسان پنهنجي زندگي بهتر نموني گذاري سگهون ٿا ۽ ٻين سان سٺي هلت هلي سگهون ٿا . تڏهن سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ اهي گُڻ فطرت طرفان انسان کي ملن ٿا يا پنهنجي پاڻ ۾ پيدا ڪري سگهجن ٿا؟ ان سوال تي جئين تہ ليڪڪ ماديت پسند آهي تنهن ڪري هن جو جو خيال آهي تہ "جيتوڻيڪ فطري گُڻ طور اهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي". پر اهي گُڻ ڪوشش سان ۽ خواهش سان حاصل ڪري سگهجن ٿا. ۽ انهن ڪانسواءَ اسان اڻپورا آهيون بلڪ اُهي گُڻن حاصل ڪرڻ سان ئي اسان مڪمل انسان ٿينداسين.

ان ڪانپوءِ پنهنجي مهاڳ ۾ گُڻن بابت بحث ڪرڻ کان پوءِ ليڪڪ ارڙهن انساني گهڻن بابت بحث شروع ڪري ٿو جنهن جي شروعات" فضيلت کان ۽ ختم پيار تي ڪري ٿو.

ليڪ جو خيال آهي تہ سيني گڻن جو بنياد فضيلت آهي ۽ آئون پاڻ سمجهان ٿو تہ اڄ جي دور ۾ فضيلت کي سمجهڻ اهم آهي ڇوتہ هن دور ۾ لفظن جي ردوبدل سان "فضيلت " تي تمام گهڻيو ڳالهايو ويندو آهي اڄ اسان کي موٽيويشن جي ڪتابن توڙي ٽي وي پروگرامن ۾ ان تي گهڻو بحث ملندو جنهن ۾ ماڻهو کي سيکاريو ويندو آهي تہ ماڻهن سان پنهنجو رويو ڪئين رکجي ماڻهن کي ڪئين متاثر ڪجي، ماڻهن کي ڪئين پنهنجو ڪجي، پنهنجو رويو ۽ سوچ مثبت ڪئين رکجي، مطلب تہ اُهي ڪتاب ۽ ٽي وي شو ماڻهو کي پوري طرح منافق ٿيڻ سيکاريندا آهن ۽ انهن جو خيال هوندو آهي ته مثبت رويي سان انسان دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو سُکن ڀري زندگي گذاري سگهي ٿو پر اندري ڪونٽ فضيلت جي ان انداز کي رد ٿو ڪري ۽ ان تي پنهنجا منفرد خيال پيش ڪري ٿو جئين هڪ هنڌ چئي ٿو تہ " نازي ۽ هٽلر جا پيروڪار ڪيڏا بہ فضيلت وارا ٿي وڃن تڏهن بہ انهن جي وحشتن بابت منفي راءِ ۾ ڪو بہ بدلاءُ نہ ايندو". ان جو وڏيڪ اظهار صفعي چار تي هن ريت ڪري ٿو "نازين لاءِ ڇيو وڃي ٿو تہ انهن مان ڪجھ اُن ڪم ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي ) مطلب ته فضيلت سان ماڻهن جو ڪوس ڪرڻ ۾ مهارت (. اُها بربريت جيڪا ڪڏهن فضيلت ) واري ڏيک ( جي ڪري شايد وڏيڪ ملامت جوڳي، انجي انساني صورتن جي ڪري وڏيڪ غير انساني ۽ مذهب پٺي جي ڊونگن جي ڪري وڏيڪ بربريت واري هئي".

تنهن ڪري ليڪ اسان کي خبر دار ڪري ٿو تہ سڀ کان اول فضيلت هٿان بي وقوف نہ ٿجي . ڪوڙي ۽ منافقي واري فضيلت تي بحث ڪري ليڪ وري ان نقطي تي اچي ٿو تہ آخر سيني گڻن کان پهرئين فضيلت گڻ ڇو؟ ان سوال تي ليڪ جو خيال آهي ته فضيلت ئي اُهو گڻ آهي جيڪو هڪ فرد جي اخلاقي واڌاري ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو جنهن لاءِ ليڪ هڪ ٻار کي سامهون رکي بحث ڪري ٿو تہ هڪ ٻار وٽ ڪي بہ اخلاقي معيار نه هوندا آهن ۽ انهن کي جڏهن اسان ٻُرن ڪمن کان روڪيون ٿا ته انهن کي اُها پابندي لڳندي آهي ڇوتہ سماج ۾ اُن ٻار جا مِٽ مائٽ، پاڙيوارا ۽ ٻيا فرد اُهي ساڳيا ڪم ڪري رهيا هوندا آهن ۽ ٻار انهن جو نقل ڪندو آهي تنهن ڪري ٻارن کي سُٺا گڻ سيکارڻ لاءِ اسان وڏن کي ڏيکاءُ نہ پر عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ان جي لاءِ صفعي اٺ تي ليڪ ڪانٽ جو حوالو ڏي ٿو تہ " جيڪو ڪم ٻار پاڻ نٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ تہ هن وٽ ان لاءِ ڪا به جبلت نہ هوندي آهي ) اهي ڪم( ٻين کي، هن لاءِ ڪرڻا پون ٿا ۽ ائين ئي " هڪڙو نسل ٻئي نسل کي سکيا ڏئي ٿو ".

تنهن ڪري ليڪ جو پڻ اهو خيال آهي تہ ايندڙ نسلن کي سُٺا گڻ سيکارڻ لاءِ اسان کي پاڻ کي سُٺا گڻ سکڻا ۽ انهن تي فرض سمجهي عمل ڪرڻو پوندو ۽ ائين اسان هڪ بهتر ماڻهو ليکيا ويندا سين ۽ جڏهن اسان اُهي فرض سمجهي عمل ڪريون ٿا تہ اُهي گڻ اسان جي طبيعت مزاج ۾ لاڙي جو حصو ٿي وڃن ٿا تہ اسان جي زندگي بهتر ۽ با مقصد گذري ٿي.

بامقصد ۽ بهتر زندگي جي ڪوشش ڪرڻ ڏانهن فضيلت گُڻ ئي مائل ڪري ٿو تنهن ڪري سڀ ڪان پهرئين اسان کي پنهنجن ايندڙ نسلن کي ايماندار نہ فضيلت سيکارڻ گهرجي جيڪا هڪ اهڙي ننيڙي شيءِ آهي جيڪا وڏين شين لاءِ رستو نا هي ٿي“.

پيار جنهن تي مختلف، مفڪرن ۽ نفسياتدانن تمام گهڻو لکيو آهي جنهن ۾ نفسيات جي ابي سگمنڊ فرائيڊ جو خيال آهي ته پيار اصل جنس جي پيداوار آهن جڏهن هڪ مرد کي ڪا خوبصورت عورت وڻي ٿي جڏهن اهو انسان اُنهي عورت کي حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي يا ان سان جنسي عمل ڪرڻ جي خواهش ڪندو آهي ته هُو ان خواهش کي پيار جي ذريعي تڪميل تي پهچائندو آهي بلڪل عورت بہ ائين ئي ڪندي آهي ۽ ان جذبي کي اُهي پيار جو نالو ڏيندا آهن، پر آندري ڪونت جو پيار جي حوالي سان هڪ جدا نقط نظر آهي ليڪڪ 312 صفعي تي پيار تي ڳالهائندي لکي ٿو تہ ” پيار جون پاڙون ٿي سگهي جنسيت ۾ هجن جئين فرائيڊ سوچيو ۽ جئين مان مڪمل طور مجان ٿو پر ان کي جنسيت تائين سوڙهو نٿو ڪري سگهجي . ڪنهن بہ ريت اهو اسان جي نندين ۽ وڏين شهوت پسند راحتن کان مٿانهان وڃي ٿو جيڪڏهن اسان پنهنجي پاڻ سان پيار نہ ڪريون ها تہ اسان ڪئين ايڏا خود غرض يا پاڻ پسند ٿي سگهياسين پئي! اسان ڪم ڇو ڪنداسين جيڪڏهن ڏوڪڙن، آرام يا پنهنجي ڪم سان پيار نہ ڪندا هجون، اسان فلسفو ڇو پڙهون جيڪڏهن اسان ڏاهپ سان پيار نہ ڪندا هجون؟ ۽ جيڪڏهن مان فلسفي سان پيار نٿو ڪريان تہ هي سڀ ڪتاب ڇو؟ “ .

مطلب ته ليکڪ پيار جي هڪ وسيع معني ٻڌائي آهي اهو پيار ئي آهي جيڪو دنيا ۾ غير معمولي ڪم ڪرائي ٿو اهو پيار آهي جيڪو حسين تخليقون تخليق ٿو ڪرائي اهو پيار ئي هو جنهن ڪري سُقراط سچ ۽ ڏاهپ جي ڪري ذهر جو پيالو پيتو ۽ اهو پيار ئي هو جنهن مارڪس کي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ هيڏو غير معمولي پورهيو ڪرايو. ليکڪ بہ هن ڪتاب ۾ سڀ وڏيڪ ۽ ڀڱوڙهو بحث پيار تي ئي ڪيو ويو آهي ۽ ليڪڪ جو خيال آهي تہ پيار سيني گُڻن جي ابتدا ۽ انتها آهي .ائين هن ڪتاب ۾ اسان کي انساني گڻن فضيلت، وفا، دانائي، ديانتداري، انصاف ۽ ٻين موضوعن تي وڏو بحث ملي ٿو جيڪو اسان کي انهن تي سوچڻ، انهن کي سمجهڻ ۽ پوءِ پنهنجي پاڻ ۾ ڪوٺن، ڪمزورين ۽ خاصيحتن جي سُڌ ڏي ٿو تہ جئين اسان پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي زندگي کي تبديل ڪريون .هي ڪتاب يقينن جاويد راڄپر جو هڪ غير معمولي پورهيو آهي جيڪو اسان کي تبديل ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندو تنهن ڪري سنڌ جي هر ماڻهو کي هي ڪتاب بار بار پڙهڻ ۽ ان سمجهڻ گهرجي.

# سُپر مين نظريئي جي خالق “ نٽشي“ تي ڪتاب

علم جي دنيا حسين آهي،هن دنيا ۾ اسان کي حسين خيال، اعلي سوچون، ذهن کي ڌوڏيندڙ نظريا ملن ٿا، علم جيڪو اسان جي ذهن،اسان جي سوچن کي وسيع ڪري ٿو اسان جي خيالن، اسان جي روين ۽ زندگي گذارڻ جي ڍنگ تي اثرانداز ٿي اسان کي تبديل ڪري ٿو اهڙي طرح فلسفي جو علم اسان جي سوچڻ جي صلاحيت،وڏائي ٿو شين،ڳالهين ۽ ڪائنات ۾ ٿيندڙ لقائن کي سمجهڻ جي سمجھ ڏي ٿو.فلسفو هن ڪائنات جي وسعت، هن جي لقائن، هن جي گوناگونيت، ماڻهو جي روين تي بعث ڪري انهن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو )جديد فلسفو ماڻهو جي خيال،لکڻين، ان جي ٻولي.جي چير ڦاڙ ڪري ان جي خيالن کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري (۽ اسان ان حوالي سان خوشمت آهيون ته اسان وٽ سنڌي ۾ فلسفي جي موضوع تي تي ڪي ڪجه سٺا ڪتاب لکيا ۽ ترجما ڪيا ويا،سنڌي ۾ اسان کي جدليات جي موضوع تي سائين ابراهيم جويي، ڊاڪٽر سڪندر مغل،سائين رشيد ڀٽي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو ۽ حسين بادشاه جا ترجما ڪيل ۽ لکيل بهترين ڪتاب ملندا، تہ وري فلسفي جي تاريخ تي ممتاز بخاري جو ترجمو ڪيل ڪتاب صوفي جي دنيا، راشد دائودپوٽي جو ترجموڪيل فلسفي جي ڪهاڻي ۽يوناني فلسفي جو تعارف ۽ انعام شيخ جو ترجمو ڪيل ڪتاب سوچ جو سفر جهڙا بهترين ڪتاب ملندا، يا وري ڊاڪٽر گل ۽ شاهنواز سومري جا افلاطون جا ڊائلاگ، دوستي، ڏاهيون ڏک ڏسن، موڪلاڻي ۽ سوچي ٿو سقراط جهڙا ڪتاب ملن ٿا جن جي ذريعي اسان، فلسفي جي تاريخ ۽ جدليات جهڙن اهم موضوعن ۽ سقراط ۽ افلاطون جي خيالن کان واقف ٿياسين پر اجا بہ فلسفي جي موضوع تي سنڌي ۾ الاهي سارو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ۽ ان تي ڪم هلي بہ پيو سنڌي ۾فلسفي جي موضوع تي ڪتاب ترجما ٿين پيا ۽ لکجن پيا، تازو نتشي جي زندگي ۽ فلسفي تي بخشل ٿلهو جو ترجمو ٿيل ڪتاب آيو آهي جيڪو نتشي جي زندگي ۽ فلسفي جو مختصر ۽ تصويري تعارف آهي جنهن ۾ بخشل ٿلهو جا بہ اکر جو عنوان انتهائي متاثر ڪندڙ۽ اتساه ڏيندڙ آهي ".مان ماڻهو نہ بم آهيان " هي لفظ نتشي جا آهن، نتشي جنهن جي خيالن فلسفي جي دنيا . خيالن جي دنيا کي ڌوڏي ڇڏيو. تنهن جي باري ۾ هن ڪتاب جي ليکڪ "لارنس گين " جو خيال آهي تہ اوڻويهين صدي تي عظيم مفڪر مارڪس، سگمنڊ فرائيڊ ۽ فريڊرڪ نتشي پيدا ڪيا، ۽ ليکڪ جو خيال آهي تہ ڪي ماڻهو وقت کان اڳ پيدا ٿين ٿا نتشي انهن مان هڪ آهي جنهن جا خيال نہ ان دور ۾ قابل قبول هئا نہ ئي هن دور ۾ قابل قبول آهن، هن ڪتاب مطابق تہ نتشي سڀ کان پهرئين جرمن فلسفي شوپنهار جي ڪتاب کان متاثر ٿيو ۽ سدائين ان جو اثر رهيس، ۽ ان کان پوء نتشي سنگيتڪار رچرڊ واگنر کان متاثر ٿيو پر پوء اڳيان هلي ان جي خيالن کي رد ڪيائين .۽ اڳتي هلي عظيم فلسفي ڪانٽ جي خيالن کان وقف ٿيو۽ ان جي خيالن تي تنقيد ڪيائين بحرحال ائين ليکڪ نتشي جا تعليم، تاريخ،رياضي،عورت خدا،سائنس، چاڙه، ارتقا، ڊارون، سياست اخلاقيات، رياست، جهموريت جهڙن ۽ ٻين انيڪ موضوعن تي خيال پيش ڪري ٿو انهن تي ٽپڪا ٽپڻي

۽ تنقيد ڪري ٿو جنهن ۾ اسان کي اندازو ٿئي ٿو ته نٽشي انهن موضوعن تي ڪهڙا خيال رکندو هو ۽ اهي خيال ٽوٽڪن ۾ آهن جيڪي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ آسان لڳن ٿا ۽ سڀ کان اهم موضوع فوق الانسان تي بحث آهي جنهن جي ڪري نٽشي سڃاتو وڃي ٿو ۽ ليڪڪ جو خيال آهي ته نٽشي جي فوق الانسان کي بگاڙي پيش ڪيو ويو آهي، فوق الانسان جي باري ۾ نٽشي جو خيال هو ته " ماڻهو کان مٿيرو ٿيڻ مان مراد درحقيقت پاڻ کان مٿيرو ٿيڻ آهي. پنهنجي خواهش تي قابو ۽ پنهنجي قوت جون تخليقي استعمال آهي "اڳتي ليکڪ نٽشي جي خيالن جو ڇيد ڪندي لکي ٿو ته "سڀ کان ڏکي فتح پاڻ کي فتح ڪرڻ آهي، جيڪو پاڻ تي حڪم نٿو هلائي سگهي تنهن تي ٻيا حڪم هلائيندا. " ائين هن ڪتاب ۾ نٽشي جا خيال مختلف تمام مختصر ٽڪرن ۾ ڏنل آهن تنهن ڪري اڇوته هن ڪتاب ۾ ڏنل خيالن مان ڪجه خيالن جو جائزو وٺون اگناوادي فلسفي ڪانٽ جو خيال هو ته اسان هن دنيا بابت پوري طرح ڄاڻي نٿا سگهون تنهن ڪري اسان کي هن دنيا جي لقائن تي هرويرو مٿاڪٽ ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي پر نٽشي ڪانٽ جي خيالن سان اختلاف رکندي چيو ته " اسان کي اهو پُڇڻ نه گهرجي ته اسان ڇا ڄاڻي سگهون ٿا پر اسان لاءِ ڇا ڄاڻڻ بهتر آهي " تي سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي، يونان کان ويندي دنيا جي هر فلسفي لاءِ هن ڪائنات کي ڄاڻڻ تمام اهم موضوع رهيو آهي ان تي مختلف فلسفين مختلف خيال پيش ڪيا آهن نٽشي به هن دنيا جي باري ۾ پنهنجا خيال پيش ڪندي چيو ته " جنهن شيء کي اسان دنيا سڏيون ٿا سا تصوراتي، خيالن ۽ غلطين جي ميڙ جو نتيجو آهي جيڪي هن عضوياتي فطرت جي ڪُلي ارتقا جي عمل ۾ آهستگي سان اُسريون ۽ هڪٻئي سان رلي ملي ويون آهن ۽ ڪُل ماضي جي جمع پونجي جئين اسان کي ورثي ۾ مليون آهن" تاريخ جي حوالي سان ه.ڏاهي پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن نٽشي جو به خيال ته عظيم تواريخ کان ٿورو هٽي انهن ننڍن واقعن ڏانهن به ڏسون جيڪي اسان جي زندگي ۽ کي متاثر ڪندا آهن ان حوالي سان نٽشي چئي ٿو ته هر ان شيء جي تواريخ ڪونهي جنهن اسان جي وجود ۾ رنگ ڀريا آهن پيار، لوڀ، ساڙ ايمان، پارسائي، ظلم جي تواريخ ڪٿي. آهي؟ ايتريقدر جو سزا يا انصاف جي تقابلي تواريخ به گُم آهي" ائين هن ڪتاب ۾ نٽشي جا خيال ٽوٽڪن ۽ مختصر جملن ۽ تصويرن جي ذريعي سمجهايا ويا آهن ۽ جيڪي منهنجي خيال ۾ سمجهڻ ۾ تمام آسان آهن. سنڌي ۾ هي اهڙو پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ تصويرن جي ذريعي فلسفي ۽ نٽشي جهڙي موضوع تي سمجهايو ويو هجي تنهن تي بخشل ٿلهو کي تمام گهڻو ساراهڻ گهرجي

# عالمگيريت ۽ انسان

هي دور جنهن کي عالمگيريت جو دور چيو وڃي ٿو جيڪو پاڻ سان نوان خيال، نيون، سوچون ۽ نوان انداز ۽ رويا کڻي آيو آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ اڄ جي دورجي عام انسان لاءِ و وڏو چيلينج ٿي پيو آهي ڇوته هن دور تي دنيا جا مختلف ماڻهو مختلف رايا رکن ٿا. هڪڙا هن دور جي هيڏي ترقي کي هڪ وڏو انساني ڇال سمجهن ٿا ۽ پر ٻيا سامراجي پاران هٿرادو پيدا ڪيا هڪ مها ڄار سمجهن ٿا، جنهن جو مقصد انسان کي ذهني غلام رکڻ آهي هڪڙا سڄو ڏينهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي حيران ڪندڙ ڪارنامن جو ذڪر ڪندا رهن ٿا ته ٻيا ان ٽيڪنالاجي کي انسان جي روين، خيالن ۽ سوچن تي اثر انداز ٿي انسان جو هن سماج ۽فطرت کان ڪٽجي ويڳاڻو ٿيڻ جو ڪارڻ سمجهن ٿا .تنهن ڪري هي دور تمام پيچيدا آهي ۽ ان کي سمجهڻ اسان لاءِ تمام ضروري آهي ۽ان حوالي سان ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو "عالمگيريت ۽ انسان " ڪتاب ٻه هن دور کي سمجهڻ جي هڪڙي ننڍڙي ڪوشش آهي، جيڪو ٽوٽل ڇهن بابن تي مشتمل آهي هن جو پهريون باب عالمگيريت لڪيل مضمونن تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب هن دور کي نظامن جي تاريخي پس منظر ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي ته سوشلسٽ نظام جي ڪمزور ٿيڻ جي ڪري سرمائدراڻا نظام پوري دنيا تي حاوي ٿي ويو ۽ ان انسان کي غلام رکڻ لاءِ ٽيڪنالاجي جو ڀرپور استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو غفور ميمڻ ان صورتحال کي بيان ڪندي صفعي 27 تي لکن ٿا ته "دنيا ۾ 1930 ع کان ٽي اهم نظام ٽڪراءَ ۾ اچي رهيا هئا هڪ فاشزم، ٻيو لبرلزم ) جمهوريت ۽ سرمائيداري ( ٽيون ڪميونزم. 1945 ۾ فاشزم کي شڪست اچي وئي، دنيا ٻن ڪئمپن ۾ ورهائجي وئي عالمي جنگ جي نتيجي ۾ اڌ دنيا سوشلسٽ ڪئمپ ۾ شامل ٿي ويئي. سرمائيدار کي اهو احساس ٿيو ته جنگ سندس فائدي ۾ ناهي، جي ٽئين عالمي جنگ لڳي ته سڄي دنيا ڪميونسٽ ڪئمپ ۾ تبديل ٿي ويندي، انهي ڪري هنن سرد جنگ جي شروعات ڪئي ۽ جديد ٽيڪنالاجي کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪيو1980ع کان ڪمپيوٽر جي ايجاد، انٽرنيٽ ۽ موبائل جي ايجاد سان سويت يونين جي مقابلي جو نئون دور شروع ٿيو آخرڪار سرمائيداري مقابلي ۾ سوشلسٽ دنيا پوئتي رهجي وئي، 1995ع کان پوءِ دنيا ۾ صرف عالمي سرمائيداري جو نظام وڃي رهيو آهي. ".

ان سرمائدار دنيا جيڪا سويت يونين ٽٽڻ جي ڪري تمام مضبوط ٿي ابرڻ لڳي ۽ سامراج پنهنجي تجربن مان سکڻ کان پوءِ اهو نتيجو ڪڍيو ته عام بکين ۽ پٽ تي پيل ملڪن جي ماڻهن کي ڏنڊي جي زور تي غلام نٿو رکي سگهجي ۽نه ئي ان جو احتصال ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري سامراج ۽ سرمائدار دنيا ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪيو ۽ اُن ميڊيا کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ لڳو جنهن جو اظهار ڊاڪٽر غفور اجهو هئين ڪيو آهي" گلوبل دنيا جي سامراج پنهنجي شڪل وڏيڪ طاقتور بنائي ڇڏي

اڳ صرف سرمائيدار پنهنجيون تجوڙيون ڀريندو مزدوي جو استحصال ڪندو هو پر عالمي سامراج هر ماڻهو جيڪو پلي گهر وينو هجي ان جو به احتصال ڪري ٿو ڇو ته هن جون شڪليون وڏي چڪيون آهن، هاڻي ميڊيا سامراجي نظام جي اعلي شڪل آهي، ان ڪانپوءِ عالمي ادارا، سامراج جي شڪل آءِ ايم ايف، ورلڊ بئنڪ، اسٽاڪ ايڪسچينج آهي جنهن جي ذريعي غريب ملڪن ۾ مداخلت ڪري انهن کي غلام ٺاهيو وڃي ٿو اتان جا حڪمرانن کي لٽڻ ڦرڻ جي آزادي ڏيئي انهن کي بيلئنر ٿيڻ جو چانس ڏنو وڃي ٿو“.

ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ مختلف مفڪرن جي نظرين جي پس منظر ۾ جديديت پڄاڻان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جنهن ۾ ڪارل مارڪس جو خيال هو ته هر شيءِ جي تاريخ هوندي آهي ۽ ان جو واسطو زمان ۽ مڪان سان هوندو آهي پر جديديت پڄاڻان دور مارڪيٽ کي پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو آهي هاڻي روز نئون زمان مڪان آهي جنهن کي اها “تاريخ جو خاتمو “جو نالو ڏئي ٿي.

هن دور جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي ته اڄ جي دور جي سڀ کان وڏي ننگي اليڪٽرانڪ ننگي آهي جنهن ۾ ماڻهو کي ٽي وي ۽ سوشل ميڊيا جي ذريعي ننگيو وڃي ٿو ۽ ماڻهو بي وقوف بڻايو وڃي ٿو ۽ اهو اليڪٽرانڪ ڪاڪ محل آهي جنهن ۾ ماڻهو هڪ دفعو گم ٿيو ته ڪڏهن به نه ليندو.

ائين هن ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ عالمگيريت ۽ ان جي ڪمرشلائيزيشن تي بحث ڪيو ويو جنهن جو مختصر جائزو ورتو ويو آهي.

ان ڪان پوءِ ٻئي حصي ۾ هن دور جو انسان ۽ ان جي ذات تي ٿيندڙ اثر جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن جو پاڻ هڪ ٻن نقطن جائزو وٺنداسين .

جديت پڄاڻان جي هي دور جنهن۾ لاقانونيت آهي، انارڪي ۽ انساني جي ويڳاڻپ آهي، انسان مارڪيٽ جو غلام آهي، نفسياتي طور تي خواهشن جو غلام آهي ته اتي انسان جو مستقبل ڪهڙو هوندو؟ ڇا انسان ارتقائي ڏاڪا ته ڪري ان حالت نڪري ويندو يا اڃا به وڌيڪ بدتر حالت ۾ ويندو هليو؟ ان سوال تي ڊاڪٽر صاحب صفعي123 تي لکي ٿو ته ”سوال اهو آهي ته ڇا انسان هڪ ٻئي نسل ۾ منتقل ٿي ويندو؟

جئين ڊارون چيو ته انسان بندر نما نسل مان ارتقا ڪري موجودا دور ۾ پهتو آهي بلڪل ائين روحاني ارتقا سندس انسان هئڻ جو نشان هو پر اڄ مادي سهولتون جڏهن جسماني محنت ختم ڪري ڇڏينديون، انسان فطرت کان مڪمل ڪٽجي ويندو ماحولياتي گدلاڻ وڏي ويندي ٽيڪنالاجي جي ٻوڏ انسان کي صرف مارڪيٽ جو وکر بنائي ڇڏيندي رشتا ناتا ختم ٿي ويندا ته ڇا سماج به ختم ٿي ويندو، انسان

جي زندگي جسماني طور بہ ڪو نئون رخ وٺندي؟ اهو اهم سوال تہ مستقبل ۾ هٿرادو ذهانت سبب انسان جي فطرتي ذهانت ختم ڪري ڇڏيندي؟

سماجي ڍانچي جي نوعيت اها نہ رهندي سڀ ڪجھ آئنلائن هوندو اڻ ڇهندڙ ملڪيت جنم وٺندي تہ ممڪن آهي ارتقائي طور انسان ڪنهن ٻئي رخ ۾ ارتقا ڪري ڪجھ ٻيو بنجي وڃي پر گهٽ ۾ گهٽ انسان نہ رهندو ممڪن آهي تہ سماج ختم ٿي وڃي هڪ نئون نسل جنم وٺي جيڪو ڪائنات جو خطرناڪ ترين وحشي جيو هجي. ائين هن ڪتاب ۾ پاڪستان ۽ سنڌ جي حالتن کي عالمگيريت جي پس منظر سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي .جيڪو اسان کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ۽ اسان ۾ هن سماج ۽ جديديت پڄاڻان دور کي سمجهڻ جي هورا کور پيدا ٿئي ٿي جيڪا يقنين هن ڪتاب ۽ ليکڪ جي ڪاميابي آهي.

# سنڌي سماج نفسياتي اصطلاعن جي آئيني ۾

انسان سدائين شين کي حيرت سان ڏسندو انهن جي باري ۾ پنهنجا پور پچائيندو ڏکا هٽندو ۽ پنهنجا خيال پيش ڪندو رهيو آهي انسان جي سدائين اها جستجو رهي آهي تہ هُو ڪائنات جي هر لقاء ۽ هر شي کي سمجهي تنهن ڪري اڄ انسان ڪائنات جي سوين رازن تان پردا کڻي چڪو آهي .انسان پنهنجي عقل ۽ تجربي، جستجو ۽ علم ذريعي هڪ طرف ستارن کي ويندي زمين جي اندر لڪل شين ۽ انسان جي اندر ننڍي کان ننڍي ذري کي تائين وڃي پهتو آهي تہ ٻئي طرف انسان پنهنجي پاڻ کي ڦلورڻ شروع ڪيو آهي هاڻي هُو پنهنجي دماغ جي سوچن، خيالن ۽ جذبن ۽ روين کي سمجهڻ لڳو آهي ۽ هن نفسيات جو علم تخليق ڪري انساني دماغ کي سمجهڻ لڳو آهي هاڻي انسان اهو وٽ اهو سمجهڻ ڪا مشڪل ڳاله ناهي تہ ڪاوڙ ڇوتي اچي، ماڻهو وحشي ڇو ٿو ٿئي؟.خوشي ۽ ڏک ڇا آهي؟ ماڻهو کي ڊپ خوف، ڇوٿو ٿئي؟ بهادري ۽ بزدلي ڇا آهي؟ ماڻهو کي خواب ڇو ٿا اچن؟ انساني دماغ ڪئين ٿو آپريٽ ڪري، ماڻهو کي ڪئين منهجائي ٿو ماڻهو جا رويا، سوچون ۽ خيال ڪئين ٿا جڙن .

.اڄ انسان انهن سيني ڳالهين کي سمجهي ٿو ۽ نفسيات جي علم جي ذريعي پنهنجو حل ڏئي ٿو ۽ ان نفسيات جي علم تي سوين هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن نفسياتندانن پاران پنهنجا نظريا پيش ڪيا وڃن پيا پر اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙن موضوعن تي نالي ماتر بہ ڪم نٿو ٿئي پنج ڪتاب بہ اهڙا نہ هوندا جيڪي هن موضوع تي لکيل هجن ائين سائنس تي ڊاڪٽر سڪندر مغل جي لکيل ڪتاب ڪانسواء ٻيا ڪتاب مون کي سجهن ئي نٿا يا وري جدليات کي ڇڏي ڪري فلسفي تي گهٽا ڪتاب لکيل هوندا بہ يا تي بس . تنهن ڪري آئون سمجهان ٿو اسان جي ذهني تربيت لاء فلسفو سائنس ۽ نفسيات جي علم تي وڌ ۾ ڪتاب هجڻ ضروري آهي. بحرحال تازو ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو ڪتاب سنڌي “سماج نفساتي اصطلاعن جي آئيني ۾ ”ڇپيو آهي جيڪو تمام اهم آهي جنهن ۾ نفساتي اصطلاعن شعور .لاشعور، تحت الشعور، اڊ، ايگو سپر ايگو، مونجهارو، لبيڊو، احساس ڪمتري، احساس بررتري، ڪاوڙ .ڇڙ، حسد، ساڙ، محبت رومانس جهڙن موضوعن تي سولي سنڌي ۾ لکيو آهي انڪانسوء انساني وجود، وجودي فڪر جو مطالعو ڪري فرائيڊ، سارتر ۽ مارڪس جي خيالن جي پس منظر ۾ پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن ڊاڪٽر غفور صفعي 8 تي لکي ٿو تہ علم نفسيات انساني سياء وهنوار، عادت ۽ رويي جو علم آهي جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا اهو 80. سيڪڙو ايبنارمل سماج آهي ڇو تہ نارمل سماج لاء ڪجھ اصول، پابنديون، قانون ۽ قدر هوندا آهن، ڇڙواڳ سماج، هجي گهر هجي يا فرد هجي اهو هرگز نارمل نٿو ٿي سگهي . وڏيڪ لکي ٿو تہ علم. نفسيات ذهن جو علم آهي پر جسم کان ڪٽيل الڳ ٿلڳ ناهي جسم سان جڙيل آهي، بحرحال هي ڪتاب نفسات جي مختلف اصطلاحن ۽ نظرين جو مختصر جائزو پيش

ڪري ٿو جن کي سمجهڻ لاءِ ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت پوندي پر پاڻ هن ڪتاب ڪجه اهم موضوعن جو هتي مختصر جائزو وٺون ٿا

نفسيات ۾ فرد جي شخصيت جي حوالي سان ٽي نظريا تمام اهم آهن هڪڙو فرائيڊ جو جنس جو نظريو جنهن ۾ سگمنڊ فرائيڊ جو خيال آهي ته انسان جي هر عمل جو مرڪز جنس آهي انسان جيڪو به عمل ڪري ٿو ان جو پويان ان جي جنسي تسڪين هوندي آهي، ان کانپوءِ فرائيڊ جي شاگر ايڊلر جو نظريو آهي جنهن جو خيال هو ته انسان جي هر عمل جو مرڪز طاقت حاصل ڪرڻ آهي انسان پنهنجي پاڻ کي اڌورو محسوس. ڪري ٿو تنهن ڪري هن جي خواهش هوندي آهي ته هو ٻئي تي حڪمراني ڪري ۽ هو سڄي عمر طاقت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ هوندو آهي، ان کانپوءِ ڪارل جنگ جو اجتمائي شعور جو نظريو آهي جنهن مطابق هڪ فرد پاڻ سان گڏ پنهنجي قوم يا گروهه طرفان ورثي ۾ مليل سوچون ۽ خيال کڻي هلندو آهي، تنهن ڪري ان فرد جي نفسيات اهو اجتمائي شعور ئي طه ڪندو آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر غفور انهن ٽنهي نظرين مان سگمنڊ فرائيڊ ۽ ايڊلر جي نقطه نظر تي بهتر ين لکيو آهي پر جنگ جي نظريئي کي نظرانداز ڪيو آهي آئون سمجهان ٿو جُنگ جي نظريئي جي پس منظر ۾ سنڌي سماج جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ها.

وجودي فلسفو جيڪو هيگل جي فلاسافي جي مخالفت ۾ پيدا ٿيو جنهن جو خيال آهي ته فرد آزاد آهي، فرد اڪيلو وجود آهي، اڌورو آهي ان حوالي سان ڊاڪٽر صاحب وجودي فلسفي سارتر جو حوالو ڏيندي صفعي 120 تي لکي ٿو ته انساني فطرت جهڙي ڪابه شي ناهي هو چونڊ جي عمل ۾ آزاد آهي پر هن دنيا جي دائري مان ڪڏهن به ٻاهر ٻاهر ٻچي نٿو سگهي سند س آزادي کي متاثر ڪرڻ وارو صرف ٻئي جو وجود آهي . ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي ته هر انسان ۾ وجودي وارداتون خوف،بوريت. دهشت،مايوسي، ڪراهت،بيڪاريت، موت خوف پيدا ٿين ٿيون ۽ اهي پيدا ٿيڻ کانپوءِ فرد وري زندگي ڏانهن موٽي ايندو آهي ۽ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪا تخليق ڪندو آهي، اڳتي 159۽ 160 صفعي تي لکي ٿو ته پاڪستان ۾ وجوديت جي حوالي هڪ تصور آهي ته اهو نفسياتي مونجهارن مان پيدا ٿئي ٿو جنهن ۾ لاچارگي مايوسي بيوسي کان سواءِ ٻيو ڪجه به ناهي حقيقت ائين ڪونهي هن فلسفي ۾ وجود جي بنيادي ماهيت ۽ جوهر مطلق هڪ اهم بحث آهي وجوديت صرف جان پال سارتر ۽ ڪرڪيگارڊ تائين معدود ناهي وجوديت جو بنيادي بحث اسان کي ويدن ۾ ملي ٿو عيسائيت، ٻڌمت ۾ اسلام ۾ اسان کي وجوديت جو بحث ملي ٿو.

ان کانسواءِ هن ڪتاب ۾ فرائيڊ،سارتر ۽ مارڪس جي جدلياتي فلسفي ۾ هڪجڙائي جو پڻ ڇيد ڪيو ويو آهي.

# پاڳو ٻيو: آٽو بايو گرافيز، سوانح عمريون

(جڏهن ٽڪجي پئو ڪتاب پڙهو، جسم چور هجي، بيزار هجو ته پڙهو، سماج ۾ اڪيلا رهجي ويو ته ڪوبه گڏ نه هجي، مرڻ جي هڪ سيڪنڊ اڳ به پڙهو، ان سان توهان جو روح تازه ٿيندو، جوان مرد ٿيندئو، مقابلي جي سگهه وڌي ويندي توهان هڪڙا ٻيا ماڻهو ٿي پوندو ـ رسول بخش پليجو)

# هڪ جينئس جي ڪٿا

منهنجي پسند جي مضمونن ۾ فلسفو ادب. سياست سان گڏوگڏ ماڻهن جون زندگيون به آهن منهنجي سدائين ڪوشش رهي آهي ته دنيا جي عظيم شخصيتن جون آتم ڪهاڻيون ۽ ان تي لکيل ڪتاب پڙهان ۽ اهو ئي سبب آهي ته منهجي پسند جي ڪتابن ۾ به مئڪسم گورڪي جي آتم ڪهاڻي،هوچي منه جي آتم ڪهاڻي،ڏاهپ جو جنم،رسل جي آتم ڪهاڻي جهڙا ڪتاب آهن جيڪي مون کي تمام گهڻا وڻيا آهن انهن ئي ڪتابن پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته انهن ماڻهن پنهجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاَ ڪيڏي وڏي جدوجهد ڪئي ڪيڏا نه غير معمولي ڪم ڪيا. . تازو اسان جي بي انتها محنتي گهڻ پڙهئي دوست ۽ ليکڪ "اياز علي "جو "مارڪس" تي لکيل ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليو جيڪو مون ٻن ٽن ڏينهن ۾ پڙهي پورو ڪيو. سنڌي ۾ مارڪس جي زندگي تي لکيل هي ٻيو ڪتاب آهي پهريون ڪتاب " ڊاڪٽر محبت ٻرڙي "جو ترجمو ڪيل ڪتاب "ڏاهپ جو جنم "آهي پر تحقيقي نوعيت جو هي پهريون ڪتاب آهي .هن ڪتاب ۾ اياز مارڪس جي زندگي تي تحقيقي ڪم ڪيو آهي ۽ تمام سٺي نموني مارڪس جي زندگي ۽ ان جي نظريعي جو تعارف ڏنو آهي .

اياز علي جو هي ڪتاب پنجن بابن ۽ ٻن مضمون تي مشتمل آهي جيڪو مارڪس جي زندگي جو احوال ۽ ان جي نظريعي ۽ علمي ۽فڪري ڪم جو بنيادي ۽ مختصر تعارف آهي اچو ته پاڻ هن ڪتاب جو جائزو وٺون .

هن ڪتاب جو پهريون باب" مارڪس جي پيدائش ۽ تعليم "جي عنوان سان آهي جنهن ۾ مارڪس جي پيدائش، ان جي يونيورسٽي جي تعليم. هيگل جي مطالعي، فلسفي ڏانهن چاهه ڏنڌي جي چونڊ ۽ مارڪس جي لکيل پهرين مقالعي جو احوال آهي جنهن مان هيٺيون ڪجهه ڳالهيون سمجهي سگهجن ٿيون

مارڪس جو سڀ کان وڏو فڪري ڪارنامو اهو هو ته هن پاڻ کان اڳ جي مفڪرن ۽ ڏاهن جي فڪري ۽ فلسفي کان پڙهڻ کان پوءِ نتيجو ڪڍيو ته هيستائين دنيا جي ڏاهن صرف انهي سوال تي سوچيو آهي ته ڪائنات ڇا آهي؟ ڪائنات ڪٿان آئي؟ پر اصل سوال اهو ناهي،اصل سوال اهو آهي ته ڪائنات کي تبديل ڪئين ڪجي.

مارڪس اهو پهريون ماڻهو هو جنهن باقاعدا سائنسي انداز ۽دليلن ۽ بي انتها فڪري پورهئي سان اهو نتيجو ڪڍيو ته "دنيا جي هر برائي،پيڇڙائي،اميري،غريبي ۽ غلامي جو سبب طبقاتي سماج آهي ۽ ان طبقاتي سماج کي تبديل ڪرڻ کان سواءِ دنيا ۾ انسانيت جو اڪثريتي طبقو سک،چين ۽ آزادي نٿو ماڻي سگهي .

(واڌو قيمتsurplus vaue) وارو نظريئي جي ذريعي مارڪس سرمائيداري نظام جي پورهيت دشمن پاسي کي وائکو ڪيو جيڪو مارڪس جو هڪ وڏي ۽ عظيم سائنسي ايجاد هئي جنهن تي اياز علي لکي ٿو ته "دراصل، واڌو قيمتsurplus value وارو نظريو به، مارڪس جي هڪ وڏي سائنسي ايجاد هئي ۽ آهي جنهن سرمائيداري کي رد ڪندڙ سوشلسٽ نظام جي فتح ۽ ڪاميابي کي نه رڳو سائنسي جواز فراهم ڪيو، پر بنيادي طور تي ان جي فتح ۽ ڪاميابي کي اٽل ۽ يقيني به بڻائي ڇڏيو. مان پانيان ٿو ته اهو مارڪس جو وڏو ڪارنامو رهيو آهي جيڪو دراصل، مارڪسي فڪر ۽ تعليمات جو اصل پڳر آهي.

هيگل جو گهرائي سان مطالعو ڪرڻ کان پوءِ مارڪس انهي نتيجي تي پهتو ته سماجي تبديلي جو اصل محرڪ خيال، تصور يا سوچون نه پر متضاد معاشي حالتون آهن.

هن ڪتاب جو ٻيو باب" جلاوطني ۽ اينگلس سان واقفيت " جي نالي سان آهي جنهن ۾ هيٺيون ڳالهيون بحث آيل آهن

مارڪس پنهجي جواني ۾ تمام گهڻي شاعري جو مطالعو ڪيو ۽ پاڻ به پنهنجي محبوب جيني تي شاعري ڪئي هئس انهي ڪري مارڪس شاعرن تي راءِ هئي ته شاعرن جي پنهنجي مخصوص دنيا هوندي آهي انهي ڪري انهن تي سخت تنقيد ڪرڻ صحيح ناهي ۽ جڏهن اينجلس هن جي هڪ شاعر دوست تي تنقيد ڪندو هو ته مارڪس پنهجي شاعر دوست هائني جو بچاءُ ڪندو هو. مارڪس جي انهي رويي تي اياز هن ڪتاب ۾ لکي ٿو ته "بحرحال اها حقيقت آهي ته مارڪس هائني جو بطور شاعر تمام گهڻو خيال رکندو هو ان مان اها ڳاله ظاهر ٿئي ٿي ته مارڪس آرٽ جو قدردان هو. اسان وٽ مارڪسي فڪر سان لاڳاپيل ماڻهن تي اهو به الزام لڳندو آهي ته اهي آرٽ، ادب، شاعري، موسيقي وغيرا جي خلاف هجڻ سان گڏ انفراديت پسندي کي رد ڪندڙ رهيا آهن پر مان پانيان ٿو ته اهڙو الزام بلڪل ئي بي بنياد آهي اصل ۾ ڪابي ڌر جا ماڻهو ڪڏهن به ادب آرٽ، شاعري يا موسيقي وغيرا جي خلاف ناهن رهيا. البت آرٽ ادب، شاعري ۽ موسيقي ۾ سوين سالن کان هلندڙ ظالم طبقاتي سماج جي آٿر هيٺ، جيئن ته هميشه .متئين شاهوڪار ۽ ڦورو حڪمران طبقي جي ترجماني ٿيندي رهي آهي، ان ڪري مارڪسي صرف انهي عام رواجي عوام دشمن طبقاتي مفادن ۽ قدرن جي نمائندگي ڪندڙ عوام ۽ پورهيت دشمن آرٽ، ادب، شاعري ۽ موسيقي کي رد ڪري پورهيت ادب، پورهيت آرٽ، ادب، شاعري ۽ موسيقي ۽ پورهيت ثقافت کي اپارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن 37".

مارڪس جرمن ماديت پسند فيورباخ، خيالي سوشلزم ۽ برطانيا جي اقتصادي ماهرن آڊم سمٿ ۽ ڊيوڊ رڪارڊو جي اقتصياديات جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ سائنسي سوشلزم واري نظريئي جا سائنسي بنياد رکيو. اياز علي مارڪس جي انهن ٽنهي علمن جي مطالعي کي مارڪس جا وڏا تجربا ڪوٺيو آهي،

مارڪس جي ويڳاڻپ واري نظريعي کي سمجھڻ کان سواءِ مارڪسزم کي نہ سمجھي سگھبو انهي ڪري مارڪس جي ويڳاڻپ واري نظريعي کي سمجھڻ ضروري آهي. مارڪس جو ويڳاڻپ واري نظريعي مطابق اها ويڳاڻپ ئي آهي جيڪا هڪ پورهيت کي هي سماج ڍاهي هڪ نئون سماج اڏڻ لاءِ اتساهي ٿي. ان کانسواءِ هن باب ۾ مارڪس جي جگري دوست اينجلس جو مختصر تعارف بہ آهي .

هن ڪتاب جو ٽيون باب" فڪري ڪم جي شروعات جي نالي سان آهي ۽ آئون سمجھان ٿو ڪتاب جي هي باب تمام اهم آهي جنهن ۾ اياز مارڪس جي ڪتابن جو مختصر تعارف ۽ تبصرو ڪيو آهي اچو تہ هن باب جو مختصر جائزو وٺو.

داخليت پسند فلسفي برونو بائر جو خيال هو تہ تحريڪون ناڪام انهي ڪري ٿينديون آهن ڇوته انهن ۾ عوام جو حصو هوندو آهي، ۽ هيگل جي بہ اهو ئي ساڳيو خيال هو برونو ۽ هيگل جي انهن عوام دشمن خيالن کي رد ڪرڻ لاءِ مارڪس ۽ اينجلس گڏجي هڪ ڪتاب" مقدس خاندان لکيو جنهن ۾ انهن اهو موقف اختيار ڪيو تہ تاريخ عوام ناهي ٺي اها ڪن عظيم شخصيتن جي پيداوار ناهي. اياز علي مارڪس ۽ اينجلس جي انهي ڪتاب تي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ "ڇاڪاڻ تہ مقدس خاندان" اهو پهريون دستاويز آهي جنهن ۾ سائنسي سوشلزم جي بانيڪارن پنهجي بنيادي فڪر ۽ ويچارن کي وضاحت سان پيش ڪيو مثال طور هن ڪتاب ۾ مارڪس ۽ اينجلس وارن پهريون ڀيرو تاريخ جي خيال پسند فلسفي بدران تاريخ جي مادي فلسفي،سماج جي ارتقائي سفر ۾ معاشي پيداوار جي فيصلائتي ڪردار هجڻ ۽ سماجي انقلاب ۾ عوام جي بنيادي ڪردار وارن معاملن تي تفصيل سان لکيو ۽ اها ڳالھ سمجھايائون تہ تاريخ عوام ناهي ٺي، اها ڪن نامور ماڻهن جي پيداور ناهي.

جڏهن فرينچ دانشور پروڌان "غربت جو فلسفو " ڪتاب لکيو تہ مارڪس کي خط لکي پنهجي راءِ ڏيڻ جو چيائين ۽ جڏهن مارڪس ان جي رد ۾ فلسفي جي غربت "ڪتاب لکيو تہ پروڌان توائي ٿي ويو ۽ مارڪس سان دوستي ختم ڪري ڇڏيائين.

پروڌان جي انهي ڪتاب تي اياز لکي ٿو تہ پروڌان پنهجي ان ڪتاب ۾ اهو پٽڪو پٽيو تہ انساني سماج مان برائي، ظلم،ناانصافي ۽ ڦرلٽ وارو ڏندو تڏهن ختم ٿيندو جڏهن سماج جي خراب پاسن جي گھربل اصلاع ڪري انهن سڌارو آندو وڃي. ائين هن سرمائيدار سماجي نظام جي باري ۾ موقف هو تہ ان کي پاڙ کان پٽڻ يا مورڳو تبديل ڪرڻ جي ضرورت ناهي،پر ان ۾ گھربل سڌارو آڻي،ان کي بهتر بڻايو وڃي . جڏهن تہ مارڪس اهڙي موقف کي فڪري واڱڙپ ٽي سمجھيو،ان ڪري انهي موقف جي کل لاهڻ لاءِ ڪيس تنقيدي ڪتاب" فلسفي جي غربت " لکڻو پيو جنهن ۾ موقف رکيائين تہ ڪنهن بہ طبقاتي سماج ۾ ڦرجندڙ طبقو (پورهيت طبقو (پاڻ کي ڦريندڙ طبقي) سرمائيدار يا جاگيردار طبقي (کان ان وقت تائين آزاد نہ ڪرائي سگھندو جيستائين هو سڄي سماج کي ڦرلٽ ۽ احتصال کان نجات نٿو ڏيارائي 61"

بحرحال هنن ٻن ڪتابن کان سواءِ هن باب ۾ مارڪس ۽ اينجلس جي ڪتابن" ڪميونسٽ پدرناموجرمن آئيڊيالاجي۽ اينجلس جي پهرئين مقالعي"برطانيا ۾ پورهيت طبقي جي حالت " تي مختصر ۽آسان تبصرو ڪيل آهي آئون سمجهان ٿو هي باب تمام گهڻي گهرائي سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

"لنڊن۾ جلاوطني" هن ڪتاب جو چوٿون باب آهي جنهن ۾ مارڪس جي لنڊن ۾ جلاوطني، مارڪس جون گهريلو پريشانين، مارڪس جي پٽ ۽ ڌي جي وفات ۽ مارڪس جي نوڪري جي ڳولا جو ذڪر آهي جنهن کي پڙهڻ کان پو ۽ ماڻهو مارڪس جي هيڏين پريشانين جي هوندي پنهجي ڪم ۾ ثابت قدمي تي سلام ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهي هن باب ۾ مارڪس، اينجلس ۽ جيني جا لکيل هڪ ٻه خط به شامل آهن جن کي پڙهڻ کان پوءِ ماڻهو ڏکيو وڃي.

هن باب ۾ ليڪ هڪ هنڌ لکي ٿو ته " مارڪس جي جون گهريلو حالتون بنھ خراب رهيون. ان وچ ۾ مارڪس مالي پريشانين کان تنگ ٿي نوڪري وغيره ڳولهڻ پڻ شروع ڪئي،هڪ هنڌ ريلوي ۾ نوڪري ملڻ جي آچ ٿيس،پر لکڻي بنھ خراب هجڻ سبب کيس نوڪري به نه ملي سگهيهس جنهن سبب مايوس ٿي وري پنهنجي فڪري ڪم تي ڌيان ڏنآئين.گهر ۾ بک بدحالي ۽ تنگدستي بدستور برقرار رهيس،84

هن ڪتاب جو آخري باب" آخري دور "جي نالي سان آهي جنهن ۾ پورهيتن جي پهرين عالمي تنظيم مارڪس ۽ اينجلس جي سياسي سرگرمين پئرس ڪميون، مارڪس جي ڪتاب سرمايو ۽ جيني ۽ مارڪس جي وفات جو احوال ڏنل آهي، مارڪس جي ڪتاب" سرمايو"تي اياز علي لکي ٿو ته مارڪس جو اهو ڪتاب،عالمي انساني فڪري تاريخ جو نهايت هڪ اهم ۽ تاريخ تي گهرا اڻ مٽ ڇڏيندڙ تاريخ ساز ثابت ٿيو ان ڪتاب۾ دنيا جي عظييم پورهيت انقلابي استاد پاران نه صرف سرمائيداري سماج ۽ نظام جي منطقي تباهي ۽ عالمي انقلابي پورهيت سماج جي اوسر ۽ بنياد جا سائنسي ثبوت مهيا ڪيا ويا،پر اهو سڀ ڪجھ ڪرڻ يعني انقلاب آڻڻ ۽ ان واسطي عملي جدوجهد ڪرڻ جي حڪمت عملي پڻ واضع ڪري ڏني99"

هن ڪتاب جي آخر ۾ ٻه مضمون جن مان هڪڙو مارڪسي فلسفو ڇا آهي؟ ۽ ٻيو مارڪس جي نياڻي جو لکيل يادگيرن جو ترجمو آهي جيڪو تمام اهم ۽ انتهائي اتسهائيندڙ آهي هن مضمون ۾ مارڪس جو انتهائي دلچسپ ڳالهيون آهن .اياز علي جي هي ڪتاب مجموعي تمام بهترين ۽ مارڪس تي بنيادي ڪتاب آهي هون ئي جدليات تي سنڌي ۾ ڪافي ڪتاب لکيل آهن پر مارڪس تي سنڌي ۾ لکيل ڪتاب آهن ئي ڪونه .جنهن جي ڪري تمام گهڻي ضرورت هئي ته ڪو مارڪس ۽ ان جي زندگي ۽ فڪر تي ڪو ڪتاب لکي اياز علي مارڪس تي هي ڪتاب لکي انهي کوٽ جي ڪافي حد پوراءِ ڪيو

آهي ۽ اسان کي اميد آهي تہ اياز مارڪس جي فڪر تي ڪو تفصيلي ڪتاب لکندو۽ منهجي تہ خواهش آهي سنڌ جو هر نوجوان مارڪس جهڙي يگاني ڪردار کان واقفيت رکندو هجي ۽ ان کي اياز علي جو هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي.

# انساني تاريخ کي بدلائيندڙ مفڪر مارڪس

هو جڏهن پيدا ٿيو هو تڏهن هن جي پيءُ هئنرخ کي بہ خبر نہ هئي تہ اڳتي هلي انساني تاريخ جا رخ موڙيندو۽ علم فڪر ۽ فلسفي جي ميدان تي ڪي نوان تاريخي ڪارناما ڪري دنيا جي ذهنن کي ڌوڏي ڇڏيندو نہ ئي هن جي ماءُ کي خبر هئي تہ هن جو هي ٻار ائين مفلسي غريبي ۽ ڏکن جي زندگي گذاريندو جنهن جي لاءِ هن خواب ڏٺو هو تہ هي امير ماڻهو تي عيش آرام واري زندگي گذاريندو پر هي تہ انهن اميرن ۽ سرمائيدارن جو مخالف تي بيٺو هو ۽ انهن غريبن ۽ پورهيتن جو تي بيٺو هو جن جو انهن ڦورو طبقن طرفان لکيل تاريخ ۾ پاڻ تي بہ نالو نہ هو۽ هن چيو تہ انساني تاريخ جيڪا اڳتي وڌي آهي ۽ ترقي ڪئي اٿس تنهن جو سبب اهو مظلوم ۽ پورهيت طبقي جي محنت ۽ جفاڪشي آهي تنهن ڪري جيڪڏهن اسان کي هن دنيا کي هن سماج کي تبديل ڪرڻو آهي تہ ان تاريخ جي تخليقار پورهيت کي طاقتور ڪرڻ گهرجي ۽ سڄو ڪاروهنور انهن جي حوالي ڪرڻ گهرجي، ۽ انساني تاريخ جو اهو يگانو ماڻهو هو جنهن چيو تہ هي نظام ننڍي ۽ هڪ طبقي جي بالادستي تي بڌل آهي تنهن ڪري هي رهڻ لائق ناهي هن کي تبديل ڪرڻ گهرجي، هُو جيڪو هر قسم جي غلامي خلاف هو۽ هُن انسان کي آزاد ٿي ڪرائڻ تي چاهيائين ۽هن جو خيال هو تہ ازادي پورهيت جي جدوجهد سان ملي سگهي ٿي پاڻ لکيائين تہ " صحيح معنائن ۾ انساني آزادي "هر قسم جي غلامي کي ٽوڙڻ کانسواءِ ناممڪن آهي ۽ پورهيت سماج جيڪو سڀ کان وڌيڪ محروم ۽ محڪوم ۽ مظلوم حالت ۾ آهي . پورهيت سماج جي سيني دائرن کي آزاد ڪرائڻ کانسواءِ پاڻ کي نجات نٿا ڏياري سگهن.

ان نجات جو دماغ فلسفو آهي ۽ ان جي دل پورهيت آهي“.

هئنرڪ مارڪس چواڻي هوُ نندڍي وحي ۾ ئي فضول علم مطلب ادب، شاعري ۽ ادبي تنقيد تي ڌيان ڏيئي رهيو هو جيڪو هن جي معاشي حالت کي تبديل ڪرڻ جو سبب نٿي بڻجي سگهيو هُن نندڍي وحي ۾ ئي ترقي پسند ادب، شاعري ۽ ناولن کي پڙهڻ شروع ڪيو هن کي شاعري سان ته بي انتها عشق هو هڪ سال ۾ شاعري جا ايترا ڪتاب پڙهيائين اوترا شايد هڪ شاعر سڄي عمر نه پڙهي سگهي پنهنجي محبوب جيني جي محبت ۾ لاجواب شاعري لکڻ سان گڏوگڏ بغاوت ۽ تنز سان ڀرپور شاعري لکيائين جيڪا ٻن ڊائرن جي صورت ۾ سانڍي رکيائين .ان مان هڪ نظم جنهن ۾ مارڪس جي اصول پرستي بغاوت نظر اچي ٿي جو ترجمو هي آهي ته “

سمجهي ڇڏ چڱي طرح، مون کان ٿي نه ٿو سگهي،
مان رنج ۽ تڪليف جي بدلي چاڪري ڪريان،
زئيس جو نوڪر اطائت گذار بڻجڻ کان،
مون کي جبل سان جڪڙيو رهڻ پسند آهي “ .
هڪ ٻئي نظم جو ترجمو آهي ته

”ڪئين مان مجهول ۽ بي پرواهه رهان ان شيء کان،
روح خاطر جيڪا وڄ جي گاج،طوفان آهي،
آرام وسيلي ۽ سستيء سان ڀلا مون کي ڇا ونڻو،
مان اتي آهيان جتي طوفان آ،يلغار آ.
ڪا آرزو اڻپوري ئي نه رهجي وڃي،
فضل ربي کي سمجهڻ لاء ڪري رهيو آهيان جستجو،
علم جي گهراين ۾ ڳري رهيو آهيان جستجو
عالم آهنگ وفن ۾ بار جو چاهيندڙ آهيان مان،

ڪاش جرئت ۽ همت هاڻي اسان جو ساٿ ڏي،
هي ناهي پنهنجو مقدر ـ صُلحُ ڪُل سڀ رضا،

اڃا ڪيترا ڏينهن رهنداسين بي زبان؟ بس ڪافي ٿيو
پورو ٿيو بي عقل ۽ بيڪار جيئڻ پورو ٿيو

اهو نہ ٿئي جو اسين پاڙين جيان هارايون،
ڏاڍ کان،اطاعت کان ڏج جي بار کان،
سَگهہ هر آرزو ۽ سَگهہ سوچن ۽ عمل جي،
توهان کان شرمسار ٿي دل ٿئي دل ۾ رهي)“. ڏاهپ جو جنم،ص(54:

مارڪس ڪي فلسفي سان ايڏو چاھ هئس جو 25سالن جي عمر ۾ يوناني ڏاهي ايپيڪيوريس تي مقالعو لکي ورتائين ۽ فلسفي جو هڪ نئون نظام ڏيئي ويو جنهن سماج ڪي تبديل ڪرڻ جو ڏس ڏنو ۽ ان فلسفي انساني تاريخ ڪي ئي تبديل ڪري ڇڏيو ريسرچ جو ايڏو ڪوڏيو هو جو معاشيات تي لکيل ڪو بہ ڪتاب ڪونہ ڇڏيائين هر ننڍي توڙي وڏي ليڪ جو ڪتاب پڙهي پنهنجي ڪتاب سرمايي ۾ انهن جا حوالا ڏنائين. جڏهن تہ هن پنهنجي غير معمولي ڏاهپ سان ڪي عظيم ڪارناما ڏنا جنهن ۾ هن کان اڳ علم فڪر ۽ فلسفي جي ميدان سوين بحث ٿيا فلسفين سائنسدانن، مفڪرن هن ڪائنات تي ڳالهايو پنهنجا خيال پيش ڪيا پر ڪنهن بہ ائين نہ چيو تہ هن ڪائنات ڪي تبديل ڪجي تنهن ڪري مارڪس انهن جي علم فڪر ۽ فلسفي ڪي چيلينج ڪري چيو تہ ڪائنات تي گهڻو ئي ڳالهايوسين پناڙ هئينسين پر اچو تہ سوچيون تہ ڪائنات ڪي تبديل ڪئين ڪجي؟ هن جو خيال هو تہ هي ماڻهو جيڪو ناڪارا آهي جيڪو پاڻ ڪي غريب بي پهچ ڪُت مڇر سمجهي ٿو جيڪو سڄو ڏينهن پاڻ تي رحم ڪائي ٿو قياس ڪائي ٿو ويڳاڻو ويڳاڻو رهي ٿو تنهن ڪري اسان جي سڀ کان وڏو چيليج آهي تہ نئون ماڻهو تخليق ڪجي جيڪو پنهنجي تخليقي صلاحيت سان هڪ نئون سماج تخليق ڪري، مارڪس علمي ۽ فڪري تاريخ جو اهو پهريون مفڪر هو جنهن انهي پناڙ ڪي رد ڪيو تہ ماڻهو خراب آهي بڇڙو آهي ۽ سماج ۾ بڇڙائي، خرابي، ذلالتن ۽ بڪ، جو ذميوار فرد ۽ ڪا الهامي طاقت آهي تنهن ڪري فرد پاڻ ڪي تبديل ڪري سنو ٿئي تہ سڀ خرابيون ختم ٿي ويندو، پر هن چيو تہ انهن خرابين جو ذميوار ڪا الهامي طاقت ۽ فرد ناهي پر هي مدي خارج سماج آهي جنهن ڪي تبديل ڪرڻ سان ئي هي ذلالتون ۽ پڇڙايون ختم ٿينديون، هن جي انهن عظيم خيالن انساني تاريخ جي ذهنن ڪي ڌوڏي ڇڏيو ۽ انسان جي فڪري تاريخ ۾ پنهنجا اڻ متجندڙ نشان ڇڏي ويو آهي ۽ اڄ تائين ڪوبہ اهڙو مفڪر پيدا نہ ٿي سگهيو جيڪو مارڪس جي خيالن ڪي چيلينج ڪري ڪي متبادل خيال ۽ نظريو پيش ڪري سگهي.

# رسول بخش پليجي جي آتم ڪٿا جوجائزو

دنيا ۾ آتم ڪٿائي ادب ۽ سنواح عمريون تمام گهڻو پڙهيون وڃن ٿيون ۽ دنيا جي وڏا شاعر، اديب، ليکڪ، ڪاروباري ماڻهو، استاد، سياستدان توڙي عام ماڻهو پنهنجي زندگي جي ڪاميابين، ناڪامين ڏکن،تڪليفن، خوشين ۽ جدوجهد جي داستان تي تي بهترين ڪتاب لکندا رهن ٿا ۽ انهن ڪتابن مان پڙهندڙانهن شخصيتن جي خيالن، سوچن روين،احساسن، دلچسپين،غير معمولي خاصيحتن، ڪمزورين انهن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين جي سببن کان واقف ٿئي ٿو۽ سنڌي ادب ۾، حسام الدين راشدي، مرزا قليچ بيگ، ڪريم بخش نظاماڻي، سائين جي ايم سيد، شيخ اياز، جمال ابڙو، امرجليل، فتاح ملڪ ۽ ٻين ليکڪن، اديبن ۽ شاعرن جون انتهائي دلچسپ آتم ڪٿائون لکيل آهن، انهي سلسلي ۾ ئي تازو سنڌ جي هڪ وڏي ذهن، ڏاهي، مفڪر، اديب، نقاد ۽ يگاني ڪردار سائين "رسول بخش پليجي جي آتم ڪٿا " آئي آهي جنهن جو مُرتب ادريس لغاري آهي، سائين پليجي صاحب جي هن آتم ڪٿا ۾ سائين پليجي صاحب جي ننڍپڻ ادبي، سياسي ۽ فڪري سفر جو انتهائي دلچسپ آحوال آهي جنهن کي پڙهندي اسان کي پليجو صاحب هڪ طرف حساس طبيعت جو مالڪ انسانن توڙي جانورن سان بي انتها محبت ڪندڙ نرم مزاج شخص نظر اچي ٿو ته ٻئي طرف هن مدي خارج، فرسودا ۽ ظالم سماج سان نفرت ڪندي بي رحم ٿيو وڃي ۽ عمر خيام جي ان شعر وانگر جيڪڏهن هُن جو هن جهان تي وسي پُڄي ها ته هُو هن جهان کي هٿ ۾ ڪٽي اونڌو ڪري ڇڏي ها ۽ هڪ نئون ۽ خوبصورت جهان اڏي ها آپر پوءِ به پليجي صاحب پنهنجي ڏاهپ، عمل ۽ جدوجهد سان سنڌ ۽ پاڪستان جي تاريخ جو رخ موڙي ڇڏيو آهي، هن پنهنجي ذهني توڙي جسماني پورهئي سان سنڌي سماج ۾ اڻ مِٽ نشان ڇڏيا آهن .تنهن ڪري پليجي صاحب جي زندگي، فڪر، نظريئي، ڏاهپ ۽ جدوجهد جو مطالعو ڪرڻ، ان تي تحقيق ڪرڻ ۽ اُن کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي ۽ ان تحقيق جو بنيادي ماخذ پليجي صاحب جي هي آتم ڪٿا آهي تنهن ڪري اچو هن آتم ڪٿا جو جائزو وٺون.

ڪنهن به جينئس کي سمجهڻ لاءِ ان جي ننڍپڻ، ان جي ماحول ۽ ان جي زندگي جي حالاتن جو مطالعو ڪيو ويندو آهي جن مان اُهو شخص اُڀري ايندو آهي تنهن ڪري پاڻ جڏهن پليجي صاحب جي ننڍپڻ ۽ ان جي ڳوٺاڻي ماحول جو مطالعو ڪنداسين ته پاڻ کي خبر پوي ٿي ته پليجي صاحب جي پروش انتهائي گُهٽ ٻوسٽ ۽ نفرت واري واري ماحول ۾ ٿي جتي عورتن، ٻارن ۽ جانورن کي مارڻ ڪُٽڻ روز جو معمول هو پليجي صاحب پنهنجي پيءُ ۽ چاچي جي هٿان پنهنجي ماءُ کي مار کائندي ڏسندو هو.پاڻ پنهنجي پائرن هٿان مارون کائندو هو ائين زالون پنهنجن مڙسن جي هٿان روزاني مارون پيون کائنديون هيو ۽ ان ماحول ئي پليجي صاحب ۾ هن ماحول ۽ سماج خلاف نفرت پئدا ڪئي،ان سڄي ماحول جي اظهار پليجي صاحب صفعي پندرنهن تي هن ريت ڪري ٿو "منهنجي روبرو ماڻهو نه وڻندڙ ڳڻون، گابي، ڍڳي کي لنين سان ماريندا هئا، ڪتن ۽ عورتن کي رتو رت ڪري ڇڏيندا هئا، منهنجي روبرو ماين مان رت پيو وهندو هو اها عام رواجي ڳالهه هئي ته اچ فلاڻي ءَ کي موچڙا پيا، ان کي بظاهر ڪير به دل ۾ نه ڪندو

هو مرد زالن جي ڇاتين تي چڙهي ڪٽيندا هئا مُڙسي جو معيار اهو هو تہ زال کي ماري ٻارن کي بيدرديءَ سان ماريو ويندو هو مون کي ڪيترائي ڀيرا منهنجي وڏي ڀاءُ ڪاوڙ مان ڪٽي پٽ تي اُڇلايو بابا امان کي ماريندو هو امان جو مٿو سدائين ڦاٽو پيو هوندو هو مون کي ڀُوسٽ ٽيندو هو منهنجو ساهہ منجهندو هو آءُ ڇائو ٿي نفرتن ۾ آهيان". ڳوٺ جي ان سڄي ماحول پليجي صاحب ۾ هڪ بغاوت پيدا ڪئي پليجي صاحب ننڍپڻ ۾ ئي ان سماج ۽ ان جي قانونن جي خلاف ورزي ڪئي جئين هڪ هنڌ لکن ٿا ته" اسان جو وڏو ڇاڇو هو هن لاءِ مون کي بي پناهہ عزت ۽ محبت آهي آءُ هن کي پنهنجي پيءَ وانگر سمجهان ٿو هڪ ڏينهن ڇاڇي امان کي ماريو پئي، آئون ڊوڙندو پُنيان ويس، ڇاچي کي چنبڙي وڃي پٺيان چڪ هنيومانس، سنسي پڪڙجي وئي، منهنجي ڇاڇي کي خبر نہ پئي تہ هُو مون سان ڪئين ڊيل ڪري بابا اهڙي جُرئت نہ ڪري ها. ڇاڇا جي چهري تي حيرت جا آثار هئا، مطلب تہ آئون ان سڄي قانون جي خلاف ورزي ڪندو هئس ".

ائين هڪ تہ پليجو صاحب ان دور جي خلاف ٿي بيٺو تہ ٻئي طرف تمام ضدي ۽ بي ڊپو ٿي ويو ۽ اهو رويو هن سان پوري عمر رهيو جنهن جو انتهائي دلچسپ احوال پليجي صاحب صفعي چوڏنهن تي هن ريت ڏنو آهي تہ "هڪ بلوچ ڇوڪري بالغ هئي نالو هئس" وشي. "وشي بلوچي ۾ چوندا آهن سُهڻي کي، هوءَ بہ ڏاڍي سهُڻي هُئي، مون اچي مطالبو ڪيو ته منهنجي هن سان شادي ڪرايو، ماڻهو سڀ پريشان ٿي ويا، ٻيا آيا راڄ گڏ ٿيا پر آءُ ضد ٻڌيو بيٺو آهيان تہ منهنجي شادي هن سان ڪرايو ۽ جڏهن وڃي ڇپائون ها ڪرايون ٿا تہ پوءِ مون جان ڇڏي اُن وقت مُنهنجي عُمر ٽي يا چار سال هئي ۽ اها ٻين جي روايت آهي".
ائين پليجو صاحب پنهنجي ننڍي وهي ۾ بي ڊپو ٿي ان خوبصورت ڇوڪري جي شادي جو سڱ گهري ٿو تہ ٻئي طرف پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪُتي سان وڙهندي ان کي چڪ پائي ٿو تہ وري پنهنجي پاڻ کي ان دور جو وڏو چور، جاسوس، ۽ هڪ هوُشيار شاگرد ثابت ڪري ٿو ۽ اُهي ڪاميابيون حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا خطرا کڻڻ کان بہ ڪيٻائي نٿو پاڙيو نٿو ٿئي، بلڪ پليجي صاحب جي غير معمولي شخص ٿي اُڀرڻ جو راز بہ اُهوئي آهي جنهن جو اظهار هن ريت ٿو ڪري "منهنجي زندگي جو راز هيءَ آهي تہ آءُ ڏڪندي ڏڪندي موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهيان. آءُ سمجهندو آهيان تہ رسول بخش پڪ مري وئين. تباهہ ٿي وئين پر هنڻو ناهي سڄي ڳالهہ جو تت اهو آهي ته منهنجي زندگي جو مِشن اهو هيو تہ پاڙيو نہ ٽيبو".

ان ڪانپوءِ هن ڪتاب ۾ پليجي صاحب پنهنجي تعليم جو احوال ۽ سنڌ مدرسي جي انگريزي جي بهترين استادن جو احوال بہ ڏي ٿو جيڪي پنهنجي دور جا هڪ مثالي استاد هئا جن پليجي صاحب جي تربيت ڪئي سنواريو اُتي ئي پليجي صاحب کي سنڌ جو ترقي پسند. روشن خيال ۽ سيڪولر مفڪر ڏاهو ۽ استاد سائين ابراهيم جويو مليو جيڪو هن جي صلاحيتن کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ پليجي صاحب کي دنيا جي جديد سائنسي ۽ انقلابي سوچ جي واقفيت ڏني، جڏهن تہ پليجو صاحب ننڍپڻ ۾ ڪئين ناول پڙهيو ويٺو هو .ائين هن ڪتاب ۾ پليجي صاحب سنڌ مدرسي ۾ جناح صاحب سان پهرئين ملاقات ۽

ان جي شخصيت ۽ سياست ڇيد ڪري ٿو ۽ ان ڪانپوءِ پنهنجي شروعاتي دور ۾ ڪيل مختلف نوڪرين جو احوال، صحافتي زندگي ۽ ان دوران ٿيندڙ انتهائي دلچسپ حادثن جو ذڪر ڪري ٿو جڏهن ته پليجي صاحب جي ڏاڏي جي خواهش هئي ته هي مولوي ٿئي ۽ پيءُ جي خواهش هئي ته هڪ آفيسر ٿئي پر پليجي صاحب وڪالت جو شعبو اختيار ڪيو پر پنهنجي ادبي،سياسي ۽ انقلابي طبيعت جي ڪري وڪالت دوران ماڻهن جا فيصلا ڪري ماڻهن جو پاڻ ۾ ناهه ڪرائي انهن جا مسئلا حل ڪري ڇڏيندو هو جنهن ڪري هن جي سينئر استاد جا هن جي باري ۾ سدائين اها ڪمينٽ هوندا هئا ته تون ڪڏهن به وڪيل نه ٿي سگهندي پر پوءِ اڳتي هلي چوٽي جو وڪيل ٿئي ٿو پر پوءِ به حساس طبيعت جي ڪري ڪيترائي ڪيس هلائڻ ڇڏي ڏنا هئا ڇوته اُتي پليجي صاحب هڪ ڏوهي کي سزا کان بچائڻو پئي پيو جن جو ذڪر پڻ هن ڪتاب ۾ ملي ٿو. ان ڪانسواءِ پليجي صاحب هن آتم ڪٿا ۾ پنهنجي ادبي ۽ تنقيدي سفر جو مختصر احوال ڏي ٿو ته هن ڪئين ادبي، سياسي مضمون ۽ تنقيدي مضمون ۽“ انڌا اونڌا ويچ ۽ سنڌي ذات هنجن“ ڪتاب لکيا ۽ ان دور جو ڪئين بي رحم نقاد ٿي اُيريو ۽ بي رحم ٿي اُيرڻ جو سبب پليجي صاحب صفعي 65 تي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، ”آئون شديد محرڪ ڪانسواءِ لکندو ئي ناهيان، آئون سست پارٽي آهيان . هڪڙو يا ٻه دفعا ڪا ڳالهه ٿي ويندي آهي ته نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ قلم کڻندو ئي ناهيان جڏهن ڪا شيءِ ٓ هڪڙي حد کان تجاوز ڪري ڪنهن خطري جي صورت ۾ پيش ٿيندي آهي ۽ محسوس ٿيندو آهي ته هن مان خطرو آهي ۽ هاڻ ماڳهين ڪم کان ٿا وڃون ۽ حدون لنگهي ويون ته پوءِ آئون ان شيءَ کي مڪمل ختم ڪرڻ لاءِ پوري قوت سان حملو ڪندو آهيان ته جئين جوابي حملو نه ڪري سگهي ڇو جو مون پنهنجي پوري قوت سان حملو ڪيو هو ”انڌا اونڌا ويچ به انهي ڪري لکيم ته ڀرپور حملو ڪري مخالف کي ناس ڪري ڇڏجي“. پنهنجي ادبي ۽ تنقيدي احوال ڏيڻ کان پوءِ هن ڪتاب ۾ پليجي صاحب جي سياسي زندگي جو احوال اچي ٿو جنهن ۾ حيدر بخش جتوئي هاري ڪميٽي کان ويندي نيشنل عوامي پارٽي، عوامي تحريڪ ۽ ان دوران ڪيل جدوجهد ۽ جيل ياترا جو مختصر احوال آهي، هن آتم ڪٿا ۾ پليجي صاحب جا شيخ اياز، استاد بخاري، جمال ابڙو، مولانا گرامي جي فن ۽ شخصيت تي لکيل مضمون پڻ شامل آهن ته فاضل راهو جي جدوجهد تي پڻ هڪ مضمون شامل ٿيل آهي جن کي پڙهڻ کان پوءِ اسان انهن شخصيتن جي فن فڪر ۽ جدوجهد کان پوري طرح واقف ٿيون ٿا . ان ڪانسواءِ هن ڪتاب ۾ مرتب ادريس لغاري جا پليييجي صاحب جي زندگي ۽ جدوجهد تي لکيل مضمون ۽ ڪتابن جو تعارف پڻ شامل آهن . ائين هي آتم ڪهاڻي اسان کي پليجي صاحب جي شخصيت، زندگي، جدوجهد، سياست، سوچن ۽ خيالن کي سمجهڻ ۾ بنيادي ڪردار ڪري ٿي جنهن کي مرتب ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ پڻ ادريس لغاري جو غير معمولي ڪم آهي ۽ سنڌ جي باشعور ماڻهن، سياسي ڪارڪنن، اديبن ۽ شاگردن کي پليجي صاحب هي آتم ڪٿا ضرور پڙهڻ گهرجي.

# ماٺ نہ اچي مون هيين

سنڌ جي سونهاري سرزمين پنهنجي تاريخ ۾ ڪيترائي غير معمولي ماڻهو پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي هن ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن کي سنوارڻ لاءَ پنهنجو ذهني توڙي جسماني پورهيو ڪيو آهي هن ڌرتي هڪ طرف راءِ ڏياچ، دودي سومري،هوشو جهڙا دلير ڌرتي لاءَ قربان ٿيندڙ جوڌا پيدا ڪيا آهن تہ ٻئي طرف شاهہ

ل لطيف، سچل، سامي،مرزا قليچ بيگ، علاما آءَ آءَ قاضي، نورالدين سرڪي، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي،امرجليل، سراج، نجم عباسي، آغاسليم، استاد بخاري شيخ اياز جي ايم سيد، سائين ابراهيم جويو سائين رسول بخش پليجو جهڙا غير معمولي ذهن پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي ڏاهپ،سمجهه،تجربي ۽ عمل جي ذريعي سنڌ ڌرتي کي سنواريو آهي. سائين رسول بخش پليجو سنڌ جي جديد تاريخ جو اهو يگانو شخص آهي جنهن پنهنجي ڏاهپ،سمجهه، علم ۽ تجربي سان سنڌ جي تاريخ ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن هڪ طرف هن پنهنجي سياسي عمل جي ذريعي سنڌ ۽ سنڌي عوام کي درپيش ايندڙ خطرن کي منهن ڏنو آهي ۽ گهڻن نقصانن کان بچايو آهي ته ٻئي طرف پنهنجي پنهنجو ذهني پورهئي جي ذريعي سنڌ ۽ سنڌي عوام کي فڪري واٽ ڏني آهي. هن جا ليڪچرس، تقريرون، ۽ لکيل ڪتاب سنڌ ۽ سنڌي عوام کي سنوارڻ جا ڏس ڏين ٿا ۽ سنڌ،پاڪستان ۽ پوري انسانذات جي مسئلن غلامي مان ڪيڻ جو رستو ٻڌائن ٿا. تنهن ڪري پليجي صاحب جي فڪر کي سمجهڻ هن دور جي تمام اهم ضرورت آهي ان حوالي سان ڪجهه مهينا اڳ پليجي صاحب جا پنهنجي عزيزن،دوستن،پارٽي ڪارڪنن ۽ پاڪستان جي ڪجهه اهم شخصيتن کي لکيل خطن کي عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ ۽ پليجي جي ويجهي ساٿي عبدالقادر رانٽو سهيڙي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپايا آهن جيڪي يقينن پليجي صاحب جي شخصيت، سياست ۽ هن جي علمي ۽ فڪري قدڪاٺ کي سمجهڻ مدد ڪن ٿا ۽ اهي پنهنجا دور جا تاريخي دستاويز آهن جن کي سهيڙي عبدالقاد رانٽي غير معمولي ڪم ڪيو آهي، خطن جي هن مجموعي ۾ ٽوٽل چوبيهه خط آهن جن ۾ هڪڙا اهي خط جيڪي پليجي صاحب پنهنجن گهر وارن،۽عزيزن کي لکيا آهن جن ۾ پليجي صاحب جي ذاتي زندگي ۽ ان جي روزاني زندگي جي ڪاروهنوار ۽ ڪمن ڪارن جي خبر پوي ٿي. پليجو صاحب پنهنجي عزيزن کي لکيل خطن ۾ پليجي صاحب پنهنجن ڏيئرن، پيٽن سان پنهنجي ذاتي زندگي ۾ درپيش ايندڙ مسئلن، تڪليفن، ڏکن منهن ڏيڻ جي تربيتي ڪندي نظر اچي ٿو. پنهنجن عزيزن کي لکيل خط پڙهڻ کان پوءَ اسان پليجي جي ذاتي زندگي ۽ پليجي صاحب جي مسلسل ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد جي سببن ۽ پنهنجي پاڻ ڏانهن رويي جي خبر پوي ٿوجئين پاڻ اختر بلوچ کي لکيل خط ۾ لکن ٿا ته "اسان ماڻهن جي زندگي ئي قدرت اهڙي ڪئي آهي جونه پاڻ تي رحم ڪري سگهون نه ڪنهن پنهنجي عزيز قريب تي،جي نرم دل ٿي ڪجي ته پنهنجي قوم تي ۽ انسان ذات ٿيندڙ ظلمن جو بدلو ڪئين وٺي سگهبو؟ پنهنجن عزيزن قريبن تي تي قياس ڪبو ته قوم جو داد ڪري نه سگهبوفقط پاڻ سان ۽ پنهنجن سان بي قياسي بلڪ سختي ڪري قوم سان،مظلوم عوام سان گگدام ۽ ڏکن ڏدل انسانيت جي دردن جي ڪجهه دوا پيدا ڪري سگهجي ٿي." هنن خطن ۾ پليجو صاحب پنهنجي گهروارن کان دور هوندي به مسلسل تربيت ڪندي هر ڏکي وقت ۽ ڏکين حالتن ۾ تيار رهڻ جي تلقين ڪندي نظر اچي ٿو هنن خطن مان اسان ان ڳالهه جو پوري طرح پروڙ پوندي ته جهڙي طرح پليجو صاحب پاڻ هڪ جفاڪش، سخت ذهني فڪري پورهيو ڪندڙپاڻ تي ۽ پنهنجن عزيزن تي رحم نه ڪائندڙ هڪ انقلابي اڳواڻ هو جنهن جو مقصد هن قوم ۽ انسانذات ظالم ۽ وحشي سماج پاران ڏنل تڪليفن، اذيتن

جو ازالو ڪرڻ آهي تنهن لاءِ هو پنهنجي گهر وارن ۽ عزيزن ۽ ڪارڪنن کي ان سفر ۾ شامل ٿيڻ ۽ توڙ ڪرڻ جي تربربيت ڪندو رهيو.

پنهنجي گهر وارن کي لکيل خطن ڪانسواءِ خطن جي هن مجموعي رسالي مهراڻ ۽ روح کي لکيل به اهم ادبي خط آهن جن کي پڙهڻ کان پوءِ ڪانپوءِ پڙهندڙ کي پوري طرح اندازو ٿي ويندو ته پليجو صاحب ادب جو ڪيڏو قدردان آهي هن کي شاعري، ڪهاڻي،ناول سان ڪيترو لڳاءُ هو هُو هڪ تخليقڪار ۽ ان جي تخليق سان محبت ڪري ٿو ۽ انهن جي پورهئي کي ڪيڏو مان ڏي ٿو هي ٻئي خط ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ انهن جي تاريخي اهميت آهي مهراڻ کي لکيل ۾ پليجي صاحب شيخ ايا جي شاعري، رباني، ابن الياس، اياز قادري۽ شيخ حفيظ جي افسانن جي تنقيدي راءِ ڏني آهي جيڪاتمام اهم آهي جئين شيخ اياز جي شاعري تي راءَ ڏيندي لکن ٿا ته “اياز جي شاعري سنڌي ادب جي هن دور جي اهم خصوصيت آهي،هو بنيادي طور هڪ رومانوي شاعر آهي سندس شعر جا موضوع به گهٽو ڪري روايتي آهن محبوب جو فراق ۾ لڇڻ، حسن جا گيت ڳائڻ پنهنجي محبت جو ساڪون ڏيڻ ڪيس پنهنجي زندگي ءَ جو مقصد نهرائڻ وغيرا . هن جو محبوب جيڪڏهن ايراني ۽ اردو شاعري کان اڏارو رتل ڪونهي ته سنڌي به ڪونه ٿو لڳي هن جي شاعريءَ جي دنيا گهٽو تٿو هڪ خيالي تصور جي دنيا آهي پر اها اسا جي آسپاس جي دنيا نه هوندي به اسان کي پاڻ ڏانهه ڇڪي وٺي ٿي . ان ۾ اسان کي پنهنجي دبيل ۽ اڻ لکين اُمنگن ۽ جذبن جو تعبير ڏسڻ ۾ اچي ٿو ان جو ماحول جيڪڏهن پنهنجو ته صفا اوپرو به ڪونهي . شيخ اياز جي شاعري جو حسن سندس موضوع نه پر فن آهي اها سراسر سونهن ۽ رس ۾ رچيل آهي هن جي تخيل گوناگون ۽ زمان ۽ مڪان جي قيدن کان بي نياز آهي . “ پليجي صاحب جي شيخ ايازجي شاعري تي مٿئين ڏنل راءِ تمام اهم آهي جيتوڻيڪ پليجي صاحب يازجي شاعري تي باقاعدي لکيو ئي ناهي پر مختلف جڳهن جي جيڪا راءَ ڏني سا به تمام اهم آهي، ان ڪانسواءِ هن ئي خط ۾ شيخ حفيظ جي فن تي ڏنل راءِ به وڏي اهميت رکي ٿي، انان ڪانپوءِ هن مجموعي ۾ به خط پليجي صاحب جي پُٽ اياز لطيف ۽ پارٽي ڪارڪن جي تربيت لاءِ لکيل پڻ شامل آهن ته هڪ اياز لطيف کي لکيل اختلافي خط پڻ شامل ڪيو ويو آهي .پارٽي ڪارڪنن کي لکيل خط ۾ پليجو پنهنجو ڪارڪن کي سنڌ جي تاريخي حوالن جي زريعي سنڌي قوم جي اوڻائن جا مثال ڏيندي پنهنجي ڪارڪن جي تربيت ڪري ٿو پليجي صاحب هن خط م پنهنجن ڪارڪن کي ڪم جي اهميت کان واقف ڪندي انهن کي سخت جفاڪش ۽ سخت محنتي ٿيڻ جي تلقين ڪري ٿو هن خط م پليجو صاحب پنهنجن ڪارڪن تي ڪم ڪرڻ جي ڍنگ ۽ ڪم جي اهميت تي سمجهائندي نظر اچي ٿو پليجو صاحب جئين هڪ سخت ڊسيپلينسٽ اڳواڻ هو تنهن ڪري هُو چاهي ٿو ته هن جي ڪارڪن ڪو به ڪرڻ جو ڍنگ روايتي نه هجي هُو هر ڪم باقاعدي پلاننگ سان ڪن تنهنڪري هُو جيل مان به پنهنجن ڪارڪن تربيت ڪندو رهي ٿو ان ڪانسواءِ اياز لطيف کي لکيل خط ۾ پليجي صاحب ڪارڪن جي ذهني ۽ فڪري تربيت ڪري ٿو انهن کي پنهنجي

پاڻ مان اوڌايون ڪيڻ لاءِ اتساهي ٿو يقيين وڳ ڪئين وسريا پليجي صاحب جي هڪ غير معمولي تخليق آهي .

جئين تہ پليجو صاحب سنڌ ۽ سنڌي قوم جي حقن لاءِ پنهنجي پوري حياتي جدوجهد ڪئي آهي پليجو صاحب سنڌ لاءِ نہ رڳو عملي ۽ فڪري جدوجهد ڪئي آهي پر سنڌ جي دشمنن سان ۽ حڪمرانن سان سنڌ جي مسئلن تي اکيون ملائي ڳالهائندو آهي اهوئي سبب آهي جو پليجي صاحب جنرل مشرف، ڪي پاڙي جي مسئلي ۽ عدليا جي مسئلي تي خط لکي پنهنجو ڀرپور موقف پيش ڪيو آهي تہ نواز شريف ڪي سنڌ جي اهم مسئلن تي خط لکي پنهنجو ڀرپور ڪيس رکي ٿو ان ڪانسواءِ پليجي صاحب جا سائين جي ايم سيد، ولي خان بيگم خان ڪي اختلافي خط پڻ آهن جيڪي هڪ تاريخي دستاويز جي اهميت رکن ٿا ائين پليجي صاحب جي فڪر،سمجھ، ڏاهپ نظريئي، ۽ سياست ڪي سمجهڻ لاءِ هي خط پڙهڻ تمام ضروري آهن تنهن سنڌ هر سياسي ڪارڪن، شاگرد ۽ نوجوانن ڪي ضرور پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجن .

# اعلي انسانن جون غير معمولي خوبيون

اوائلي انسان هن ڪائنات ۾ ٿيندڙ لقائن ڪان اڻ ڄاڻ هو تڏهن هو مختلف وهمن ۽ وسوسن ۾ ڦاٿل هو تڏهن ان انسان پنهنجي آسپاس جي لقائن بابت سوچڻ لڳو تہ هن جون ذهني صلاحيتون وڌڻ لڳيون ۽ پنهنجي پاڻ تي ايندڙ آفتن، تڪليفن سان مقابلو ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي بچاء جا اوزار ٺاهڻ سان گڏوگڏ نيون ايجادون ڪرڻ لڳو ائين انسان تهذيب ڏانهن وکون وڌائڻ شرروع ڪيون انسان جي ان پهرئين قدم کڻڻ کان هن جديد دور تائين ايندي انسان پنهنجي پاڻ ۾ تمام وڏيون تبديلي آڻيندي وڏيون غير معمولي خوبيون پيدا ڪيون ۽ تاريخ ۾ ڪي عظيم شخصيتون پيدا ٿيون جن تاريخ ۾ڪي عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا، اڄ پاڻ انسان ۽ غير معمولي فردن جي چند خوبين جو جائزو ونٺداسين .

## انسان ۾ تبديلي جي اهم خوبي "

انسان هن ڌرتي تي واحد اها مخلوق آهي جنهن ۾ پاڻ کي تبديل ڪرڻ،پنهنجي ماحول کي تبديل ڪرڻ جي خوبي ۽ تڙپ رهي آهي انسان جي انهي خوبي سبب ئي انساني جي ذهني ۽ فڪرد ارتقا جي هيڏو وڏو سفر ٿيو آهي ۽ انسان وحشي دور کان نڪري تهذيبي دور ۾ شامل ٿيو ڪيئي عظيم خيال آيا سوچون نظريا تخليق ٿيا جن جو مرڪزي نقطو پنهنجي پاڻ ۽ هن ماحول کي تبديل ڪرڻ هو اهي خيال چاهي ادب جا هجن يا فلسفي تصوف ۽ مذهب جا هجن اهو ئي سبب آهي ادب جي ميدان تي جو رومي بہ پنهنجي شاعري ۾ هڪ نئين انسان جي ڳاله ڪري ٿو ته تہ عمر خيام بہ پنهنجي رباعن ۾ هن ڪائنات کي پورا پورا ڪري هڪ نئون جهان اڏڻ جو خيال ڏي ٿو تہ شاه لطيف پنهنجي شاعري ۾ اعلي انسان تخليق ڪري ڏي. ٿو جيڪي هن عام رواجي ماحول ۾ ملن ئي نٿا ملن ۽ا آستروسڪي چراغ جلتا رها جهڙو ناول لکي اليڪسي جهڙا هيرا ٿو تخليق ڪري مئڪسم گورڪي ماء ناول لکي ڪورچاگن جهڙا انقلابي ڪارڪن تخليق ٿا ڪن تہ ٻئي طرف فلسفي جو ميدان تي سقراط انسان کي سمجهڻ ۽ ان کي تبديل ڪرڻ لاء سوچي ٿو ۽ افلاطون ريپبلڪ جهڙو ڪتاب لکي ان دور جو اعلي انسان ۽ بهترين سماج جو خاڪو ٿو پيش ڪري ۽ چريو نتشي سپر مين جو نظريو ٿو ڏي تہ مارڪس نئون انسان تخليق ڪرڻ جو چيلينج ٿو ڪٽي .

## "بي انتها پورهيو ڪرڻ جي عادت"

انساني تاريخ ۾ جيڪي عظيم ماڻهو ۽ اعلي ذهن ۽ تاريخ ۾ تبديل ڪندڙ شخص آيا آهن انهن جي زندگي ۽ جدوجهد جو احوال پڙهڻ ۽ پروڙڻ سان اسان انهي نتيجي تي پهچون ٿا ته انهن ماڻهن ۾ ٻين سوين خوبين سان گڏ هڪ اهم خوبي بي انتها پورهئي ڪرڻ جي هئي اها چاهي عملي هجي يا فڪري پورهيو هجي.

دنيا جي عظيم اڳواڻن ۾ ويتنام جو انقلابي اڳواڻ هوچي منه نه رڳو بي انتها پڙهندو هو پر هوٽلن تي بيراگيري ڪرڻ کان ويندي مزدوري تائين سڀ ڪم ڪندو هو ته بي انتها انقلابي ڪم به ڪندو هو ۽ لينن هڪ انقلابي پارٽي منظم طريقي سان هلايائين مخالفن سان وڏي جنگاڻ ڪيائين ۽ انقلابي سرگرميون به ڪيائين ۽60 جلد ڪتابن جا به لکيائين ۽ انهي کان سواءِ بي انتها مطالعو ڪندڙ هو جنهن سبب ڊاڪٽرن مطالعي کان روڪڻ باوجود به بيماري جي بستري تي ويهي پڙهندو هو ائين مائو استالن ڪم ال سنگ منڊيلا، ڪاسترو ۽ ٻيا عظيم اڳواڻ سخت پورهيو ڪندڙ هئا.

ٻئي طرف دنيا جا عظيم ذهن افلاطون کان ويندي اسٽيفن هاڪنگ تائين سڀئي چريائي جي حد تائين پورهيو ڪندڙ هئا ڪانٽ جي فڪري پورهئي تي ماڻهو حيران رهي ٿي سگهي ٿو جيڪو سواءِ شام جي وقت ٿورو پنڌ ڪرڻ جي سڄو ڏينهن فلسفي جا منجهيل سوالن کي حل ڪرڻ ۾ غرق هوندو ۽ فلسفي جو اهڙو نظام ڏيئي ويو جيڪو سالن تائين حاوي رهيو چارلس ڊارون جو ٿڪائيندڙ سامونڊي سفر ۽ ان کان پوءِ بائولاجي بي انتها پورهيو ڪري ارتقا جي نظريعي جا خالق بڻيو جنهن سان انسان کي پنهنجي اصل حقيقيت ۽ بڻ بنياد جي خبر پئي ۽ مارڪس جي بي انتها پورهئي کان ڪير واقف ڪونه هوندو اسان هن جي ذهني جفا ڪشي جو داستان ڏاهپ جو جنم ۽ اياز علي جي ڪتاب مارڪس تان پسي سگهون ٿا ڪيڏو نه چريو انسان هو 20صفعا لکڻ لاءِ سڄي لائبريري پڙهئي هئس ۽ پوءِ مارڪس جي انهي پورهئي انساني تاريخ ۾ ان صدي ۾ زلزلو اٿي ڇڏيو جنهن جا لوڏا صدين تائين رهندا ائين نيوٽن آئنسٽائن گليلو هاڪنگ ڪيڏا نه فڪري پورهيا ڪندڙ هئا.

# ”جنب ڪتا“ هڪ جائزو

ادب سماج جو عڪس هوندو آهي هڪ تخليقڪار جا خيال ۽ سوچون سماجي حالتن ۽ سماجي حقيقتن جو اولڙو هوندا آهن هڪ تخليقڪار جڏهن سماجي حالتن مان بيزار ٿيندو آهي انهن خلاف بغاوت ڪندو آهي جنهن جو اظهار هُو ڪهاڻي،ناول، شاعري، آتم ڪٿا يا وري ادب جي ٻئي ڪنهن صنف ۾ ڪندو آهي ڪنهن به سماج جي تبديلي جا بنيادي اهڃاڻ ان سماج جا ڏاها،اديب ۽ شاعر ئي هوندا آهي پر شرط اهو آهي ته اهي پنهنجن مفادن لاءِ هن سماج سان ڪميٽمينٽ نه ڪري ويهن . سنڌي ادب به سنڌ جي سياسي،سماجي ثقافتي حالتن جو اولڙو ۽ عڪس رهيو آهي،سنڌ جي اديبن،شاعرن سنڌ جي حقيقي حالتن کي پنهنجي تخليقن ۾ پيش ڪيو آهي،شيخ اياز، استاد بخاري،سرويچ سجاولي، ابراهيم،منشي،زاهد شيخ ۽ ٻين جي شاعري، امرجليل، جمال ابڙو،نجم عباسي، رشيد ڀٽي، آغا سلي،سراج ميمڻ، زيب سنڌي، منظور ڪوهيار، ضراب حيدر، اختر حفيظ، مجيب اوٺو ۽ سنڌ جي ٻين اديبن جون ڪهاڻيون ناول، ۽ سنڌ جي ڏاهن سائين جي ايم سيد، سائين ابراهيم جويو، سائين رسول بخش پليجو، فقير محمد لاشاري جامي چانڊيو ۽ ٻين اديبن جون لکڻيون سنڌ جي سماجي ۽ سياسي حالتن جو اولڙو،عڪس ۽ پنهنجي دور جي حقيقي حالتن جي تاريخ آهن جن کي پڙهڻ سان اسان کي سنڌي سماج جي نفسيات، ان جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي پروڙ پوندي تنهن ڪري هر دور کي سمجهڻ لاءِ ان دور جي ادب کي پڙهڻ ضروري آهي، تازو انهي حوالي سان سنڌ جي بهترين ڪهاڻيڪار، ڊرامانگار ۽ ليکڪ حفيظ ڪنير جي آتم ڪهاڻي جو ڪتاب ” جنب ڪٿا “ آيو آهي جنهن ۾ ليکڪ حفيظ ڪنير پنهنجي دور جي سماجي،سياسي، ثقافتي حالتن جو چيد ڪري ٿو هي آتم ڪٿا هن سماج جي هيٺئين طبقي جي هر غريب، مسڪين، لاچار، بي وس،۽ پيڙهيل طبقي جي حقيقي زندگي جو داستان آهي تنهن ڪري هي آتم ڪٿا پڙهندي پڙهندڙ کي ڪنهن به وقت ڪابه اوپرائپ محسوس نه ٿيندي بلڪ پڙهندڙ کي پنهنجي آسپاس هر عام ماڻهو جي زندگي ۽ ان جون حالتون، ان جا ڏک ۽ تڪليفون محسوس ٿينديون باقي جيڪو هن ڌرتي تي پيڙهيل طبقي جي زندگي کي چڙهيل آهي جنهن جون پاڙون هن ڌرتي ۽ ماڻهن ۾ کپيل ناهي ان لاءِ ضرور هي وڏاءُ هوندو هڪ ديومالائي قصا لڳندا باقي حفيظ ڪنير جا پير پهرئين ڏينهن کان هن ڌرتي تي پختا

هئاتنهن ڪري هن اُهي سڀ ڏنا،سڀ تڪليفون ۽ اذيتون برداشت ڪيون ۽ اهڙي قهر جهڙي آتم ڪهاڻي لکي آهي .

هن ڪتا جي شروعاتي پنن ۾ ليکڪ جي ماءُ جي اذيت سان ڀرپور زندگي جو داستان آهي اسان ابوجهه سنڌي ماڻهن جيڪو تعليمي شعور، سمجهه نہ هجڻ جي ڪري جيترو غلط خيالن، سوچن، وسوسن ۽ عقيدن جي ور چڙهيل آهي جنهن سبب هُو تمام گهڻو ڀوڳي ٿو تنهن جومثال شايد هن دور ۾ هن دنيا ۾ نہ ملي هڪ ماڻهو جيڪو اڳ ئي اذيت ۽ تڪليف ۾ آهي ان ڪي علاج جي نالي تي اجا وڌيڪ اذيت ڏني وڃي ٿي جئين هن ڪتا ۾ ليکڪ جي ماءُ سان ٿئي ٿو هُو ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هجي ٿي ۽ ان جوڀهراڙي جي ٽوٽڪن تي اعلاج ڪري اجا وڌيڪ تڪليف ڏني وڃي ٿي جيڪو جيءَ ڪي جهوريندڙ آهي، هن آتم ڪتا ۾ ليکڪ ستر جي ڏهاڪي جي معاشي حالتن جو ڇيد پڇڙ ڪري ٿو ۽ ان دور جي ماڻهن جي معاشي حالتن جو حقيقي نقشو چٽي ٿو جنهن ۾ ان دور جي ٻهراڙي جي ماڻهن جي زندگي ڪيڏي نہ تلخ گذرندي هئي ۽ اهي ڪيڏي غربت ۾ زندگي گذاريندا هئا انهن وٽ رڳو بک هئي، بيماري هئي، جهالت هئي، اذيت هئي جنهن جو شڪار هر ماڻهو سان گڏ حفيظ ڪنير بہ ٿئي ٿو ليکڪ پنهنجي ان دردن واري ماضي ڪي ياد ڪري ٿو ان جو اظهار اسان ۽ توهان اڳيان ڪري ٿو ۽ نہ رڳو اظهار ٿو ڪري پر هو تہ هن ڌرتي تي رهندڙ هر ان ماڻهو جي ڏک ۽ بک ڪي بہ محسوس ڪري ٿو جيڪو انهن حالتن مان گذري ٿو . “ ڌرتي جي گولي جي اڪثريتي مخلوق آفريڪا کان ايشيا تائين ائين ڪنل هئي .بک ۽ بيماري وگهي قبرستان، شمشان گهاٽن جو رخ ڪري ٿي اسان وٽ غربت نہ بک هئي،بک جي بک سان ڪهڙي ڀيٽ اسان ڪي خبر هئي تہ بابا ڪي خود ڪي،اسان ڪي بکيو رکي اسان ڪي پڙهائڻو هو مگڻا تي چڪا هڪ نياڻي سميت پٽن جي شادين جا مسئلا بہ حل ڪرڻا هئا،وڏو ڀاءُ يونيورسٽي پهچي چڪو هو پر اڄ سوچيان ٿو تہ اسان ڪي تہ ڪڪڙ جي تازي يا ڀاروٽي ماني ملندي هئي پر آفريڪا ۾ مائرون ٻارن ڪي ميت جهڙي ڪنهن شيءَ جون ماني کارائي رهيون آهن هڪڙا لکين ماڻهو بک وگهي مرن ٿا ٻيا لکين ماڻهو اهڙي ايري غذا وگهي مرن ٿا .جنهن غذا ۾ ڪلوريز ۽ پروٽين ئي ناهن . “

ان ڪانسواءِ ليکڪ پنهنجي هن آتم ڪتا ان دور جي عام سنڌي ماڻهن جي نفسيات تي تنقيدي انداز ۾ بہ ڀرپور لکيو آهي جيڪو يقينن هڪ حقيقي تنقيد آهي تہ اسان جي سنڌي ماڻهن جي نفسيات آهي تہ ڪم گهٽ ڪبو ۽ ان جي ڏاڍ وڏي هٽبي ۽ ان ڏاڍ ۾ رڳو وڏاءُ ۽ ڪوڙ هوندو جئين ان دور ۾ اوطاقن ۽ هوٽلن تي وينل عام

ماڻهن جو موضوع ٺي جنسي قصا هوندا جنهن ۾ عورتن تي ۽ ٻارن تي رڳو جنسي قصا ۽ چرچا هوندا هئا ۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجا ڪوڙا جنسي ڪارناما ٻڌائي داد وصول ڪندو هو ( ان نفسيات کان سنڌ جا وڏا اديب ۽ شاعر بہ نہ بچي سگهيا انهن پنهنجن آتم ڪٿائن ۾ انهن شاعرن ۽ اديبن عورتن سان افيئر جي حوالي سان وڏا ڪي ڪوڙا قصا گهڙي پيش ڪيا آهن جنهن کي چيليج ڪرڻ وارو ڪو حفيظ ڪنير جهڙو اُٿي ) يا وري غربت هجڻ جي ڪري ماڻهن ۾ سمپ گهٽ هئي تنهن ڪري هُو ننڍڙن ننڍڙن مسئلن ٻارن جو راند تان وڙهڻ پاڻي جي واري تان وڙهڻ يا وري مال جو ٻئي ڪنهن جي فصل ۾ وڃڻ تان جهيڙا شروع هوندا هئا جيڪي وڃي خونن تائين پهچندا هئا .

آتم ڪٿا ۾ اسان کي ليکڪ ٻڌائي ٿو ان دور جو ٻار تي سڀ کان وڏو عذاب تعليمي ادارن ۽ اسڪولن ۾ هو ان دور جي استاد توڙي مائٽ جي نفسيات هئي تہ مار ٻار جي سنوار آهي تنهن ڪري هر ٻار پيو استادن جي اڳيان ڪتبو هو ننڍي ننڍي ڳالهہ، ننڍي ننڍي غلطي تي ٻار تي لٺ جو زيپٽ هوندو هو جنهن جو شڪار ليکڪ بہ ٿئي ٿو ۽ مار ۽ تشدد کي ليکڪ ضياءَ جي تشدد سان هن طرح ڀيٽي ٿو -”جڏهن مون ۾ سياسي شعور آيو سياسي سنگت ۾ آيس .ضياءَ جي مارشل لا جي ڦٽڪا ۽ ڪوڙا هڻڻ وارا منظر اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳا تہ مون کي اسڪولن ۾ ٿيندڙ ان قسم جي تشدد ۾ هڪجهڙائي اها نظر آئي تہ ضياءَ منحوس بہ ڪو هجوم گڏ ڪري پوءِ ڪوڙا هڻائندو هو ۽ اذيت پسند ماستر بہ شاگردن جي هجوم ۾ تشدد ڪري اذيت مان مزو وٺندا هئا ضياءَ جي گڏ ڪيل هجوم بہ ڪوڙن ڦٽڪن سان ٿيندڙ تشدد ڏسي تاڙيون وڄائندو هو ۽ ماسترن جو محدود مجموعو بہ اهڙي اذيت مان خوشي حاصل ڪندو آهي فقط ڦٽڪي ۽ تلهڙ جو فرق آهي،باقي انسان اذيت پسند ٿي آيو آهي . “ جتي ليکڪ ان دور جي مارٽي استادن جو ذڪر ڪري ٿو انهن جي تشدد کي ضياءَ جي تشدد سان ڀيٽي ٿو اتي هُو ڪاليج جي هڪ شفيق ۽ فلسفي جي شائق استاد مٺا خان مري جو ذڪر انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ڪري ٿو جيڪو هڪ ٻئي دنيا جو ماڻهو هو جيڪو شاگردن کي سقراط،افلاطون،ابن رشد،ابن عربي ۽ غزالي جو فلسفو ۽ فڪر تمام دلچسپ انداز سمجهائيندو هو .ان ڪانسواءِ آتم ڪٿا ۾ ليکڪ اسان ڪتاب چوري ڪرڻ وارن ڪارنامن جو بہ ذڪر ڪري ٿو تہ ضياءِ جي دور ۾ پنهنجي شاگردي واري دور ۾ ڪيل سياسي سرگرمين جو احوال بہ ڏي ٿو تہ وري ايم آر ڊي تحريڪ دوران عوامي تحريڪ جي سرگرمين جون جهلڪيون بہ ڏيکاري ٿو .

آتم ڪٿا ۾ ليکڪ اسان کي ٻڌائي ٿو ان دور جي سنڌ ۾ ٻک ۾ هئي، ڏک هئا،تڪليفون هيون اذيتون هيون سڀ ڪجھ هو پر مذهبي بنياد پرستي نہ هئي ليکڪ جو نانو پڪو مذهبي هو ناني صفا ڪافرياڻي هئي . ائين هن ڪٿا حقيقي زندگي جا ڪئين قصا ۽ ڪهاڻيون آهن جيڪي دلچسپ بہ آهن جيءَ جهوريندڙ بہ آهن باقي هن آتم ڪٿا جو هڪ باب ”پليجي صاحب جا خواب “ هتي اوپرو ۽ مناسب نٿو لڳي ۽ آتم ڪهاڻي جي تسلسل سان مئچ نٿو ڪائي هن کي آخري ڀاڱي ۾ هجڻ گهرجي ها ۽ تفصيلي هجڻ گهرجي ڇوتہ ليکڪ جي هي آتم ڪٿا اجا ليکڪ جي ڪاليج واري دور تائين جي آهي جنهن ۾ شايد ليکڪ پليجي صاحب سان هڪ اڌ ملاقات ڪئي آهي ۽ جامي جو تہ ڪٿي آتم ڪٿا ۾ هن باب کانسواءِ ڪٿي ذڪر ناهي نہ ئي جامي سان ڪا ڄاڻ سڃاڻ اٿس تنهن ڪري اهو باب آتم ڪهاڻي جي تسلسل کي ٽوڙي ٿو ليکڪ کي گهرجي ها تہ پليجي صاحب جي سياست ۽ جامي جي علمي قد ڪاٺ تي هڪ ڀرپور ۽ علمي بحث ڪري جنهن تي يقينن وڏا علمي بحث ٿيندا باقي ٻن صفن ۾ پليجي صاحب جي سياست ۽ جامي جي علميت جو ڇيد مناسب ناهي . هن ڪٿا جي حوالي يقينن هن دور جي هي ڪٿا هڪ بهترين ڪٿا آهي جنهن کي لکڻ حفيظ ڪنير جو هڪ غير معمولي ڪم آهي ۽ هر شاگرد، سياسي ڪارڪن، ۽ ساڃاهہ وند کي ضرور پڙهڻ گهرجي .

# ڀاڱو ٽيون: ادب _ ڪيريئر ڪائونسلنگ

(جڏهن مان عبادت ڪندو آهيان، تڏهن مان خدا سان گفتگو ڪندو آهيان ۽ جڏهن مان ڪتاب پڙهندو آهيان تہ سرجڻهار سان گفتگو ڪندو آهيان. ٿامس ڪئمپن )

# ماتم هڪ عورت جو

دنيا ۾ قيد ۽ عقوبت خانن جو گهڻو ادب رهيو آهي اهو اسان کي انهن قيدين جو ڪهاڻيون ٻڌائي ٿو جيڪي ٻاهرئين دنيا کان بي خبر ٿي ويندا آهن ۽ اهي جن مرحلن مان گذرن ٿا اهي نہ رڳو اذيتناڪ هوندا آهن پر ذهني طور تي وڏيڪ پيڙاء ڏيندڙ هوندا آهن تنهن ڪري جيڪي ناول اسان تائين ترجمي جي صورت ۾ انهن موضوعن تي پهتا آهن اهي پڙهڻ وٽان آهن "ماتم هڪ عورت جو" بہ انهن مان هڪ آهي.

هي ناول بنيادي طور تي هڪ ارجنٽينائي عورت سوزانا ان جي منگيندي، ٻين عورتن ۽ مردن تي جيل ۾ فوجين پاران ٿيل ٿهري تشدد، تڪليفن ۽ اُپ ڏاريندڙ ڏکن جي ڪٿا آهي جنهن جو ليکڪ عمر ريوابيلا آهي ۽ سنڌيڪار ننگر چنا آهي، هن ناول پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ فوج جي ايڏي بي رحمي ۽ تشدد پسند ي ۽ وحشي هجڻ تي چڙ ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندو. ۽ انهن سان نفرت ڪرڻ ۽ لاطيني آمريڪي جي عورتن ۽ مردن سان همدري ۽ پيار ڪرڻ لڳندو، هن ناول جي شروعات هڪ پادري اينتونيو کي هڪ دٻي ملڻ کان شروع ٿئي ٿي جنهن ۾ سوزانا جا جيل ۾ لکيل نوٽس هوندا آهن جيڪي هن لِڪي لِڪي لکيا هئا جنهن کي پوءِ پادري ترتيب ڏيڻ شروع ڪندو آهي ائين پادري هر نوٽس پڙهندو ويندو آهي ۽ سوزانا ۽ ٻين قيدن تي ٿيل تشدد جي وارتا ظاهر ٿيندي ويندي جيڪا انتهائي تڪليف ڏيندڙ ۽ ڏڪائندڙ هوندي آهي جڏهن تہ هي نوٽس پڙهندي پڙهندي پادري پاڻ بہ هڪ پيڙاء مان گذرندو رهندو آهي جنهن سبب هن کي پوائتا خواب، بي چيني جهڙي ڪيفيت ٿي ويندي ۽ نيٺ نفسياتي مريض ٿي ويندو آهي.

هن ناول ۾ ڏيکاريو ويو تہ فوجي پنهنجن قيدن کي سچي ڪرائڻ لاءِ ڪيڏا بي رحم ۽ تشدد پسند ٿي پوندا هئا ۽ ڪئين نہ قيدي عورتن تي جنسي تشدد ڪري لطف اندوز ٿيندا هئا، جئين هڪ هنڌ سوزانا ان تشدد جو احوال هن طرح لکيو آهي تہ " ان سڀ ڪجھ هلندي هُو بہ مون کان دهشتگردن جي باردخاني بابت پڇندو رهيو پر هُن بہ مون کي ورندي ڏيڻ جي وِٿي نہ پئي ڏني، تنهن گهڙيءَ اُهو همراه ُ، جيڪو وڏيءَ عمر جي عورت کي ايذاءَ ڏيئي رهيو هو سو ڇوڪرِي ڏي لڙيو ۽ بجليءَ جي تارَ سبب، ڇوڪريءَ جو بدن اُٿل ڪائي ٻيٺو تي ويو ۽ وني ٽڙڪڻ ۽ آڪِرِجڻ لڳو هو انتظار ڪندو رهيو تہ ڇوڪريءَ جو بدن ساڳي حالت ۾ اچي" يا ٻئي هند لکي ٿي تہ"جنهن ماڻهوءَ سچي عمل جي ذميواري ڪنئي هئي تنهن تَس مان پاڪي ڪنئي ۽ اُنَ ماڻهو جي ٻانهن تان ماسَ جا ننڍا ننڍا ٽُڪر ڪپڻ لڳو. قيدي رَڙِ ۽ تڙپڻ لڳو هُنَ جي زور سان ڦٽڪڻ جي ڪري هڪ پيرو پاڪي ماسَ اندر لهي ويس ۽ لڳو تہ رڳ ڪپجي ويس، رت جو ڦوهارو نڪتو ۽ تارچر ڪرڻ واري جي بُوٽَ کي پُجائي ويو.

ائين هن سڄي ناول ۾ قيدن تي ٿهري تشدد جو احوال آهي جيڪو انتهائي پيڙاء ڏيندڙ آهي، پر پوءِ بہ قيدي پنهنجن ساٿين ۽ پنهنجي ڪم ڪار جي باري ۾ هڪڙو اکر بہ نہ ٻڌائندا هئا بلڪي فوجين جي منهن

تي ٽڪون اڇلائي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا هئا، هن ناول ۾ ان ڳالهه جو به اظهار ڪيو ويو آهي ته آمريڪي ان جنگ کي عيسائي مذهب جي بچاءَ جي جنگ ڪوٺي رهيا هئا . ۽ اُهي فوجي ايڏا ته بي رحم ٿي ويندا هئا جو پيٽ وارن عورتن کي زوردار ڪرنٽ لڳائي ان جي ٻارن کي انهن جي پيٽ اندر ئي ماري ڇڏيندا هئا ته ڪنهن تي ڪوئن جو تشدد ڪرائندا هئا جيڪو انتهائي ڀوائتو آهي پڙهندڙ جا لڱ ڪانڊارجيو وڃن. ۽ هن ناول ۾ اهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي ته هرهڪ آمريڪي فوجي جنسي بکيا ۽ نفسياتي مريض هوندا جيڪي مختلف بي هودا طريقن سان انهن قيدي عورتن مان پنهنجي جنسي بک پوري ڪندا آهن.هن ناول ۾ هڪ نفسياتي مسئلي کي به کنيو ويو آهي ته قيدين تي جڏهن تشدد ڪيوويندو هو ته اُهي پنهنجي پاڻ تي هيپناٽائيز ڪري پنهنجي جسم تي ٿيندڙ تشدد وارن عضون کي سُن ڪري ڇڏيندا هئا يا بيهوش ٿي ويندا جنهن جي ڪري انهن تي تشد د جو اثر ڪجھ گهٽ ٿيندو آهي ۽ اهو ساڳيو ئي عمل هن ناول جي اهم ڪردار سوزانا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي پر ناڪام ويندي آهي. ائين هر وقت جي تشدد، جنسي ذلالپ ۽ جنسي تشدد ۽ ذهني ايذاء کان بيزار ٿي جڏهن سوزانا زندگي مان بيزار ٿي مرڻ چاهيندي آهي ته اتي هڪ اميد جو ڪرڻو نڪرندو آهي ته سوزانا کي هڪ ٻئي ڳورهاري قيدي عورت ملندي آهي جنهن جي دوستي هڪ فوجي سان هوندي آهي جيڪا سوزانا کي چوندي آهي ته تون پنهنجي ڊائري لکڻ شروع ڪر جنهن ۾ پاڻ تي ٿيندڙ ظلم جو احوال هجي ته جيئن اسان مان جيڪڏهن ڪو بچي سگهي ته اُهو اهو داستان ٻين ماڻهن پهچائي سگهي ائين سوزانا کي اها عورت مختلف قسم جا پنا اخبارون ۽ سگريٽن جا ڪوڪا آڻي ڏيندي آهي جنهن تي سوزانا هر روز جو احوال لکي ان عورت کي ڏيندي آهي جيڪو اخرڪار پادري کي هڪ دٻي ۾ ملي ٿو جنهن کي پادري ڊائري جي صورت ۾ ترتيب ڏيئي هن ناول جي ليکڪ عمر ريوابيلا کي موڪليندو آهي. هن قاسم جا ناول اسان عقوبت خانن جون ڪهاڻيون ٻڌائن ٿا ته ڪهڙي ريت عام شهري رياستي ڏاڍ ۽ جبر جو شڪار ٿي پنهنجون حياتيون وڃائي ويهندا آهن. اهي ڳالهيون جيڪي اسان عام طور تي نثر ۾ بيان نٿا ڪري سگهون,انهن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪهاڻي ۽ ناول ڪو سهارو ورتو ويندو آهي جنهن ڪري حقيقتون اسا ن جي آڏو نروار ٿينديون آهن.هي ناول به انهن قيدن جي ڪهاڻي جيڪي تشدد سهندي مري ٿا وڃن پر ڪنهن به ريت آڻ نٿا مڃين.

# اُٿپال جي چڪ

ادبي دنيا ۾ عالمي ادب جي وڏي اهميت رهي آهي تنهن ڪري هر قوم ۽ ملڪ جي جا اديب،عالم ۽ ڏاها ٻين ڏارين ٻولين ۾ لکيل ڪتابن کي تمام گهڻو پڙهن ٿا ۽ انهن جا ترجما پنهنجي ٻولي ۾ ڪن ٿا عالمي جي ادب جي ڪتابن جي ترجمي سان هڪ تہ پنهنجي ٻولي جي ادب ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ ٻيو تہ پڙهندڙ دنيا جي خيالن، سوچن، حالتن ۽ ثقافت کان واقف ٿئي ٿو. سنڌي ۾ بہ هن وقت سنا ڪتاب ترجما ٿي ۽ ڇپجي رهيا آهن جن ۾ ڪي ڪوتون ضرور آهن پر اهي سني مقدار ۾ ترجمو ٿي رهيا آهن پر اهڙا ترجما گهٽ هوندا آهن جن کي پڙهندي محسوس ٿيندو آهي تہ هي ڪتاب لکيل ئي سنڌي ٻولي ۾ آهي تازو " ريڪائون ميگزين " جي آگسٽ واري شماري ۾ آمريڪي ليکڪ " جئڪ لنڊن " جي ناول The call of the wild جو مڪمل ترجمو ڇپيو آهي جنهن کي سليم نور حسين ترجمو ڪيو آهي جنهن جي ٻولي ۾ ڪا بہ اوپرائپ محسوس نہ ٿي ٿئي تنهن ڪري هي يقينن هي شاهڪار ترجمو آهي.

هي ناول بظاهر ۾ هڪ ڪتي بڪ جي پنهنجي پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ ڪيل جدوجهد جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي پر ليکڪ جو اصل ۽ اهم نقطو ارتقا کي بيان ڪرڻ آهي هن ناول کي پڙهندي بلڪل محسوس نٿو ٿئي تہ ليکڪ ڪو ارتقا جا اصول ۽ ان جو پروسيس بيان ڪري رهيو آهي پر جڏهن پڙهندڙ ارتقا جي نظريئي کي اڳيان رکي هن ناول جي انت کان شروعات تائين سڄي ڪهاڻي تي سوچي ٿو تہ بلڪل هڪ ڪتي ارتقا جي ڪهاڻي لڳي ٿو هن ناول جي شروعات 1897 ع ۾ ساموندي پٽي وارن ملڪن ۾ آيل هڪ وڏي تبديلي کان ٿئي ٿي جنهن جو اثر ماڻهن سان گڏوگڏ ڪتن تي پيو ٿو ان تبديلي کي ليکڪ هنن بهترين لفظن ۾ پيش ڪيو آهي " بڪ (ڪتي جو نالو) اخبار ڪونہ پڙهندو هو نہ تہ ڪيس خبر هجي ها تہ نہ رڳو هن تي پر هر ساموندي ڪپر واري تر سان لاڳاپيل جانئين مشڪن ۽ ڊگهن گهاٽن وارن واري ڪتي،پيوجيسٽ سائونڊ کان ڊائيگو تائين مصيبت ڪڙڪڻ واري هئي ڇاڪاڻ تہ ماڻهن قطبي اونداهہ ۾ هٿوراڙيون هٽي هٽي هڪ هئڊو ڌاتو ڳولي لڌو هو ۽ ڇاڪاڻ تہ آڳٻوٽن ۽ اڄ وچ واريون ڪمپنيون انهي لپ مان ڪمائي جي ڪيڏ هيون ۽ هزارين ماڻهو اتر پار ڏانهن ڊوڪيندا ٿي ويا انهن ماڻهن کي ڪتا کپندا هئا ڪين ڳرا ڪتا کپندا هئا جانئين مشڪن وارا ڪتا جيڪي جاگوڙي سگهن بشڪن واري کل سان ڪتا تہ جئين پاري جي سٽ سهي سگهن. "ائين ناول جي ابتدا ٿئي ٿي ۽ هن ناول جو مرڪزي ڪردار ڪتو بڪ هڪ ماڻهو جج ملر جي گهر ۾ هڪ پالتو ڪت جيان ي رهي ٿو جتي هن جي زندگي بلڪل انسان جهڙي هوندي آهي ۽ ان جو ماحول اڄ جي تهذيب يافتہ دور جو هوندو آهي جتي هو جج ملر جي ٻارن سان راند ڪيڏي ٿو سوئمنگ پول ۾ تري ٿو پر اچانڪ جج ملر جي گهر جو مالهي بڪ کي هڪ ڪتن جي واپاري وٽ وڪڻي ڇڏي ٿو جتان بڪ جي ڏکن جي زندگي جي شروعات ٿئي ٿي جتان بڪ برفاني علائقن جي ٻن سرڪاري عملدارن وٽ وڪيو وڃي ٿو جيڪي ڪتن کي برف گاڏي

چڪڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن بڪ جي هن دور ڪي ليڪڪ ارتقا جو وچ وارو ڏاڪو ڏيکاريو آهن جنهن ۾ انسان جنگهلي علائقن ۽ برفاني علائقن ۾ رهندا هئا ۽ انهن جانورن کي پنهنجي معاشي ڪمن ۾ استعمال آڻڻ لاءِ ۽ انهن کي پنهنجي طابع رکڻ لاءِ انهن جي تربيت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ هتي بڪ تمام ڏکيا ڪشالا ڪڍيا, هتي هي وڏيون بکون ڪاٽي ٿو برفاني علائقن ۾ هتي هن زندگي جا وڏا سبق سکي ٿو جيڪي هن ريت آهن .

جهنگ ۾ اها جيوت زنده رهي سگهي ٿو جيڪا طاقتور آهي جنهن ۾ پنهنجي پاڻ کي محفوظ رکڻ جي صلاحيت آهي باقي ڪمزور ۽ صلاحيت کان محروم جيوت زنده نٿي رهي سگهي جئين هن ناول ۾ ڪتن جي ويڙه دوران ڏيري ۽ ڪمزور ڪتي ڪرلي هڪ ئي ويڙه ۾ پورو ٿي ويندي آهي يا بڪ ۽ هڪ ٻئي جي ڪتي سپٽز جي ويڙه دوران بڪ سپٽز کي ماري وجهي ٿو ۽ ڪتن جي لوڏ جو اڳواڻ ٿي وڃي ٿو .

زندگي جي هن سفر دوران بڪ اهو پڻ سکي ٿو ته هتي صرف گهوپاٽي ۽ ڏند جو قانون هلي ٿو تنهن ڪري جنهن وٽ گهوپاٽو آهي اهو قانون ناهيندڙ حڪمران آهي ۽ جنهن وٽ مضبوط ڏند آهن اهو ئي زندا رهي سگهي ٿو ۽ پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي ٿو نه ته ان کي ڪرلي جيان ڪنهن نه ڪنهن جي هٿان موت اچي ويندو آهي .جئين هڪ هنڌ ليکڪ لکي ٿو ته "بڪ بي رحم هو هن گهوپاٽي ۽ ڏند جو قانون هئين سان هنڍايو هو ۽ نه ڪنهن سرسي مان فائدو وٺڻ کان ڪيٻائندو ۽ نه ئي اهڙي دشمن کي ڇڏي پنتي هٽندو هو جنهن کي موت جي واٽ تي پير ڪٽايو هئائين هن سپٽز کان ۽ پوليس ۽ ٽپال وارن جي مکيا ويڙهاڪ ڪتن کان پرايو هو ۽ خبر هئس ته ڪو وچ وارو رستو ڪونهي . هو پاڻ مٿانهون ٿئي يا پاڻ کان مٿانهون ٿيڻ ڏي جڏهن ته ڪهل ڪرڻ ڪمزوري هو.مول جيوت ۾ ڪهل جو وجود ڪونه هو.ان کي پئو سمجهيو ٿي ويو ۽ اهڙيون غلط فهميون موت آڻيندڙيون آهن, مار يا مارجي وڃ, کاءُ يا کاڄي وڃ,اهو قانون هو ۽ هُو وقت جي قانونن جي بجا آوري ڪندو هو."

ان ڪانسواءَ هن ناول ۾ ليکڪ ان نقطي کي به بحث هيٺ آندو آهي ته اوائلي زماني ۾ جڏهن هن ڌرتي تي رهندڙ جيوت تي جڏهن فطرتي مصيبتون, آفتون ۽ تڪليفون آيون ٿي ته ان پنهنجي پاڻ جو ڪئين بچاءُ ڪيو ٿي ۽ ان جيوت ان دور ۾ هڪ ٻئي جي تجربن مان ڪئين پرايو ٿي . هن ناول ۾ ليکڪ ارتقا جي ان نقطي کي پڻ آندو آهي ته ڪنهن به جيوت تي ماحول ڪئين۽ ڪيترو اثر پوي ٿو ۽ اها جيوت ڪئين حالتن مطابق پاڻ کي تبديل ڪندي ۽ پنهنجي پاڻ کي ماحول ۾ ڪئين ڍالي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جيوت ۾ پنهنجي پاڻ ۾ تبديل ڪرڻ واري خاصيت ناهي ته اها فنا ٿي ويندي آهي تنهن ڪري جيوت لاءِ پنهنجي پاڻ ۾ ماحول مطابق ڍالڻ تبديلي لازمي آهي جئين هن ناول جو مرڪزي ڪردار ڪتو بڪ پنهنجي پاڻ کي ماحول ۾ ڍالي رهي ٿو اهو ساڳيو ڪتو جڏهن جج ملر جي گهر ۾ هڪ پالتو ڪتو هو تڏهن هن کي کاڌي لاءِ ڪا به جفاڪشي نٿي ڪرڻي پئي نه ئي هي ڪو ويڙهو ڪتو هو پر جڏهن بڪ

جهنگ ۾ رهڻ لڳي ٿو تہ هن کي پنهنجي ڪاڏي لاءِ مالڪن جي ڪاڏي مان چوري ڪرڻي پوي ٿي تہ پنهنجي بچاءُ لاءِ ويڙهو ٿيڻ پوي ٿو.

فرانس ۽ پرئل ڪان پوءِ بڪ هڪ شڪاري جان ٿارنٽن وٽ وڪيو وڃي ٿو ليڪڪ بڪ هن دور ڪي انسان جي ارتقا دوران آيل شڪار وارو دور ڏيکاري ٿو جنهن ۾ انسان جانورن کي پنهجي پالتو جانور جيان رکڻ لڳو هو ۽ انهن کي پنهنجي شڪار جي حاصلات لاءِ استعمال ڪرڻ لڳو هو. هتي مرڪزي ڪردار بڪ جي زندگي تمام گهڻي سولي گذرڻ لڳي ٿي هتي هن کي ٿارنٽن جو پيار ملي هتي بڪ جي پنهنجي مالڪ سان محبت واري حس جاڳي پوي ٿي هتي هن جي انسان سان وفا واري حس جاڳي پوي ٿي هتي بڪ جي پراڻي سگهہ پراڻي طاقت موٽي اچي ٿو ۽ هو واڳ گاڏي ڇڪڻ جي هڪ مقابلي جان ٿارنٽن کي پئسا ڪمائي ڏي ٿو هتي بڪ جي پنهنجي اباڻي شڪار ڪرڻ واري حس موٽي اچي ٿو ۽ هوهاڻي جهنگ پنهنجي مرضي سان جانورن,پکين جي شڪار ڪري سگهي ٿو هُو جهنگ ۾ پنهنجي آزاد زندگي گذاري سگهي ٿو هن کي ڪنهن بہ انسان جي ضرورت نٿي پئي جنهن جي سهاري هو زندا رهي سگهي ڪاڏو حاصل ڪري سگهي پر هن کي انسان محبت جي ڇڪ وري بہ ٿئي تنهن ڪري هُو ڪڏهن ڪڏهن جان ٿارنٽن جي ڊاپي تي پڻ وڃي ٿو ائين هي پنهنجي زندگي وڻڻ، بيلن ۽ جانورن جي وچ ۾ گذارڻ لڳي ٿو. بڪ جي هن زندگي کي ليڪڪ ارتقا جو پهريون ڏاڪو ڪري پيش ڪري ٿو ۽ بڪ جيڪو ارتقا جي هاڻوڪي ڏاڪي تي هڪ ڪتو آهي جيڪو انسان جي سنڀال هيٺ رهي پيو اهو وري پنهنجي ارتقا جي پنهنجي ڏاڪي ۾ جهنگ ۾ رهڻ ۽ بگهڙن جي وچ ۾ رهڻ ڪري هڪ بگهڙ ٿي بگهڙن واري زندگي گذارڻ لڳي ٿي ائين ناول جي پڇاڙي اچي ٿي ۽ بڪ جي ڪهاڻي پوري ٿئي .جئين تہ ليڪڪ هڪ ناولنگار سان گڏوگڏ سماج وادي هو تنهن ڪري هو هن ارتقا جي ڏکئي موضوع کي ناول جي صورت ۾ تمام دلچسپ انداز سان پيش ڪيو آهي ۽ هن جو ترجمو بہ لاجواب ڪيو آهي پڙهندڙ کي هي ناول پنهنجي گرفت ۾ جڪڙي وٺي ٿو. تنهن ڪري ناول ادب ۽ ارتقا سان دلچسپي دوستن کي هي ناول ضرور پڙهڻ گهرجي.

# ڪلاڪار جو قتل

ناول ادب جي اهڙي صنف آهي جنهن ۾ ناولنگار هڪ ئي ناول ۾ پنهنجا ڪيترائي خيال ۽ ڪهاڻيون پيش ڪري سگهي ٿو ان ۾ ليڪڪ سماج جون ڪيتريون ئي حقيقتون پيش ڪري سگهي ٿو تنهن ڪري ادب ۾ ناول جي اهميت وڌي وڃي ٿي، سنڌ ادب ۾ شروعاتي زماني ۾ ناولن جو تعداد گهٽ هو پر هيئنر سنڌ ۾ ڪافي اديب، ليڪڪ اصلوڪا ناول لکي ۽ ترجمو ڪري رهيا آهن جيڪو يقينن هڪ بهترين عمل آهي. ناول جي ترجمي جي حوالي سان قربان چنا سنڌي ادب ۾ غير معمولي پورهيو ڪري رهيو آهي هن سنڌي ادب کي عالمي ادب مان پروفيسر موري، اجنبي،قيدياڻي جي ڪتا، ديوانگي، جهڙا بهترين ناولن جي ترجما ڏنا آهن ان ئي سلسلي ۾ ڪجھ وقت اڳ لاطيني آمريڪا " جي صحافي ۽ ناولنگار ماريوورگاس لوسا " جي ناول who killed palomino molero جو ڪلاڪار جو قتل جي نالي سان ترجمو ڪيو آهي جيڪو عالمي ادب جو شاهڪار آهي هي ناول جيترو بهترين آهي اوترو ئي هن جو ترجمو معياري ڪيو ويو آهي هن ناول جي ڪهاڻي بظاهر ڪلاڪار جي قتل جي سببن جو ڳولا جي چوڌاري ڦري ٿي پر ليڪڪ هن ناول ۾ پيرو جي سياسي، سماجي،معاشي حالتن جو عڪاسي ڪئي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ملٽري، جي مٿيئن طبقي جي نفسيات عياشين ۽ نااصافين کي وائکو ڪيو آهي تنهن ڪري هن ناول جي اهميت اجا بہ وڌي وڃي ٿي، هن ناول جي شروعات پالمينومينرو جيڪو هڪ ڪلاڪار هو جنهن جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هڪ ٻڪريون چاريندڙ دراڙ کي ملي ٿو جيڪو ڊوڙي وڃي پوليس اسٽيشن ۾ ٻڌائي ٿو جنهن جي جانچ پوليس جا سپاهي اچن ٿا جنهن مان هڪ ليو ٽيما صفا رحمي ۽ حساس دل هوندو آهي جنهن کي هن جي قاتلن جي ڳولا جي گهڻي هورا ڪورا هوندي آهي پر هو ان ڪم ۾ ايڏو ماهر ناهي هوندو ۽ ليفٽننٽ سلوا جيڪو هڪ آزيڪاپ سپاهي هوندو آهي جنهن ۾ قتل سان لاڳاپيل ثبوتن کي ڳولڻ جو فن ۽ شاهدن ۽ آسپاس جي ماڻهن مان ڪيس سان لاڳاپيل ڳالهيون ڪيڻ ۽ اصل حقيقت تائين پهچڻ جي فن ۾ مهارت هوندي آهي پر هن جي ڪمزوري هڪ ريسٽورينٽ هلائيندڙ هن کان وڏي عمر جي عورت هئي جنهن تي هي موهت هو ۽ ان سان دوستي رکڻ چاهي ٿو، ائين ٻئي سپاهي ڪلاڪار جي قاتل جي ڳولا ۾ لڳي وڃن ٿا جنهن لاءَ هُو ڪلاڪار جي ماءُ سان ملاقات ڪن ٿا جيڪا هنن کي ٻڌائي ٿي تہ هن جو پٽ فوج ۾ ڪو مقصد ڪٽي پرتي ٿو هو اهو مقصد هو پنهنجي زندگي ۽ موت مسئلو سمجهندو هو هاڻي ٻئي سپاهي سوال ڪٽي نڪرن ٿا تہ آخر هن جو فوج ۾ پرتي جو مقصد ڪهڙو هو جنهن کي هو زندگي ۽ موت جو مسئلو سمجهيو ٿي جنهن تي هوُ ان نتيجي تي پهچن ٿا تہ شايد هن کي ڪنهن سان محبت ٿي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو فوج ۾ شامل ٿيو ۽ ان ڪيس جي وڌيڪ تفتيش لاءِ هو ٻئي فوج جي ڪرنل مئنڊريو سان ملاقات ڪن ٿا جيڪو ٻنهي کي ڪا مثبت موٽ نٿو ڏي ۽ هر ڳالھ جو جواب ڪاوڙ مان ڏي ٿو جنهن جو رويو پيشماني، ڪاوڙ ندامت وارو هو هن کي

قاتل جي خبر هوندي بہ هن ڪيس لئي متي ڪرڻ تي چاهيو هتي هنن کي خبر پوي ٿي تہ ڪرنل مئنڊريو جي ڏي بہ آهي هتي، ان ڪانپوءِ اڳتي هلي انهن کي خبر پوي ٿي تہ ڪرنل مئنڊريو جي ڏي جو هڪ دوست بہ آهي ۽ فوج ۾ هڪ وڏي عهدي تي آهي جيڪو روزاني شرابخاني ۾ شراب جي نشي ۾ عورتن ۽ مردن سان بدسلوڪي ڪري ٿو پر ان خلاف ڪا بہ ڪاروائي نٿي ٿئي ڇوتہ هو بااثر آهي تنهن تي هُو ان شراب خاني ۾ ان سان ملاقات ڪن ٿا جيڪو نشي ۾ ڪيس جي حوالي ڪي ٿوريون خبرون ٻڌائي سگهندو آهي پر اصل حقيقت اجا بہ ڳجهہ هوندي آهي تنهن ڪانپوءِ انهن کي ان جي ڳالهہ جي معلومات ملي ٿي ان ڪلاڪار کي قتل ڪرڻ کان اڳ هڪ پادري جي گهر ۾ هڪ ڇوڪري سان گڏ ڏٺو ويو هو تنهن ڪانپوءِ هُو ان پادري جي گهر ۾ وڃن ٿا جتي انهن سان پادري جي ڌيءِ سان ملاقات ٿئي ٿي جيڪا اها قبول ڪري ٿي تہ اهو ڇوڪرو پنهنجي محبوبا سان هتي آيو هو ۽ انهن هتي شادي ڪرڻ ٿي چاهي پر ان رات پادري گهر ۾ نہ هو تنهن ڪري انهن جي شادي نہ ٿي سگهي مون انهن کي گهٽو ئي ڇيو پر اهي هتان نہ ويا ۽ صبح بہ مرد هڪ جيپ ۾ آيا ۽ انهن ٻنهي کي زبردستي وٺي ويا ۽ انهن مون کي ڌمڪيون ڏنيون تہ مون اها ڳالهہ ڪنهن سان ڪئي تہ هُو مون کي ماري ڇڏيندا تنهن تي هنن سپاهين جو ڪلاڪار جي قتل جو شڪ ڪرنل مئنڊريو ۽ ان جي ڌي جي دوست تي وڃي ٿو ائين اڳتي هلي ڪرنل مئنڊريو جي ڌي پڻ ٻنهي سپاهين سان ملي ٿي ۽ انهن جي اڳيان قبول ڪري ٿي تہ ڪلاڪار پولومينيرو ۽ هي هڪ ٻئي سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا جنهن جي خبر هن جي پيءُ کي خبر پئجي وئي هئي ۽ هُو قتل جو الزام پنهنجي پيءُ تي ۽ پنهنجي دوست تي لڳائي ٿي ائين انهن ٻنهي سپاهين جانچ پوري ٿئي ٿي پر اڳيان ڪهاڻي هڪ نئون موڙ ڪائي ٿي تہ ڪرنل مئنڊريو ٻنهي سپاهين سان ملاقات ڪري ٿو انهن کي هڪ نئين ڪهاڻي ٻڌائي ٿو تہ منهنجي ڌيءَ نفسياتي مريض آهي جيڪا هر روز مون تي نوان الزام لڳائندي رهندي آهي ايتري قدر جو هُو مون تي جنسي تشدد جو بہ الزام لڳائندي رهي آهي ۽ توهان جي موڪليل اعلي عملدارن کي رپورٽ مون کي ڪتي جو بہ ڪونہ ڇڏيندي اصل ڪلاڪار جو قتل مون نہ پر منهنجي ڌيءَ جي دوست ڪيو آهي ۽ هُن تي تشدد بہ ان ڪيو آهي ان ڪانپوءِ ڪرنل مئنڊريو پاڻ خودڪشي ڪري پنهنجي ڌيءَ جو قتل ڪري ڇڏي ٿو ائين ان ڪهاڻي جو انت ٿئي پر پيرو جي ماڻهن ۾ اهو چوڻ هوندو آهي تہ ڪلاڪار جي قتل ۾ وڏيون مڇيون، ملوث آهن ۽ تنهن ڪري ڪرنل ۽ ان جي ڌيءَ کي بہ انهن وڏين مڇين قتل ڪيو آهي تنهن ڪري پئلومينو مينرو جي قتل سان انصاف ناممڪن آهي ائين انهن قاتل جي ڳولا ڪندڙ سپاهين ليوٽيما ۽ ڪئپٽن سلوا جي اعلي عملدارن طرفان پروموشن ٽيڻ بدران ڪنهن ڏورانهن علائقن ۾ بدلي ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪلاڪار جو قتل اجا تائين ڳجهہ رهجي وڃي ٿو ائين هن ناول جو انت اچي ٿو.

جئين تہ ليڪ ماريوورگاس لوسا هڪ ترقي پسند ۽ لبرل ليڪ آهي هن جو هڪ سياسي پس منظر بہ هو هُو پنهنجي ملڪ جي سياسي سرگرمي بہ حصو وٺندو رهندو هو هو شروعاتي زماني ۾ فيڊرل ڪاسترو جي سياسي نظام کان متاثر ۽ ان جو حمايتي بہ هو تنهن ڪري هُو پنهنجي لڪٽين ۾ پيروءَ جي

اسٽيبشمينٽ ۽ ملٽري جي پاليسين تي تنقيد ڪندو رهي ٿو جنهن جو مثال ٻين لکڻين سان گڏوگڏ هي ناول به آهي جنهن ۾ هن پيروءَ جي سياسي سماجي حالتن جو چيد ڪيو آهي هن ناول ۾ ليکڪ پيرو جي حڪومت سان لاڳاپيل اعلي عملدارن جي عياشين کي واڪو ڪيو آهي هن ناول ۾ ليکڪ طبقاتي سوال کي پڻ کنيو آهي جنهن ۾ جڏهن هيٺين طبقي جو مرد جڏهن مٿئين طبقي جي عورت سان محبت ڪري ٿو ته ان جو انجام ڪلاڪار جهڙو ٿئي ٿو ۽ هن ناول ۾ اهو پڻ ڏيکاري ٿو ته مٿئين طبقو پاڻ کي اُتم سمجهي ٿو۽ مٿيئن طبقي جي ڪيل نااصافين جو ڪوبه ازالو نٿو ٿئي غريب هر ملڪ ۾ ويچارو بي وس ئي آهي ناول ۾ ليکڪ ان نقطي کي کنيو آهي ته جن ملڪن ۾ قانون جي حڪمراني ناهي هوندي جتي غربت ۽ بدحالي هوندي اتي اهڙا ڏوهه ٿين ٿا ماڻهو پنهنجيون خوشيون شراب خانن ۽ جنس بي راهه روي ۾ ڳولين ٿا جئين هن ناول ۾ پيرو جي سماجي حالتن کي ڏيکاريو آهي . ناول ۾ ليکڪ جنسي هراسمينٽ واري نقطي کي پڻ کنيو آهي ته جيڪو ٿورو به طاقتور آهي ان وٽ ڪابه تهذيب ناهي اهو ڪنهن کي به حراس ڪري سگهي ٿوچاهي اها ڏي ڇونه هجي جئين هن جي ناول جو ڪردار ڪرنل مئنڊريو تي اهو الزام هو يا وري قاتل جي ڳولا ڪندڙ سپاهي ليفٽينينٽ سلوا هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ نوڪرياڻي کي تنگ ڪندو هو ۽ ليکڪ اهو پڻ ڏيکاري ٿو ته جيڪڏهن عورت مڙسي ڪري ته ڪيپٽن جهڙن جي حراسمينٽ سا ن ڀرپور مقابلو ڪري سگهي ٿي جئين ان نوڪرياڻي ڪيو.هن ناول جي هڪ منفرد ڳالهه اها آهي ليکڪ ڪردارن جي آسپاس ۾ رنما ٿيندڙ لقائن ۽ واقعن جي ڀرپور منظرنگاري ڪئي آهي جنهن ڪري ناول پڙهڻ ۾ وڏيڪ دلچسپ لڳي ٿو.

# قيدياڻي جي ڪٿا

ادب هن سماج ۾ ٿيندڙ لقائن، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ان جي سوچن ۽ خيالن جو عڪس ۽ اولڙو هوندو آهي، ادب ماڻهو سان ٿيندڙ وارتائن، ۽ ان جي خوشين ۽ ڏکن، تڪليفن، عقوبتن، ماڻهن جي سورهيائي، قرباني، ناڪامين ۽ ڪاميابين کان واقف ڪري ٿو اهو ادب ئي آهي جيڪو اسان کي هن سماج ۾ فردن سان ٿيندڙ ظلم، ڏيادتن،ناانصافين تي اسان جي ذهنن ۾ نفرت ۽ بغاوت پيدا ڪري ٿو تنهن ڪري ادب کي انقلاب جي راهه هموار ڪندڙ ليکيو ويجي ٿو دنيا ئي ادب ۾ ناول جي صنف کي تمام گهڻي اهميت مليل آهي ڇو ته هڪ ناول ۾ هڪ ناول نگار پنهنجي تخليقي سگهه جي ذريعي هن سماج ۾ ٿينڙ لقائن، ۽ هڪ فرد سان ٿيندڙ واردتن کي تمام سهڻي نمونې پيش ڪندو آهي جنهن پڙهندڙ کي ذهني طور تي ڌوڏي ڇڏڻ جي صلاحيت پڻ هوندي آهي .تنهن ڪري ئي گورڪي جي ناول ماءُ کي روسي ادب ۾ تمام گهڻي اهميت ڏني وئي هئي .سنڌي ۾ به موچارا ناول لکيا ويا آهن ۽ عالمي ادب جا بهترين ترجما به ڪيا ويا آهن جيڪي پڻ پڙهندڙ جي ذهن کي جنجهوڙين ٿا، ان ئي سلسلي ۾ ڪجهه وقت اڳ ۾ قربان چنا جو ترجمو ڪيل ناول ؛ قيدياڻي جي ڪتا ڇپيو آهي جيڪو مصري ليکڪ نوال السعدي جو لکيل آهي جيڪو هڪ عورت جي درد ڪٿا،۽ ان جي بهادري تي مشتمل آهي،هي ناول بنيادي طور هڪ وهشه جي پوري زندگي جي ڪهاڻي آهي جيڪا هڪ قتل ڪيس ۾ جيل ۾ قيد دوران ڦاسي جي سزا کان هڪ ڏينهن اڳ هڪ ڊاڪٽر کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائندي آهي هي ناول هڪ وحشه فردوس جي ڇوڏاري گهمي ٿو پر ان سان گڏوگڏ مصري معاشري جي رهڻي ڪهڻي،ان جي رسمن،رواجن ۽ حالتن جو پڻ ڇيد ٿيل آهي،تنهن ڪري اچو ته پڻ هن ناول جو مختصر جائزو وٺون،

هن ناول جو اهم ڪردار فردوس آهي جيڪا پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪندي ٻڌائي ٿي ته هو مصر جي هڪ هاري جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي هن جو پيءُ صفا اڻ پڙهيل هو هن کي دنيا داري جي ڪا گهڻي خبر نه هئي پر هن کي منهجي ماء کي مار ڪٽڻ پوري طرح ايندو هو هُو غريب هئا پر انهن جي گهر ۾ ٻارن جي لوڙ هئي تنهن ڪري اڪثر سيني کي بکيو رهڻو پوندو هو پر پوء به هن جو پيءُ پيٽ پري ماني کائندو آهي، جئين ته مصري سماج سماجي ڊانچو ڪجهه اهڙو هو جنهن ڪري اتي هر مرد ذهني طور رجعت پرست ۽ روحاني طور تي خودپرست، بي رحم ۽ ويڳاڻو هو تنهن ڪري هن ناول جي مرڪزي ڪردار فردوس جي پيءُ ۾ ان سماج جون سڀ اوڻايون ۽ لاڙا هئا جنهن ڪري هو پنهنجي اولاد کي بکيو رکي پاڻ ڍوء ڪري کائندو ان وٹ نياڻي جي ڪا اهميت نه هئي تنهن ڪري ان جي ڪا نياڻي مرڻ تي به ان تي ڪو فرق نه پوندو بلڪه ماني ڍوء سان کائي سمهي رهندو هو جنهن جو اظهار ليکڪ صفعي 59 تي هن ريت ڪري ٿو "اسان جي خاندان ۾ جڏهن ڪا ڇوڪري فوت ٿيندي هئي ته بابا پيٽ پري ماني کائندو هو امان سندس پير ڌوئنڏي هئي ۽ هُو بي فڪرو ٿي سمهي پوندو هو جئين هُو سدائين کان ڪندو آيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ڇوڪرو فوت ٿي ويندو هو ته بابا امان کي ڪچو ڪائي ڇڏيندو هو پر پوءِ به ماني کائي سمهي رهندو هو بابا ڪڏهن به بُکي پيٽ نه سُتو پلي چا به ٿيو هجي .ڪڏهن ڪڏهن کائڻ لاءِ ڪجهه نه هوندو هو اسان بُکئي پيٽ سمهي رهندا هئاسين پر بابا خالي پيٽ ڪڏهن به نه سُتو .امان هُن لاءِ ماني

پچائي رکندي هئي جيڪا هُو اسان کان لڪائي ڪائي سمهي رهندو هو “ اهڙي طرح هن ناول جي مرڪزي ڪردار پنهنجي ننڍپڻ ۾ اهڙيون تڪليفون، اذيتون ۽ بکون ڪاٽيندي زندگي گذاري ٿي ته ان دوران هي هڪ جنسي تجربي کان پڻ اشنا ٿئي ٿي ۽ائين غربت ۽ ڪاڏي جي اڻ هوند سبب هن جو سڄو خاندان هڪ هڪ ٿي ڪري پورو ٿي وڃي ٿو جنهن جو احوال پڻ ڏهڪائندڙ آهي جئين هڪ هنڌ پنهنجي خاندان جي ڪهاڻي بيان ڪندي فردوس ٻڌائي ٿي ته “ ٻين غريبن وانگر منهنجا ٻه ڪوڙ ڀيڻ ڀائر هئا جئين ڪڪڙين جا چوزا هوندا آهن بهار جي مند ۾ جي هنن جو اضافو ٿيندو آهي، تڏ مر ڏڪندا آهن ۽ ۾ پيٽ جي خرابي ڪري يا ٻين بيمارين جي ڪارڻ ڪتندا ويندا آهن .منهنجا ڀائر ۽ ڀينرون ٻه هڪ هڪ ٿي مري ويا “ ائين ڀائرن ۽ ماءَ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ فردوس پنهنجي چاچي سان گڏ قاهرا هلي ويندي آهي جتي هي اسڪول ۾ داخلا وٺندي آهي ائين هي پنهنجي تعليم مڪمل ڪري گريجوئيٽ ٿي ويندي آهي ان تعليم دوران هن جي ڪتابن سان پڻ دوستي ٿي وڃي ٿي ۽ هي مختلف موضوعن تي ڪتاب پڙهن لڳي ٿي جيڪي هن ۾ هڪ وڏي تبديلي اٿين ٿا پر اوچتو هن جي زندگي ۾ هڪ وڏي تبديلي اچي ٿي جيڪا هن لاءِ هن ڏک ۽ تڪليفون ڪٺي اچي ٿي،هن جي چاچيءَ ڪجھ پئسن عيوض هن جو رشتو پنهنجي سُڪي ستابي پر پوڙهي چاچي سان شادي ڪرائي ڇڏيندي آهي جيڪو هن کي بلڪل پسند ناهي هوندو آهي ۽ هن تي تشدد پڻ ڪندو اهي ۽ جنسي طور ته بکيو هو جنهن جو نقشو فردوس هن طرح چٽيو آهي “هن جي عمر سٺ سالن کان مٿي هئي ۽ مان اجا اوڻويه سالن جي نه هئس هن جي ڇپن جي هينان کاڏيءَ جي هينان هڪ هڪ وڏو ڳوڙهو هو جنهن کي سوراخ پڻ هو ڪو ڏينهن اهڙو هوندو هو جو اهو سوراخ خشڪ ٿي ويندو هو نه ته اڪثر ڪري ان مان ڳاڙهو ريشو پيو ڳڙندو هو جنهن ۾ رت ۽ گند ٻئي شامل هوندا هئا .“ ائين اهو شخص فردوس تي تشدد به ڪندو هو پر جڏهن فردوس ان ڳالھ تي احتجاج ڪندي هئي ته هن کي مذهب ياد ڏياريو وڃي ٿو ته مذهب ۾ مڙس جي مار جائز آهي چو ته مڙس مجازي خدا آهي،اهڙي طرح روز جي مار ۽ِ جنسي تشدد کان بيزار ٿي هن ناول جي مرڪزي ڪردار فردوس گهر اڻ پڄي نڪري ٿي جتان ان جي وحشه جي زندگي جي شروعات ٿئي ٿي هن کي پنهنجي گريجوئيشن جي ڊگري ڪٺي نوڪري جي تلاش ۾ ڌڪا کائڻا پون جتي هن کي هر روز هڪ نئون مرد ملي ٿو جيڪو هن سان همدردي ڏيکاري هن کي پنهنجي گهر وٺي وڃي ٿو جتي هن مان جنسي بک متائي ٿو ۽هن جي انڪار تي هن تي تشدد ڪري ٿو انهي ڊڪ ڊوڙ ۾ هن کي هڪ دلال عورت ملي ٿي جيڪا هن کي وڏي وحشه بنائي ڇڏيندي آهي جنهن وٽ هر سهولت عيش آرام هوندو آهي ۽ ان دوران فردوس اهو انڪشاف پڻ ڪندي آهي ته هن کي هن ڌنڌي شروع ۾ هي جنسي عمل مان تمام گهڻي لطف اندوز ٿيندي آهي پر اڳتي هلي بيزار ٿي پندي آهي جنهن ڪري هي اهو ڌنڌو ڇڏي وري هڪ ڪمپني ۾ مزدوري ڪندي هڪ ڏکي زندگي گذارڻ لڳندي آهي جتي هو هڪ انقلابي پارتي ۾ پڻ شامل ٿي ويندي آهي ۽ هڪ شخص ابراهيم سان محبت ڪرڻ لڳندي آهي پر اهو پڻ هن کي ڌوڪو ڏيئي ٻئي هنڌ شادي ڪندو آهي تنهنڪري هي پڻ ان ڪمپني جي نوڪري ڇڏي وري وحشه جو پيشو اختيار ڪندي آهي،ائين هي پوري ملڪ جي هڪ

مشهور وحشہ ثابت ٿيندي آهي ان دوران هن وٽ ملڪ جا وڏا واپاري، وزير،مشير ايندا رهندا آهن جن کان هي پنهنجي مرضي جو اگهہ وٺندي آهي ائين هن جي هاڪ ٻاهرئين ملڪن ۾ پڻ ٿي ويندي آهي تہ اُتي هڪ ملڪ جو شهزادو هن کي حاصل ڪرڻ چاهيندو جنهن کي هي انڪار ڪندي آهي جنهن تان وزير،مشير ڪاوڙجي پوندا چو تہ هُو پنهنجي ملڪ جي سچي محب وطن ثابت نہ ٿي ٿئي ۽ پاڙيسري ملڪ جي شهزادي کي ها نٿي ڪري تنهن ڪري هن تي قتل جو مقدمو داخل ڪري هن کي موت سزا ڏني وڃي ٿي،ائين هن ناول جو انت اچي ٿو.هي ناول بنيادي طور هڪ عورت جي مظلوميت کي پيش ڪري ٿو هن ناول ۾ مصر جي سماجي ۽ ثقافتي حالتن جو پڻ چيد آهي پر هن ناول ۾ نقطو پوري ناول تي حاوي رهي ٿو جيڪو تنقيد پ لائق پڻ آهي تہ ليکک هن ناول اهو ثابت ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي تہ هن دنيا ۾ هر ظلم ۽ جبر جو ذميوار مرد آهي دنيا جي هر تباهي جو ذميوار مرد آهي مرد تمام نفرت لائق آهي، هي مردن جي دنيا آهي اتي هر عورت مظلوم آهي .عورت جي هر مظلوميت جو ذميوار مرد ئي آهي جيڪا تمام گمراهہ ڪندڙ نقطو آهي .ڇوتہ هن جهڙي هن سماج ۾ عورت پيڙهجي ٿي بلڪل اهڙي طرح مرد جو بہ احتصال ٿئي ٿو تنهن ڪري بنيادي طور تي هن سماج ۾ ڪنهن بہ ظلم يا،احتصال ۽ جبر جو بنيادي سبب هڪ مرد نہ پر ان سماج جو بنيادي ڍانچو آهي جيڪو مرد ۽ عورت جي گڏيل جدوجهد سان تبديل ٿيندو.

# ناول ”ڪُتا“ جو جائزو

سنڌي ادب ۾ انسان جي داخلي ڪيفيتن تي ماڻڪ بهترين ناوليٽ لکيا ۽ ان ڪانسواءِ حليم بروهي جو ناول اوڙاهه بہ ان پس منظر ۾ لکيل آهي پر ان حوالي سان رسول ميمڻ جو ناول "ڪتا "تمام منفرد ۽ شاهڪار آهي جنهن ۾ رسول ميمڻ پنهنجي لاشعور ۾ ويٺل زندگي جي تلخ تجربن, ڏکن, تڪليفن, ۽ اذيتن کي پيش ڪيو آهي، داخلي ڪيفيتن تي لکيل ڪهاڻين يا ناولن ۾ هڪڙي ڳالهہ تمام اهم آهي تہ ڪهاڻيڪار يا ناول نگار پنهنجا داخلي خيال جيڪڏهن تخليقي ۽ فلسفياڻا انداز سان پيش ڪري ٿو تہ پڙهندڙ کي تمام متاثر ڪن ٿا. رسول ميمڻ وٽ اهو وڏو فن آهي تہ هُو پنهنجي هر ڳالهہ کي تخليقي ۽ فلسفياڻا انداز سان پيش ڪري ٿو جيڪا پڙهندڙ کي سڌو ذهن تي ڏک هڻي ٿي هن ناول "ڪتا" جي بہ هر سٽ پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو هي ناول ڪتن ۽ انسان جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو هي ناول ضمير متڪلم ۾ لکيو آهي هن ناول جو مرڪزي ڪردار پنهنجي ڪهاڻي يا پنهنجي زندگي جون يادون ٻڌائي ٿو باقي ٻيا مختلف انساني ڪردار توڙي ڪتن جا ڪردار ايندا رهن ٿا ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪري هليا وڃن ٿا ۽ ناول جو مرڪزي ڪردار اڪيلو پنهنجي ڪتي سان رهجي وڃي ٿو. هن ناول جي شروعات مرڪزي ڪردار جي پنهنجي ڪتي راڪو کي پنهنجي گهران ڪيڻ کان ٿئي ٿو جيڪو هاڻي ان عمر ۾ پهتو آهي جو هن کي ڪتن جي پونڪ بيزار ڪري ٿي تنهن ڪري هو پنهنجي پاليل ڪتي کي پنهنجي گهران ٻاهر ڪيڍي ڇڏي ٿو تہ جئين سُک جو ساهہ کڻي سگهي. ائين مرڪزي ڪردار ڪتن سان پيار ۽ انهن کي پنهنجي نندپڻ ۽ جواني ۾ ڪتا ڏارڻ جون يادگيريون ڪري ٻڌائڻ لڳي ٿو تہ هن کي ڪتن سان پيار ڪرڻ جي پئدائشي بيماري آهي هو نندپڻ ۾ بہ ڪتا پاليندو هو ۽ هن جي ماءِ هن کي نندپڻ ۾ ڪتن جا تمام گهڻا قصا ٻڌائندي هئي جنهن ڪري هن کي ڪتن سان اُنسيت ٿي وئي هئي ۽ هن جي ڳوٺ ۾ ڪتن جي لوڌ هوندي هئي جيڪا پئي ماڻهن کي ڪائندي هئي هڪ دفعي هن جي نندي ياءُ کي ڪتو چڪ پائي وڃي ٿو ۽ انهن ڏينهن ۾ ڪُتي جون چڪ جي سُين جو ڪو تصور نہ هو تنهن ڪري ماڻهو ڪتي جي چڪ تي ئي مري ويندا هئا پر هن جي ماءُ پنهنجي پُٽ کي هڪ حڪيم کي ڏيکاريو جنهن سايون مرچون ٻڌڻ لاءِ چيو هو جنهن تي هن جو ڀاءُ بچي ويو هو ائين هن ناول جو مرڪزي ڪردار" مان "نندپڻ ۾ ڏٺل ڪتاءِ ان سان لاڳاپيل ماڻهن جا قصا ٻڌائي پنهنجي ڪهاڻي کي اڳتي وڌائي ٿو ۽ هڪ ڏينهن هي ڊاڪٽر ٿي شادي ڪري ٻارن ٻچن وارو ٿي وڃي ٿو پر هن جي ڪُتن سان واسطو ضرور رهي ٿو ڇوتہ هن کان ورثي ۾ مليل اهو شوق هن جي اولاد کي ملي ٿو جيڪو پڻ ڪتا پالڻ لڳن ٿا نوڪري دوران مرڪزي ڪردار ڊاڪٽر جي بدلي هڪ مصروف شهر ۾ ٿئي ٿي جتي ڪُتن جو بہ بازارون لڳنديون هيون ۽ امير ماڻهو ڪتا شوق سان خريد ڪري پاليندا هئا ائين هي پنهنجي ڊاڪٽري مان گهڻو ڪمائي مالدار ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ پلاٽ خريد ڪري گهر ٺهرائڻ جي شروعات ڪري ٿو جنهن جي چوڪي لاءِ پڻ هڪ چوڪيدار ۽ ڪُتي جي ضرورت پوي تنهن جي لاءِ هي هڪ چوڪيدار رکي ٿو تہ هن جو پٽ هڪ ڪُتو خريد ڪري اچي ٿو تہ وري هن جو ڀاءُ هن کي هڪ ڪُتي تعفي طور پڻ ڏي ٿو ائين

هن جو پُٽ سڄو ڏينهن ڪُتن جي سارسنڀال ۾ پورو هوندو آهي ۽ پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي صحت تي بلڪل ڌيان نٿو ڏي جنهن سبب هن کي ڪينسر جهڙي بيماري ٿي پوندي آهي جنهن مان بچي نه سگهندو آهي ۽ گذاري ويندو آهي اهو صدمو ڊاڪٽر جي گهر لاءِ وڏو هوندو آهي جنهن ڪري هن جي زال ڊپريشن جي مريض ٿي ويندي آهي هن جي گهر جو خوشيون ختم ٿي وينديون آهن. وڏي پٽ جي وڇوڙي ڪانپوءِ هن کي پنهنجي ننڍي پُٽ جي شادي جو خيال ايندو آهي ائين هُو پنهنجي ننڍي پٽ جي شادي ڪرائيندا آهن جنهن کي پڻ اولاد ٿيندو آهي ائين هُو خوش رهڻ لڳندا آهن ۽ گهر ۾ ٻارن جي اچڻ جي ڪري ڪُتن جي اهميت گهٽجي وڃي ٿي پر اوچتو هنن جي گهر ۾ هڪ وڏي تبديلي اچي وڃي ٿي هن جي پُٽ کي ڪيناڊا ۾ نوڪري ملي وڃي ٿي جنهن سبب هنن کي ڪيناڊا شفٽ ٿيڻو پوندو آهي پر مرڪزي ڪردار پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ ناهي چاهيندو جنهن ڪري ننڍو پُٽ پنهنجي فيملي سان هليو وڃي ٿو ۽ هي ٻئي اڪيلا رهجي وڃن ٿا۽ ٿيون هنن جو ڏاريل ڪتو راڪو. ائين وڏي پُٽ جي موت،ننڍي پُٽ جو پرديس ۾ رهڻ هن ۽ هن جي زال کي جهوري ڇڏيو ۽ نيٺ هن جي زال به گذاري وڃي ٿي ۽ هي تن تنها راڪو ڪُتي سان زندگي گذارڻ لڳي پر ان مان به هي بيزار ٿي هن کي گهر مان ڪڍي ڇڏيندو آهي

جئين ته هي ناول بنيادي طور ڪتن ۽ انسان جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي تي لکيل آهي جنهن ۾ ليڪ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته انسان،انسان کي ڇڏي سگهي ٿو انسان،انسان سان بي وفائي ڪري سگهي ٿو پر ڪتا با وفا آهن ڪُتن لاءِ پنهنجو مالڪ ئي خدا آهي. هن ناول ۾ ليڪ ڪتي ڪُتن کي حقيقي ڪردار طور پيش ڪيو آهي ته ڪٿي علامت طور استعمال ڪيو آهي تنهن ڪري هن ناول ۾ ليڪ جي خيالن تي ڳوڙهي ويچار ڪرڻ جي پڻ گهڻي ضرورت پوي ٿي وري به هن ناول ۾ جيڪي اهم نقطا آهن تن مان ڪجھ تي پاڻ بحث ڪريون ٿا .

جئين ته هن ناول ۾ ڪتا ڪٿي حقيقي ڪردار طور آيا آهن ته ڪٿي وري علامت طور لکيل آهن هڪ انسان جي لاشعور ۾ ڪيتريون يادون گڏن ٿيل هونديون آهن اُهي هروقت انسان کي ستائينديون رهنديون آهن انسان پنهنجي زندگي ۾ ڪي تڪيفون. ڪي اذيتون ۽ ڏک ڏسي ٿو ته اُهي يادن جي صورت ۾ رلاشعور ۾ رهجي وينديون آهن. ۽ اُهي يادون ڪنهن نه ڪنهن ڳالھ تي،ڪنهن نه ڪنهن حادثي تي اُهي لاشعور مان ٻاهر نڪري اينديون آهن تنهن ڪري هن پوري ناول ۾ ڪتا حاوي رهن ٿا ۽ انهن جو ڳانڍاپو ڪنهن نه ڪنهن ڪردار،ڪنهن نه ڪنهن واقعي يا مرڪزي ڪردار کي مليل اذيت سان رهيو آهي جئين ناول جي مهاڳ ۾ ليڪ لکيو آهي ته "اڪيلائي عياشي آهي،جيڪا توهان کي ڪڏهن به نصيب نه ٿي ٿئي،ڇو جو يادن جا ڪُتا توهان جي اڪيلائيءَ کي متاثر ڪن ٿا .لاشعور رولو ڪُتو آهي جنهن جو ڇڪ توهان کي چريو ڪري ٿو "يا وري صفحي 111 تي مرڪزي ڪردار "مان " واتان هي لفظ چئي ٿو ته "منهنجي زندگيءِ ۾ ڪتن جي عظمت جو سبب اهو ئي رهيو آهي ته توهان جن کي ياد ڪيو اُهي نه رهندا آهن،اُنهن جُون يادُون وفادار ڪتي جيان توهان وٽ رهجي وينديون آهن،"

هن ناول جو ٻيو اهم نقطو تہ "اسان پنهنجي پاڻ ۾ پنهنجن والدين جون خصلتون، ڪٽي گهمندا آهيون" آهي اسان جا والدين اسان ۾ ۽ اسان پنهنجي اولاد ۾ جيئندا آهيون . اسان جي ابن ڏاڏن ۾ جيڪي بہ خاصيتون، خاميون ۽ ڪمزوريون هجن ٿيون اهي اسان ۾ منتقل ٿين ٿيون ۽ اسان مان اسان جي اولاد ۾ منتقل ٿين ٿيون . ان نقطي کي ليکڪ ڪيترن جڳهن تي پيش ڪيو آهي، جئين صفعي ٿيويھ تي مرڪزي ڪردار چئي ٿو تہ " مون کي ڪتن سان پيار جي پئدائشي بيماري آهي شايد ڪتن سان پيار جي اهڙي موروثي بيماري منهنجي ٻارن ۾ منتقل ٿي . "

يا وري هڪ ٻئي هنڌ ان نقطي کي هن ريت پيش ڪري ٿو تہ " مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ مان صفا ڏاڏي جهڙو آهيان ڇو جو جڏهن ڏاڏو مرڻ ويجهو هيو تہ ڪيس ڪتي جي پونڪ نہ وڻندي هئي ". يا صفعي ٻاونجاھ تي آهي تہ انسان جو مقدر اڪيلائي آهي ۽ امڙ جي اڪيلائي محسوس ڪري لڳندو هيو مان بہ ائين اڪيلو ٿي ويندس ". مٿين ٻن جملن مان اهو چئو ٿئي ٿو تہ مرڪزي ڪردار کي پيري ۾ ڪتن کان بيزاري سندس ڏاڏي کان ورثي ۾ ملي ۽ مرڪزي ڪردار جي پٽ ۾ خود غرضي مرڪزي ڪردار مان ملي جنهن ڪري هو پنهنجي ماءُ پيءَ کي اڪيلو ڇڏي ڪينيڊا شفٽ ٿي وڃي ٿو ۽ اهو الميو جدت پڄاڻان جي دور جو بہ آهي تہ هن دور ۾ هر ماڻهو مفاد پرست ۽ هڪ ٻئي کي ڪتنجي ويو آهي هڪ پاڙي ۾ رئي رهندي هڪ ٻئي کي نٿو سڃاڻي شهرن جي ايڏي آبادي هوندي بہ هر فليٽ ۾ هر وڏي گهر ۾ رهندڙ انسان اڪيلو ۽ ويڳاڻو آهي تنهن ڪري هُو اڪيلائي کي ڏُور ڪرڻ لاءِ ڪُتا پالي، جانور پالي ٿو پکي پالي ٿو ۽ انهن سان حد درجي جي پنهنجائپ رکي ٿو.

چوٿون نقطو هن ۾ اهو پڻ آهي تہ ڪُتن کي جذبات ٿين ٿا اُهي پنهنجي ٻچڙن سان انسانن جيان پيار ڪن ٿا انهن جي موت تي انسانن جيان ماتم ڪن ٿا . ائين هي هن دور جو شاهڪار ناول آهي جيڪو رسول ميمڻ کي عالمي ادب جي وڏين ناولنگارن جي صف ۾ بيهاري ٿو تنهن ڪري اسان کي گهرجي هن يگاني ليکڪ جي ناولن، ڪهاڻين ۽ ٻين ڪتابن کي سنجيندگي سان پڙهون ان جي ڪتابن جو گهرائي سان اُڀياس ڪريون ۽ ان کي پوري دنيا ۾ پذيرائي ڏياريون باقي خالي عظيم چوڻ سان ان جي پورهئي جي اصل ڪٿ ۽ انصاف نٿو ڪري سگهجي .

# "ڪيفي ادب " هڪ جائزو

ٻه هزار ٻاويهه جو ڊسمبر تيز سيءَ جي لهر سان گڏوگڏ سنڌي ادب پڙهندڙ لاءِ ڪيترائي نوان ڪتاب ڪٺي آيو ڊسمبر ۾ ڪيترائي نوان ڪتاب ڇپجي آيا آهن جن ۾ ناولن جو تعداد وڌيڪ آهي جن جي موضوعن ۽ ٽيڪنڪ ۾ نواڻ پڻ آهي ان ئي حوالي سان نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ناولنگار اختر حفيظ جو ناول ”ڪيفي ادب“ آهي اختر حفيظ جي سڃاڻپ هڪ ڪالم نگار واري پڻ آهي پر هن جو ڪهاڻيڪار ۽ ناولنگار وارو پاسو وڌيڪ مضبوط آهي اختر حفيظ جي پهرئين لکڻي مون تحريڪ رسالي ۾ لکيل ڪهاڻي ”چتا“ پڙهئي هئي جنهن جي پڄاڻي 15 سال گذرڻ باوجود مون کي ناهي وسري اها هڪ لاجواب ڪهاڻي هئي . اختر حفيظ جي ان ڪهاڻي جيان ناول ڪيفي ادب به سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد ناول آهي هن ناول جي ذريعي هڪ طرف اختر حفيظ ادبي اشتيبلشمنٽ کي چيليج ڪيو آهي ۽ ٻيو ته جڳاڙي ادب ۽ اديب جو اصل چهرو ڏيکاريو آهي، هن ناول ۾ ليکڪ سنڌ جي شهرن جو ورهاڱي سبب ٿيندڙ اثر ۽ هندستان مان لڏي ايندڙ ماڻهن جي نفسيات ۽ ان جي ڌرتي ڏٽين سان رويي جو چيد پڻ ڪيو آهي . هن ناول جو مرڪزي ڪردار ”آدرش “ جيڪو هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار آهي جيڪو ادبي اسٽيبلشمينٽ کان باغي آهي تنهن ڪري هُو جڳاڙي ڪهاڻيڪارن،شاعرن ۽ اديبن تي تنقيد ڪندو رهي ٿو جنهن ڪري هُو ادبي حلقي ۾ اڪيلو ۽ ويڳاڻو آهي هو سنڌ جي وجودي ليکڪ ماڻڪ کان متاثر آهي تنهن ڪري ان کي اڪيلائي ۾ ماڻڪ نظر اچي ٿو جنهن سان هو ڪچهري پڻ ڪندو رهي ٿو جئين ته آدرش جي گذر سفر جو ذريعو اخبار ۾ ڪالم لکڻ آهي جيڪو پڻ ادبي اسٽيبلشمينٽ جي حلقي جي ڪهاڻيڪاره لاجواب جي اثر رسوخ سبب بند ٿي وڃن ٿا ڇوته اها ڪهاڻيڪاره آدرش کان متاثر هوندي آهي ان ۾ دلچسپي وٺي ٿي پر آدرش ان کي ڪنهن به قسم جي موٽ نٿو ڏي، ۽ هن جي ماءُ بيمار هجڻ جي ڪري هن کي پنهنجيون ڪهاڻيون ان ڪهاڻيڪاره لاجواب کي وڪڻيون پون ٿيون جيڪا اڳتي هلي پنهنجي ڪردار کي تبديل ڪري ٿي اهي ئي ڪهاڻيون آدرش جي نالي سان ڇپرائي ان ڪتاب جي مهورتي تقريب رکي ٿي ائين هن ناول جي پڄاڻي اچي ٿي .

جئين ته هن ناول جو بنيادي خيال هڪ وجودي ليکڪ جو وجودي بحران آهي جيڪو روايتي ادب ۽ اديبن کان منفرد آهي جيڪو سماج ۾ رائج خيالن کان باغي آهي تنهن ڪري هُو سماج توڙي ۽ ان روايتي حلقي ۾ مس فٽ آهي پر ان سان گڏوگڏ ناول ۾ ليکڪ حيدراباد جي جي ماضي توڙي حال جي سياسي حالتن جو پڻ ڇيد ڪري ٿو . جئين ته هن ناول ۾ آدرش جي ڪهاڻي سان ڪيترن ئي ٻين ڪردارن جون ڪهاڻيون آهن جن جو پنهنجو ادبي ۽ سماجي پس منظر آهي ۽ ناول ۾ ليکڪ هر ڪردار جي نفسيات، ان جي سماجي حالتن جو ڇيد ڪري ٿو جيڪو اسان جي ارد گرد جي ماحول ۽ ادبي دنيا جي حقيقي عڪس آهي تنهن ڪري هن ناول کي سمجهڻ ۽ ان تنقيدي مطالعي ڪرڻ ضرورت پڻ آهي .

ناول جو اهم نقطو جڳاڙي ادب ۽ جڳاڙي اديب آهي جنهن ۾ جڳاڙي ليکڪ پنهنجي شهرت لاءِ سئو لفظن جي ڪهاڻي، فليش فنڪشن جهڙيون ڪهاڻيون لکي ڪهاڻي سان ذيادتي ڪن ٿا هن ناول جو مرڪزي ڪردار آدرش اهڙي ادب تي تنقيد ڪري ٿو انهن تي تنز ڪري ٿو جنهن ڪري ان ادبي اسٽيبلشمينٽ جا اديب آدرش سان نفرت ڪن ٿا ان لاءَ مسئلا پيدا ڪن ٿا جڏهن تہ آدرش پنهنجي خيالن ۾ پنهنجن ڪچهرين ۾ سنڌ جي چوٽي جي ڪهاڻيڪارن علي بابا ۽ ماڻڪ جي ڪهاڻين ڪي لازوال ڪهاڻيون سمجهي ٿو ۽ انهن ڪهاڻين جي ڪري ئي ماڻڪ ۽ علي بابا وڏا ڪهاڻيڪار ليکيا وڃن ٿا جڏهن تہ انهن ڪڏهن بہ پنهنجي پاڻ کي وڏو ڪهاڻيڪار ڪونہ سڏيو.

ناول ۾ ليکڪ ماڻڪ جي ڪهاڻين ناولن تي ٽپڪاٽڪٽي پڻ ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ جو خيال آهي تہ ماڻڪ هن دور جو وڏو ڪهاڻيڪار ۽ ناولنگار آهي جنهن تي سنڌي ۾ ڪو بهتر ڪم نہ ٿي سگهيو آهي ۽ ماڻڪ جي ويڳاڻپ رڳو ماڻڪ جي ويڳاڻپ نہ هئي پر اها ويڳاڻپ پوري سنڌي قوم جي آهي چوتہ سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي تي رهندي بہ ويڳاڻي آهي جئين صفعي 50 تي هُو ڊاڪٽر رجب جي واتان هي چورائي ٿو تہ ”ماڻڪ جي ويڳاڻپ کي اڪيلو ڪري نہ ڏسو .اها ويڳاڻپ رڳو ماڻڪ جي ويڳاڻپ ناهي .ڊاڪٽر رجب سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو “ اها اسان جي سماج ۽ سنڌي قوم جي ويڳاڻپ آهي جنهن کي هن پنهنجي ويڳاڻپ ڪري پيش ڪيو. ماڻڪ جي ويڳاڻپ فقط فرد جي ويڳاڻپ آهي پر سنڌي قوم جي ويڳاڻپ اجتمائي آهي پنهنجي ڌرتي هوندي سوندي هڪ دجالي رياست ۾ قوم ويڳاڻي آهي “. مٿي ڏنل ٽڪري ۾ هڪ طرف ليکڪ ماڻڪ جي ويڳاڻپ کي جستيفاءِ ڪري ٿو تہ ٻئي طرف ليکڪ رياست جو اصل چهرو ڏيکاري ٿو جنهن ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ڌرتي تي ئي ويڳاڻو ڪيو.

سماج جي اڪثريت لاءِ پڙهڻ رڳو نوڪري وٺڻ جو هڪ ذريعو آهي ان وٽ ادب، علم ادب،ڪتاب،ڪهاڻيون،ناول ۽ شاعري دنيا فضول ڪم آهن تنهن ڪري اها ادب پڙهڻ سان ڪا بہ دلچسپي نٿي رکي جنهن ڪري دنيا جي اڪثريت

وٽ،اديب شاعر،ليکڪ،ڪهاڻيڪار ۽ ناولنگار جي ڪا بہ اهميت ناهي. ليکڪ ان رويي کي ناول ۾ هن ريت پيش ڪري ٿو” ڪهاڻيون دلي سڪون ڏيندڙيون آهن پئسو نٿيون ڏيارين .دنيا پئسي کي پوڄيندي آهي ڪهاڻي گهٽ پڙهندي آهي ۽ پئسي پڙهن بنا خرچ ڪندي آهي.

اهو سوال تمام اهم رهيو آهي تہ هڪ تخليقڪار تخليقن سبب عتاب هوندي،ڏکن هوندي تڪليفن، بہ لکڻ بند ڇونٿو ڪري هو پنهنجيون تخليقون سرجڻ بند ڇونٿو ڪري، جئين فرائڊ جو خيال هو تہ لکڻ سان پنهنجو نفسياتي علاج ڪندو آهي، تہ ليکڪ جو خيال آهي تہ اهُو اديب جو ڪٿارسس جو عمل آهي جنهن ڪري هڪ تخليقڪار ڪڏهن لکڻ نٿو ڇڏي” تون لکڻ ڇڏي سگهي ٿو پر لکڻ توکي ڪڏهن ڪونہ ڇڏيندو، اندر جي پيڙا، ڪيٿارسس،من جي بي چيني، تنهنجي ڪمري جي دريءَ کان ٻاهر پٽڪندڙ ڪردار،سماجي نااانصافي ۽ ماڻهن جي سڏڪندڙ زندگي توکان ڪهاڻيون لکائندي رهندي.

سنڌي ۾ گهڻا ناول ڪيمپس ناول لکيا ويا آهن جن ۾ ناولن جو مرڪزي ڪردار تي ڪا خوبصورت ڇوڪري ان جي لکڻين جي ڪري موهت ٿي پوندي آهي ائين انهن جي پاڻ ۾ محبت ٿي پوندي آهي پوءِ روز جون ملاقاتون ۽ رومانس ٿئي ٿو ۽ پوءِ ڇوڪري پئسي جي ڪري بيوفائي ڪري ٿي ۽ مرڪزي ڪردار ان جي بيوفائي تي پيو ڳوڙها ڳاڙيندو آهي ۽ پنهنجي پاڻ کي تباهه ڪندو آهي، ان حوالي سان ناول ۾ اسان کي هڪ نئون ۽ منفرد تصور ملي ٿو جنهن ۾ ناول جي مرڪزي ڪردار آدرش تي سندس لکڻين جي فين ملوڪان هن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳندي آهي پر آدرش هڪ سڪايل عاشق جيان ان ۾ دلچسپي وٺڻ ۽ ان جي محبت ۾ گرفتار ٿيڻ بدران ان کي پنهنجو مستقبل سڌارڻ ۽ اڳيان پڙهائي جاري رکڻ جي تلقين ڪري ٿو جيڪو منهنجي خيال سنڌي ادب ۾ هڪ نئون تصور آهي.

ناول ۾ ليکڪ هن سرمائيدارنا نظام جي هڪ هني کي بہ وائکو ڪري ٿو تہ مٿئين طبقي جي نفسيات کي پڻ وائکو ڪري ٿو جنهن م هڪ طرف هن دور ۾ دنيا جي هر شيءِ، هر اداري تي سرمائيدارنا نفسيات حاوي آهي جيڪا پنهنجي مرضي سان ناانصافيون ڪندي رهي ٿو جنهن جو مثال لاجواب طرفان آدرش جي ڪالم بند ڪرائڻ يا وري ايڊيٽر جو ماڻڪ اهو ئي چوڻ تہ اخبارون ڪالمن ۽ ڪهاڻين ڪري نٿيو هلن اهي اشتهارن جي ذريعي هلن ٿيون، يا وري ڪهاڻيڪار ڪمال سان پنهنجن يائرن طرفان پنهنجي ئي دولت تي قبضو ڪري ڪمال کي بي يارومددگار ڪري ڇڏڻ يا وري ناول ۾ شيرين جو ڪردار ۽ ان جي نفسيات هجڻ آهي.

ناول ۾ ليکڪ ورهاڱي جا سنڌ ۽ ڌرتي ڌڻين تي ٿيندڙ اثر جو پڻ ڇيد ڪري ٿو جنهن ۾ حيدرآباد جهڙي خوبصورت شهر جو گٽرن جي شهرن ۾ تبديل ٿيڻ ان جي خوبصورت عمارتن تي پناهگيرن جا قبضا ۽ انهن طرفان ڌرتي ڌڻين سان ٿيندڙ ظلمن جون پڻ جهلڪيون ملن ٿيون.

فلسفي توڙي ادب ۾ اهو سوال تمام گهڻو بحث ۾ رهيو آهي تہ هڪ تخليق ڪار وٽ خيال ڪٿان ٿا اچن تہ ناول جو مرڪزي ڪردار بہ صفحي 48 تي ان سوال کي هن طرح ٿو بيان ڪري،" ماڻهو آهي خيال جي مٿي مان ڳوهيل سو خيال پيا ڦرندا آهن. انهن کي جهنڊو پوندو آهي " يا وري صفحي 102 تي هئين ٿو ٻڌائي " ڪهاڻيڪار هوندو ئي ذهني مونجهارن ۾ آهي. ڪهاڻي جو جنم ڪنهن مونجهاري مان ٿيندو آهي. ڪهاڻي هڪ سڏڪو ڪا دانهن، ڪا ڪوڪ ۽ ڪو احساس هوندي آهي.

ناول ۾ ليکڪ ان خيال جي پنيرائي ڪري ٿو تہ هڪ ليکڪ کي پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي قوم سان ڪميٽنيٽ هجڻ گهرجي ان کي ڪنهن جي بہ انسٽرڪشن يا ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ درباري نہ ٿيڻ گهرجي تنهن جو مثال ڊاڪٽر رجب جو مارشالائن دور ۾ لکڻ ۽ سزائون ڪاٽڻ ڪان ويندي ليکڪ ماڻڪ جي ڪهاڻين ۽ ناولن جو پوري ناول ۾ ڇيد ڪندو رهڻ آهي يا وري آدرش جو ڪردار آهي جيڪو پڻ آدرشي ۽ پنهنجي پاڻ ۽ قوم سان ڪميٽنٽ رهي ٿو جئين صفحي 56 تہ آدرش چئي ٿو " آئون ڪهاڻيڪار آهيان ڪو درباري ناهيان جيڪا بک آئون سهان پيو، اها منهنجي بک آهي، آئون ڪنهن جڳاڙي ليکڪ جي ساراهہ ۾ ڪالم لکي پنهنجي پيٽ ۾ گرهہ ڪونہ وجهندس .يا وري صفحي 113 تي

ليڪڪ ڊاڪٽر رجب جي واتان هي لفظ چورائي ٿو تہ ڪو اديب مادرنسٽ آهي يا ناهي پنهنجي وطن، قوم ۽ ماڻهن کان لاتعلق نہ هجڻ گهرجي. ائين هن ناول ۾ ليڪڪ هن دور جي ڪيترن ئي ادبي سياسي،سماجي مسئلن ۽ موضوعن کي بحث هيٺ آڻي ٿو جيڪي يقينن هن دور جا اهم مسئلا آهن تنهن ڪري هي ناول هن دور جو اهم ناول آهي ۽ هر هڪ کي ضرور پڙهڻ گهرجي.

# ”وڻ“ ناول جو جائزو

پوري دنيا ۾ ادب جا مختلف موضوع رهيا آهن دنيا جا اديب شاعر،ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار انهن موضوعن تي شاعري، ڪهاڻي يا ناول لکندا رهندا آهن ۽ پنهنجن تخليقن جي ذريعي اهم مسئلن کي نروار ڪندا رهن ٿا، ان ئي حوالي سان سنڌي ادب ۾ به دنيا جي مختلف مسئلن،موضوعن تي ناول لکيا ويا آهن جيڪو سلسلو اڄ به جاري آهي هن وقت سنڌي ادب ۾ ناول جي موضوع جي حوالي سان ڪافي وسعت آئي آهي جنهن ۾ سڀ کان پهرئين رسول ميمڻ پنهنجن ڪهاڻين توڙي ناولن ۾ نوان موضوع متعارف ڪرايا ان کان پوءِ ٻين ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن پڻ پنهنجن ناولن ۾ نواڻ آندي جيڪا يقنين سنڌي ادب پڙهندڙ لاءِ ياڳوند ڳالھ آهي، ان ئي سلسلي ۾ به هزار ياويھ جي وچ ڏاري عباس ڪوريجو جو ناول ”وڻ “ آيو آهي جنهن جو موضوع پڻ سنڌي ادب ۾ منفرد آهي ناول جو اهم موضوع فطرت، فطرت ڏانهن انساني رويو، انساني نفسيات ۽ اخلاقيات آهي ناول ۾ وڻ جي ٻج مان ڦٽڻ کان ويندي وڏي ٿيڻ ۽ آخر جو انسان طرفان ڪٽجڻ تائين ڪهاڻي آهي جنهن سان گڏوگڏ ٻين ائين ڪردارن جون ڪهاڻيون پڻ آهن جن جون ڪهاڻيون ناول نگار وڻ جي واتان پڙهندڙ کي ٻڌرائي ٿو ۽ اهي ڪردار پڻ مختلف تڪليفن، مسئلن، پيڙائن مان گذري رهيا هوندا آهن، هر ڪهاڻي ۾ ليڪ هڪ نصيحت پڻ رکي آهي جنهن ڪري هن ناول ۾ اخلاقيات وارو موضوع ٻين موضوعن تي حاوي رهي ٿو ۽ اخلاقيات جي حوالي سان ناول جي گهڻن نقطن تي اعتراض پڻ ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري اچوته پهرئين ناول جو سرسري جائزو وٺون.

ناول ۾ وڻ سڀ کان پهرئين هڪ ڪاموري جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو جنهن سان سندس زال بي وفائي ڪري وئي آهي جنهن کي تمام گهڻو چاهي ٿو ان جي جدائي جي ڏک ۾، تڪليف ۾ سڙي ۽ پڇري پيو هن کي اڪيلائي کائي ٿي تنهن ڪري هو پنهنجي يونيورسٽي جي دوست سان ان ڪري ملڻ اچي ٿو ته جئين هُو ٻئي گڏجي هڪ اهڙي پٿر جي ڳولا ڪري سگهن جيڪو هُو دل رکي دل جو بار هلڪو ڪري سگهي . ان ڪانپوءِ وڻ هڪ موچي جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿو جنهن جو دڪان صرافه بازار ۾ هڪڙي ڪنڊ ۾ اڪيلو دُڪان آهي باقي ٻيا سڀ سونارن جا دڪان آهن تنهن ڪري اها ڳالھ سونارڻ لاءِ اڻ وڻندڙ آهي ته انهن وچ ۾ گهٽ ذات موچي جي دڪان آهي ۽ اُهي چاهيندا آهن ته موچي هي دڪان بند ڪري وڃي ان لاءِ سونارا موچي کي ڪيترن ئي طريقن سان ڌمڪائندا ۽ لالچون پڻ ڏيندا رهندا آهن پر موچي پنهنجي دڪان نٿوڇڏي جنهن ڪانپوءِ ڳوناٽا اهوڪم هڪ حاجي صاحب جي حوالي ڪن ٿا ائين موچي جو ڪو حادثاتي موت ٿي وڃي ٿو ۽ سونارن جي ان موچي مان جان ڇٽي وڃي ٿي . ان ڪانپوءِ ناول ۾ هڪ ٺيڪيدار جو قصو بيان ڪيل جنهن ٺيڪيداري ۾ وڏي ڪرپشن ڪئي آهي تنهن ڪري هن جي جسم ۾ هڪڙي قسم ڏڀ ٿي وئي آهي جيڪا ڪيترن ئي پرفيوم لڳائڻ سان به ختم نٿي ٿئي ڇوته اها ڏپ

ڪردار جي ڏپ هوندي آهي . ان ڪانپوءِ ناول ۾ هڪ معصوم ڇوڪري جو قصو آهي جيڪا ننڍپڻ ۾ ئي ماءُ کان يتيم ٿي ويندي آهي جنهن ڪري هن کي ماءُ جو پيار نہ ملي سگهندو آهي ۽ هر هڪ ماڻهو کي جانور سمجهڻ لڳندي آهي جن جو ڪم صرف چيرڻ ۽ ڦاڙڻ هوندو آهي هي ننڍڙي وهي ۾ ئي جنسي هراسمينٽ ٿي جو شڪار ٿيندي آهي ۽ اهڙا وحشي ماڻهو هن کي وحشي ڪتي جيان لڳندا آهن تنهن ڪري ڪنهن محفوظ جهان جي ڳولا ۾ هوندي آهي جتي ماڻهو هجن. ان ڪانپوءِ هڪ ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي جيڪو پنهنجي وقت کان اڳ جمي ٿو ۽ ان جون اکيون چنجٽيون هونديون آهي جنهن ڪري هو هر ڪنهن جي کل جو سبب بنجندو آهي هر ڪو ان تي پيو مذاق ڪندو آهي جنهن سبب پنهنجي پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ان ڳالھ تي سوچيندو رهندو آهي تہ آئون ٻين کان مختلف ڇو آهيان . ان ڪانسواءِ ناول ۾ هڪ ڳيري جي ڪهاڻي پڻ آهي جيڪا پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي وطن کان پري هوندي آهي ۽ هر وقت ان کي پنهنجي اولاد ۽ وطن جي اُڪير ستائندي رهندي آهي ۽ نيٺ جڏهن پنهنجي وطن جي ڳولا ڪري وننڌي آهي تہ اهو ساڳئي حالت ۾ ناهي هوندو، ائين هن ناول ۾ هڪ مهاڻيءَ جي بہ ڪهاڻي جنهن جو ور درياءَ بادشاھ ۾ ٻڏي ويندو آهي پر هُو پنهنجي ور جو اوسيئڙو ڪندي رهندي آهي تہ هُن جو ور هڪ ڏينهن ضرور ايندو . ناول جي آخري ڪهاڻي هڪ مريض جي ڪهاڻي آهي جيڪو اسپتال ۾ بيماري جي بستري پنهجا آخري ڏينهن ڳڻي رهيو آهي ان جي چوڌاري ان جا مٽ مائٽ،دوست، دوست،ملازم ان لاءِ آهن تہ هو پنهنجي دولت انهن جي نالي ڪندو پر جڏهن انهن کي خبر پوي ٿي تہ ان شخص پنهنجي سڄي دولت چيئرٽي جي نالي ڪري ڇڏي آهي تہ پوري اسپتال خالي ٿي وڃي ٿي، ائين وڻ جو ٻڌايل ڪهاڻيو ختم ٿين ٿيون پوءِ وڻ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو.ناول جي پڄاڻي ان ريت ٿئي ٿي تہ آخري ڪهاڻي واري مريض جي پوري دولت جنهن چيئرٽي حوالي ڪئي وڃي ٿي ان جا وارث پٽر وارو ڪامورو،هر شخص کي جانور سمجهندڙ ڇوڪري،ننڍ ۽ موڇي جي ڏي ٿين ٽا ۽ ان چيئرٽي جو ڪم نوان وڻ پوکڻ، وڻن جي حفاظت ڪرڻ ۽ بي سهارا ماڻهن جو سهارو ٿيڻ آهي ائين ناول جو انت اچي ٿو.

جتين تہ هن ناول جو اهم نقطو انسان طرفان فطرت سان هٿ چراند ڪرڻ، وڻن کي ڪٽڻ آهي جنهن سان وڏي ماحولياتي تبديلي اچي رهي آهي ۽ ناول ۾ ڌرتي تي ماحولياتي تبديلي جي ڪري ڌرتي جو تباھ ٿيڻ جا امڪان ڏيکارين آهن تنهن ڪري ليکڪ پوري ناول ۾ وڻ جون درد ڪٿائون، تڪليفن جو ذڪر ڪري ٿو انهن جي حفاظت ڪرڻ جو پرچار ڪري ٿو .

ناول ۾ ليکڪ ان خيال جو پنيرائي ڪري ٿو تہ پوري انسانذات جا ڏک ۽ تڪليفون هڪ ئي آهن پوري انسانذات هڪ وڻ جيان آهن جنهن جون ٽاريون تہ جدا جدا آهن پر ٽُڙ ۽ پاڙ هڪ ئي آهي تنهن ڪري اسان کي هڪ ٻئي سان نفرت ڪرڻ بدران،ٻئي انسان سان ذيادتي ڪرڻ بدران ان جو سهارو ٿيون ان جي تڪليفن کي محسوس ڪريون ان جي تڪليفن ۽ ڏکن ۽ دردن کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون .

ناول ۾ طبقاتي سماج تي تنقيد ڪئي وئي آهي طبقاتي ڦرلُٽ کي وائکو ڪيو آهي جنهن جو مثال ناول ۾ موچي جي ڪهاڻي جو آهي يا وري ٺيڪيدار جو ڪرپشن ڪرڻ ۽ بي انتها دولت گڏ ڪرڻ آهي ۽ مٿئين طبقي جو هيٺئين طبقي جو استحصال ڪرڻ آهي ليکڪ ان طبقاتي سماج کي انسان جو جوڙيل سمجهي ٿو " هڪ سوال جي اجازت ڏيو ته اوهان کان پڇي وٺان؟ سوال اهو آهي ته هي ماڻهن جو وچ ۾ جيڪي طبقا آهن تيار ڪيا ويا آهن ويا آهن اهي فطري آهن يا چند ماڻهن جي پيداوار؟ .صفعو 30

ناول ۾ ليکڪ هن دور جي سرمائدارانا دور ۾ ماڻهن جي نفسيات تي به ڀرپور لکيو آهي جنهن جو مثال ناول جو جانور واروباب آهي جنهن ۾ ليکڪ ڏيکاري ٿو ته هن دور ۾ هر ماڻهو جي اندر ۾ هڪ جانور ويٺو آهي جيڪو ٻئي کي ڦرڻ لٽڻ ۾ ڪا به قصر نٿو ڇڏي هر ماڻهو ٻئي جو استحصال ڪري پيو ۽ اُتي ڪمزور ۽ بي وس ماڻهو جو استحصال ٿئي پيو پر اُتي ان ڇوڪري جهڙا ڪي ڪردار آهن جيڪي هڪ نئين نظام جي ڳولا ۾ آهن ۽ پُر اميد آهن.

ناول ۾ ليکڪ زندگي جي ان فلسفي جي پرچار ڪري ٿو ته زندگي جدوجهد ۽ چرپر جو نالو آهي زندگي رڳو گُلن جو سيج ناهي پر زندگي ڪنڊن جو به سيج آهي.

ليکڪ ناول ۾ پنهنجي ڌرتي سان محبت ڪرڻ جي پرچار ڪري ٿو ۽ ڌارين جي قبضي کي ڌڪاري ٿو ۽ پنهنجي ڌرتي جو تباهي جو ذميوار ڌاري آبادڪاري کي ڏي ٿو.

**نتيجو-** ناول ۾ جئين ته مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته وڻن جي روئداد بيان ڪئي وئي ۽ انهن جي درد کي محسوس ڪرايو ويو آهي انهن جي حفاظت، ان جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي پر ان سان گڏ ناول جي سب پلاٽن ۾ جيڪي ڪهاڻيون پيش ڪيون ويون آهن ۽ انهن جو آخر جو جيڪو نتيجو ڪڍيو ويو آهي ان تي ليکڪ سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو جئين ليکڪ نتيجي ۾ ڏيکاري ٿو ته پئسو خراب ناهي سرمايو خراب ناهي پر اصل ۾ ماڻهو خراب آهي ماڻهو جو پئسي ڏانهن رويو ناڪاري آهي تنهن ڪري دنيا ۾ طبقاتي سماج پئدا ٿيو آهي ماڻهن ۾ اوچ نيچ ٿي آهي تنهن ڪري ماڻهو پنهنجي پاڻ کي سڌاري پنهنجو ڪردار سڌاري ته مسئلا حل ٿي ويندا جئين امير شخص پنهنجي پئسي جو صحيح استعمال ڪري خيراتي ادارو قائم ڪيو ته سيني ڪردارن جون تڪليفون دور ٿي ويون ڪامورو به ان اداري ۾ ڪم پيو ڪري ته موچي جي ڌيءَ به ان اداري ۾ ڪم پئي ڪري ته ڇوڪري به ان ماڻهن سان گڏ ڪم پئي ڪري. جن کي هُو جانور سمجهندي هئي.

جڏهن سنڌ ۾ اين جي اوز سنڌ کي جيڪي خوشحالي ڏني سا سيني جي سامهون آهي تنهن ڪري ليکڪ اهو نتيجو روايتي ۽ مفروضي تي ٻڌل آهي ته هن دور ۾ صرف سنو ٿئي سنا ڪم ڪري ڪري ته ماڻهن جي مسئلا حل ٿي ويندا ۽ ٻيو ته ليکڪ ناول جي موضوع فطرت تان پيار فطرت جي اهميت ۽ اڄ جي سرمائيدرانا دور ۾ فطرت سان هٿ چُراند هڪ اهم موضوع آهي پر ان ۾ جيڪي قصا ۽ ڪهاڻيون پيش ڪيون ويون آهن اُهي روايتي ۽ اخلاقيات تي ٻڌل آهي تنهن ڪري انهن ۾ نواڻ نٿي ملي، پر نئين پڙهندڙ کي تمام گهڻو متاثر ڪندو تنهن ڪري هي ناول هر ڪنهن ضرور پڙهڻ گهرجي.

# ناول” جيتامڙو “ هڪ جائزو

ٻولي ۾ ترجمن جي تمام گهڻي اهميت آهي ترجمن سان دنيا جو علم هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ هڪ قوم کان ٻئي قوم ڏانهن منتقل ٿئي ٿو جنهن سان هڪڙي قوم ٻئي قوم جي نفسيات، ثقافت،۽ سوچن، خيالن کان واقف ٿئي ٿي ۽ان جي ڪيل تجربن، ڪاميابين ۽ ناڪامين مان سکڻ سان گڏوگڏ ان قوم جي علمي خزاني ۾ اضافو ٿئي ٿو سنڌي ٻولي ۾ شروعاتي دور ۾ مرزاقليچ بيگ عالمي ادب جي ڪتابن جا تمام گهڻا ترجما ڪيا جنهن سان سنڌ جا ماڻهو انگلينڊ، جرمني، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي ادب، علم کان واقف ٿيڻ سان گڏوگڏ ٻين قومن جي جي نفسيات، ثقافت، سوچن ۽ خيالن کان واقف ٿيا ٿي جنهن کان پوءِ سائين ابراهيم جويي،نورالدين سرڪي، رسول بخش پليجي ۽ سنڌ جي ٻين ڏاهن عالمي ٻولين جو ترقي پسند ادب جي شاهڪار ڪتابن جا ترجما ڪيا جن سان سنڌي پڙهندڙ جي سوچن خيالن کي تبديل ڪيو هيئنر بہ سنڌي ٻولي ۾ ادب،سياست، تاريخ، فلسفي جي بهترين جا ترجما ٿي رهيا آهن جيڪي سنڌي جي علمي خزاني ۾ اضافو ڪري رهيا آهن تازو سنڌي ۾ تمام سٺا ناول ترجما ٿيا آهن جنهن ۾ ڊاڪٽر گل جو ترجمو ٿيل ڪتاب جيتامڙو بہ هڪ آهي جيڪو ڪافڪا جي ناوليٽ ي Metamorphosisجو ترجمو آهي جيڪو صنعتي ۽ مشينري دور اچڻ سان ماڻهن جو هڪ ٻئي سان تبديل ٿيندڙ رويي تي آهي هن ناوليٽ جي ڪهاڻي هڪ ڪلارڪ گريگر سيمسا جيڪو ڪنهن بيماري سبب جيتامڙو ٿي وڃي ٿو جي ۽ ان جي خاندان جي چوڌاري ڦري ٿي گريگر سيمسا هڪ اداري ۾ ڏيتي ليتي جي ملازمت ڪندو آهي جنهن ڪري هن کي مسلسل سفر ڪرڻ پوندو آهي جيڪو تمام ٿڪائيندڙ ۽ بيزار ڪندڙ آهي جنهن ڪري هُو تنگ ٿي ڪري استعيفا بہ ڏيڻ جو سوچي ٿو پر جئين تہ هن جي سڄي خاندان جو گذر سفر هن جي نوڪري تي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هن جي لکين روپين جو قرض پڻ آهي جنهن کي لاهڻ لاءِ هي نوڪري نٿو ڇڏي سگهي. جئين تہ هڪ ڏينهن گريگر سيمسا سان هڪ وڏو حادثو ٿئي ٿو جئين ئي گريگر صبح جو ننڊ مان جاڳندو آهي تہ هي پنهنجي پاڻ کي هڪ انسان مان هڪ وڏي جيت ۾ مٽيل ڏسندو آهي جيڪو تمام پوائتو ۽ تمام سنهڙن سنهڙن ٽنگن سان آهي، پهرئين تہ هي پريشان ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي پاڻ کي خواب م سمجهڻ لڳندو آهي پر ڪمري جي سيٽنگ ڏسڻ کان پوءِ هن کي يقين ٿي ويندو آهي تہ هي هڪ جيت ۾ تبديل ٿي چڪو آهي ,ائين هن ناول جي شروعات ٿئي ٿي هاڻي هن جيتامڙي لاءِ پنهنجي ان انساني بستري کان نڪرڻ ۽ ڪمري جو تالو کولڻ وڏو مسئلو بنجي ٿو هي پنهنجي بستري کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ سئو دفعا ڪوشش ڪري ٿو پر پنهنجي مٿان وڏل اهو سوڙ بہ ناهي لاهي سگهندو هوڏانهن هن جا ماءُ،پيءُ هن لاءِ پريشان ٿي وڃن ٿا تہ هي

گريگر پنهنجي بستري مان چوڻ اٿيو آهي تنهن ڪري هن ڪي بار بار آواز ڏيئي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر هن جي جيت ۾ تبديل ٿيڻ جو ڪري هاڻي هن وٽ انساني آواز بہ نٿو رهي جنهن سان جواب ڏيئي سگهي ايتري ۾ هن جي آفيس جو ڪلارڪ بہ هن ڪي آفيس نہ پهچڻ جي ڪري هن ڪي سڏڻ لاءِ گهر پهچي وڃي ٿو جيڪو پڻ هن جي ڪمري جي ٻاهران بيهي هن جو انتظار ڪري رهيو هوندو آهي ايتري ۾ هي جئين تئين وڏي جفاڪشي سان ڪمري جو تالو کولي ٿو وٺي تہ هن کي هن جا گهر وارا ۽ آفيس جو ڪلارڪ ڏسي هن کان خوف کائن ٿا ائين گريگري جي ڏکن،عذابن، تڪليفن جي زندگي شروعات ٿئي هن جي جيت ۾ تبديل ٿيڻ کان پوءِ هن جا گهر وارا پهرئين هن کان خوف پوءِ هن تي رحم کائڻ لڳن ٿا هن جي دادلي ڀيڻ هن تي رحم کائي هن جي لاءِ روزاني انساني کاڌو هن جي ڪمري ۾ ڇڏي ويندي جيڪو هي بنا کائڻ جي ڇڏي ڏيندو آهي پر اڳتي هلي جي گهر جا سڀ ڀاتي هن جيتامڙي مان بيزار ٿيڻ لڳندا آهن هن جي پياري ڀيڻ هن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهيندي آهي هن جو پيءُ هن کي مارڻ جو ڪوششون ڪندو آهي ۽ هن جي ماءُ هن جي لاءِ بي حال هوندي آهي هڪ طرف هن جي خاندان جو اهڙو رويو هو تہ ٻئي طرف گريگر سيمسا پنهنجي اڪيلائي دوران پنهنجي پراڻين يادون ياد ڪرڻ لڳندو آهي جنهن ۾ هن پنهنجي خاندان لاءَ محنت ڪري پنهنجي خاندان کي معاشي مسئلن مان ڪڍي ورتو هو ۽ پنهنجي پيءُ تي چڙهيل قرض لاهي رهيو تہ ٻئي طرف پنهنجي ڀيڻ جي مستقبل لاءِ بہ سوچي رهيو هو اهڙي طرح مائٽن جي اهڙي بي رخي،هن مان بيزاري جي ڪري جيتامڙوگريگري کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏي ٿو جنهن ڪري هي ڪمزور ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ ڏينهن مري وڃي ٿو جنهن سان هن جا گهر وارا تمام گهڻا خوش ٿين ٿا تہ هن مصيبت مان هنن جي جان ڇٽي وئي آهي ۽ هُو مستقبل جي رٿابندي ۽ مستقبل جا حسين خواب ڏسڻ لڳن ٿا ائين هن ناوليٽ جي پڄاڻي ٿئي ٿي،جئين تہ هن ناوليٽ جي ڪهاڻي بظاهر تمام آسان سمجھ ۾ ايندڙ آهي پر ڪهاڻي جي اصل جوهر ۾ هن سرمائيداري ۽ صنعتي سماج ۾ ماڻهن جي روين، ۽ سوچن جو اپٽار آهي جنهن ۾ ڪافڪا پنهنجي ڪهاڻي ۾ هينين ڪجھ اهم نقطن کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

صنعتي سماج ۾ ملازمت ڪندڙ هر فرد جي زندگي روزمره جي نوڪري جي فضول ۽ هڻ وٽ وارين ڪمن ۾ گذريو وڃي ۽ هو پنهنجو ڪم وڏي بيزاري ۽ ڏلالپ سان ڪندو آهي ۽ ان جي زندگي جا ڪا بہ خوشگوار لمحا ناهن هوندا جنهن ڪري اُن فرد مان تخليقي صلاحيت ختم ٿي ويندي آهي جنهن سبب هو زندگي کي تبديل ڪرڻ جو بہ ناهي سوچيندو.ان نقطي کي علامتي طور ڪافڪا هن ناول ۾ صفعي بہ تي گريگر جي واتان هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي ”اي خدا هن سوچيو “ مون ڪهڙو نہ ٿڪائندڙ دنڌو چونڊيو آهي سج اُيري ٿو سج لهي ٿو ڏينهن مٿان مٿان ڏينهن گذري ٿو سفر ختم ٿيڻ جو ئي ناهي اهو گدام،آفيس ۾ ويهي ڌنڌو ڪرڻ کان گهڻو وڌيڪ بيزار ڪندڙ آهي ۽ مٿان،مسقبل مسافري ۽ جي مصيبت،هڪ ريل گاڏي تان لهي ٻئي تي چڙهڻ جي پريشاني ڪچي پڪي ۽ بي وقائتي ماني ۽ اهي

اتفاقي واقفيتون، متجندڙ ڇهرن جو مسقبل وهڪرو، جيڪو ڪڏهن بہ گهريءَ دوستي ۾ بدلجي ئي نہ سگهندو آهي اهي سڀ ڪيڏا نہ عذاب آهن .

سرمائيدارڻا سماج هر شيءَ جو قدر تبديل ٿي ويندو آهي هن سماج لاءَ اهو ڪارائتو آهي جيڪو پيداورا ڪري سگهي ٿو سرمايو يا پئسا ڪمائڻ جو سگهہ رکي ٿو پر ڪمزور جيوت هن سماج جي لاءِ بيڪار آهي تنهن ڪري اهو هن سماج تي بار آهي تنهن ڪري ان مان ڇوٽڪارو لازمي آهي،

هن سماج ۾ رشتن جي ڪابہ اهميت ناهي هن دور ۾ هر ماڻهو جا ٻئي سان معاشي مفادن جا رشتا آهن تنهن ڪري جيڪو ماڻهو ٻئي جا معاشي مفاد پورا نٿو ڪري سگهي تہ اهو ناڪارا آهي اهو پلي پُٽ هجي يا پياءَ هجي جئين هن ناوليٽ جو ڪردار گريگوري جيتامڙو ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي خاندان لاءِ ناڪارا بڻجي ويو.

هن دنيا ۾ غربت جي گذاريندڙ ماڻهن جي زندگي تمام ڏکي هوندي آهي هي سماج بہ انهن سان صحيح هلت نٿو هلي بلڪہ انهن جي رت چوسيندو رهندو آهي جئين ڪافڪا هڪ هنڌ گريگر جي خاندان جي باري ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ “هيءَ دنيا غربت جي ماريل ماڻهن کان جهڙي قسم جي ڪم جي گُهر ڪري ٿي،هو سيئي اهو ڪجهہ آخري حد تائين ڪري رهيا هئا . اهڙي طرح ڪافڪا جو هي ناول سرمائيداري جي تضادن کي پڌر ڇٽيو آهي تہ صنعتي ۽ سرمائيداري جي ڪري ٿيندڙ هاجيڪار انساني تبديلين تي مايوسي جي صورت ۾ بغاوت پڌر ڪري ٿو .ائين ناول مختصر ۽ تمام دلچسپ آهي جنهن جو ڊاڪٽر گل تمام معياري ترجمو ڪيو آهي ادب سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي ضرور پڙهڻ گهرجي .

# غير موزون موسم جون ڪهاڻيون

ادب انساني سماج ۾ رونما ٿيندڙ واقعن،لقائن، حالتن ۽ ڪارنامن جو تخليقي اظهار آهي هڪ ليکڪ سماج ۾ ٿيندڙ لقائن، واقعن، حالتن کان متاثر ٿيندو آهي ۽ ان جو اظهار افسانوي انداز ۾ پنهنجي تخليق ۾ پيش ڪندو آهي تنهن ڪري ادب هن سماج ۾ ماڻهن جي سوچن، خيالن جو اولڙو سمجهيو وڃي ٿو جڏهن ته جيترو انسان ترقي ڪري رهيو آهي انسان جون سماجي حالتون تبديل ٿي رهيون آهن ته دنيا جي علمن توڙي ادب ۾ وسعت وڌي رهي آهي اڄ دور جديد دور ۾ ڪائنات جي هر نقطي کي تخليقي انداز سان، شاعري، ڪهاڻي، ناول مضمون ۾ پيش ڪرڻ کي ادب ليکيو وڃي ٿو هڪ تخليقڪار سماجي ٽُوڙي سياسي حالتن کي به ادب ۾ پيش ڪري ٿو ته سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي حيرت انگيز ڪارنامن کي به ادب جو موضوع بڻائي ٿو ان ڪانسواءِ ادب ۾ انسان جي داخلي ڪيفييتن، انساني جذبن کي ڀرپور نموني اظهاريو وڃي ٿو اُن سلسلي سنڌي ادب ۾ به موضوع جي حوالي سان ڪافي وسعت آئي آهي دنيا جي اهم موضوعن تي ناول، ڪهاڻيون لکجي رهيون آهن ان ئي سلسلي ۾ مجيب اوٺو جو ڪهاڻي ڪتاب" غير موزون موسم جون ڪهاڻيون " هن دور جي فردن جي داخلي ڪيفيتن جون اهم ڪهاڻيون آهن جيڪي پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ کي ڏک هڻڻ ٿيون پڙهندڙ هن ڪهاڻين جي ڪردارن جي ڪيفيتن، اڪيلائي، ويڳاڻپ، ابنارملتي تي سوچڻ ۽ پوڳنا کي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو جيڪا يقينن ليکڪ جي ڪاميابي آهي، مجيب جون هي ڪهاڻيون هن دور جي ايبنارمل ۽ نارمل ماڻهن جون ڪهاڻيون آهي جيڪي داخلي پيڙائن، شخصي ۽ سياسي ويڳاڻپ فردي اڪيلائي ۽ سماجي روش سبب ايبنارمل ٿي ويا جيتوڻيڪ هي دور ئي ايبنارملتي جو آهي جنهن ۾ هڪ سوچيندڙ ۽ تخليقي ذهن لاءِ نارمل رهڻ ڏکيو آهي ۽ جيڪو هن دور ۾ نارمل آهي ان جي نفسياتي صحت تي شڪ ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري هن ڪهاڻين جا ڪردار هن سماج ۾ مس فٽ آهن ويڳاڻا ۽ اڪيلا آهن ۽ ان اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ کي ختم ڪرڻ جي جستجو ۾ آهي تنهن ڪري مجيب جي ڪهاڻين جا ڪردا ر نه مايوس آهن پر پڙهندڙ جي اتساهه جو سبب بڻجن ٿا جئين هڪ ڪردار چئي ٿو" سوچ ئي نئين زندگي جو ٻيو نالو آهي " تنهن ڪري مجيب جون ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ منفرد قسم جون ڪهاڻيون آهن جن جي اڀياس ۽ پرک جي ضرورت آهي جڏهن ته پاڻ هن مضمون ۾ هن ڪتاب مان ڪجھ ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪريون ٿا .

خواب آور ماڻهو جي دماغ جو ايڪسري .. هن ڪهاڻي جو ڪردار پنهنجن خوابن ۾ هڪ اهڙي ماڻهو سان ملاقات ڪري ٿو جيڪو سجاڳ آهي،جيڪو گهڻو سوچي ٿو ۽ سوچڻ کي ئي زندگي سمجهي ٿو هُن کي هن ڌرتي ۽ هن ڌرتي تي رهندڙ مخلوق جو فڪر آهي هُن کي فطرت سان هٽ چُراند ڪندڙ ماڻهن سان نفرت آهي هي شخص پنهنجي روزمره زندگي جي ڪمن مان بيزار آهي تنهن ڪري هُو زندگي کي

ڀرپور جيئڻ چاهي ٿو پر هُو اڪيلو آهي تنها آهي ۽ پنهنجي تنهائي ۽ اڪيلائي کي دور ڪرڻ لاءِ زندگي کان فراريت چاهي ٿو.

لٽجي ويل ديس جو آخري گواھ .. هي هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي آهي جيڪو پنهنجي پاڻ کي پنهنجي وطن، پنهنجي ڌرتي تي هوندي بہ پنهنجي پاڻ کي ويڳاڻو ۽ جلاوطن محسوس ڪري ٿو هُو پنهجي خيالي ڌرتي،پنهنجي خيالي وطن جي خوشحالي، امن ۽ درياءِ کي ياد ڪري ٿو اهو درياءَ جنهن جو پاڻي آب حيات هو اها ڌرتي جيڪا هن جي محبوبا جيان حسين هئي اها ڌرتي ۽ ان جا رهواسي وڏن لانگ بوٽن جي هيٺان چيپاٽجي رهيا هئا . هن ڪهاڻي ۾ ليڪڪ سنڌ جي حقيقي حالتن جو ڇيد ڪيو آهي،هي ڪهاڻي سنڌ،سنڌين ۽ سنڌو درياءَ جي ڪهاڻي آهي اسان پنهنجي ڌرتي، پنهنجي وسيلن هوندي بہ هن ڌرتي تي ويڳاڻا آهيون هي سنڌ جيڪا خوشحال هئي جنهن جو درياءُ اسان جو جياپو آهي اهو سُڪي ٺوٺ ٿي ويو آهي سنڌ جا ماڻهو جيڪي سگهارا ۽ طاقتور هئا اهي بکن ۽ ڏکن ۾ ڪمزور نہل ٿي ويا تنهن ڪري مجيب جي ڪهاڻي ڌرتي ڌڻين جي ڪهاڻي آهي ۽ ڪهاڻي جا هي جملا سنڌ جي هر محب وطن ماڻهو جي اندروني ڪيفيت جا حقيقي ترجمان آهن .

” منهنجي ديس مان هڪ درياءَ وهندو هو جنهن جي پاڻي جي تاثير اڄ بہ محسوس ڪندو آهيان،اهو پاڻي صرف پاڻي نہ هو.. آب حيات هو.

تنهنجا اهي پريل ڳٽا منهنجي وطن جي سونهن جا ساکي آهن .

سندس ديس سندس ئي هٿن مان کسڪي ويو هو.

کيس وڏو خوف هوندو هو تہ ماڻهو جي قد کان وڏا بوٽ سندس ديس جي هر نئين اُسرندڙ سلي کي چٿڻ لڳا آهن .. ۽ ائين هڪ ڏينهن سارو ديس نون گونچن کان محروم ٿي ويندو.“

منزل ماڻهو ڪائيندي آهي .. جئين مجيب جي ڪهاڻين جا ڪردار لڪل ۽ علامتي آهن انهن جي ڪابہ سڃاڻپ ناهي اهي پڙهندڙ جي تخيُل ۽ سمجھ تي ڇڏيل آهن تہ انهن کي ڪئين ٿو سمجهي جئين هن ڪهاڻي جو علامتي جو ڪردار آهي جيڪو سجاڳ هو جنهن جو ديس غلام آهي هن ديس جا ماڻهو بدحال آهن هن ي ديس جو درياءَ جي مستي ختم ٿي وئي آهي،ان پنهنجي وطن، پنهنجي ڌرتي جي خوشحالي، امن جا خواب ڏٺا ۽ ان لاءِ پورهيو ڪيو هن جون سوچيون پنهنجي وطن جيان وسيح هيون هن جي جذبن ۾ پنهنجي وطن جي درياءَ جيان جارحيت هو ۽ هن پنهنجي وطن جي خوشحالي جا اثر پوري جهان تي ڇڏڻ تي چاهيا، پر اهو بي اثر ٿي ويو ان مفلوج ڪيو ويو ڇوتہ هن جي سجاڳي هن جو شعور، هن جو پنهنجي پاڻ جي سڃاڻپ مفلوج ڪندڙ مخلوق لاءِ تمام خطرناڪ هئي .هن ڪهاڻي جو ڪردار هڪ محب وطن جي علامت بہ ٿي سگهي ٿو تہ پنهنجي قوم ۽ ڌرتي سان ڪميٽمينٽ رهندڙ ليڪڪ بہ سگهي ٿو. جيڪو پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجو فڪر وساري ويٺو آهي .

خوشبو کان خوفزدا ٿيل شخص .. هي ڪهاڻي هڪ اهڙي فرد جي ڪهاڻي آهي جيڪو پنهنجي ماءُ توڙي پيءُ جي شفقت کان محروم آهي هي ٻن جوڙن طرفان ڪيل گناھ جو نتيجو آهي تنهن ڪري هن وٽ

ڪاٻہ سچاٽپ ناهي تنهن ڪري سچاٽپ جو ڳولا، محبت ۽ ماني جو متلاشي آهي ۽ اهي ٽيئي شيون هن جي زندگي جو وڏو ڏک آهن، جئين هن جو هڪ جملو آهي "ماءَ، محبوبہ ۽ ماني ئي سندس زندگي جا وڏا ڏک آهن." هي ڪهاڻي شهري سماج جي حقيقي ڪهاڻي آهي جتي ڪيترائي ٻار پنهنجي سچاٽپ جي ڳولا ۾ آهن.

بي وسي جي بارش .. هن ڪهاڻي جو ڪردار جيڪو جيڪو هڪ آدرشي ڪهاڻيڪار آهن جنهن پنهنجن ڪهاڻين جي ذريعي هن جهان ۽ هن ڌرتي کي بدلائڻ جا خواب ڏٺا جنهن پنهنجي ڪهاڻين ۾ هن ڌرتي جي مخلوق سان پيار جو درس ڏنو ٿي هن جو ايمان هو تہ هڪ ڏينهن جي ڪهاڻين جا ڪردار هن حقيقي دنيا ۾ پيدا ٿيندا ۽ اهي هن ڌرتي ۽ هن جهان سنواريندا پر .. ائين نہ ٿي سگهيو ۽ هي ليکڪ ايبنارمل ٿي ويو هن کان لکڻ جي صلاحيت ٿي وئي ۽ هي شيءَ کان لاتعلق ٿي ويو ويندي پنهنجي زال کان بہ،جيڪا هن محبت لاءِ ترپي ٿي هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ ٻن ڪردارن جون ڪهاڻيون پيش ڪيون آهن هڪ طرف هڪ ڪهاڻيڪار جو آدرشي ڪردار، جنهن سماج کي تبديل ڪرڻ ٿي چاهيو ان سماج جا ماٺهو ئي هرشيءَ کان لاپرواھ ٿي ۽ ان سماجي حالتن سبب ئي اهو آدرشي ڪهاڻيڪار ايبنارمل ٿي ويو تہ ٻئي طرف ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي ۾ اُن ڪردار جي گهر واري کي پنهنجي مڙس جي محبت لاءِ ٻي وس ڏيکاري ٿو ائين ڪهاڻي جو ڪلائيميڪس بہ تبديل ٿي وڃي ٿو اها ٽيڪنڪ مجيب پنهنجي هر ڪهاڻي ۾ استعمال ڪئي آهي . ان ڪانسواءِ هن ڪتاب جون ٻيون ڪهاڻيون هڪ فرد جي اڪيلائي،هڪ فرد جي داخلي بحران، شخصي پيچ ڊاھ ۽ فرد جي اندروني تضادن، ڪيفتن ۽ سياسي ۽ قومي ويڳاڻپ جو اظهار آهن جنهن کي مجيب علامتي ۽ فلسفياڻيا انداز سان پيش ڪيون جيڪي يقين اڄ جي جدت پڇاڻان دور جي هڪ فرد جي حقيقي ڪهاڻيون آهن جن کي هن اڳ سنڌي ادب ۽ سنڌي ڪها ڻي ۾ پيش ناهي ڪيو ويو تنهن ڪري مجيب جو پڙهندڙن کي ڪهاڻين جو هڪ نئون جهانمتعارف ڪرائڻ هڪ وک کڻڻ تمام اهم آهي.

# سينڊروم: نفسياتي ڪهاڻين جو ڪتاب

هي دور جنهن ۾ ماڻهن جي اڪثريت مختلف نفسياتي مونجهارن جو شڪار آهي، هر ڪنهن ماڻهو سان ڪي نه ڪي مسئلا آهن تنهن ڪري هن دور ۾ نفسيات جي علم جي اهمت وڏي وئي آهي ڇوته نفسيات جو علم ئي جيڪو هڪ ماڻهو جي مونجهارن، مسئلن ۽ ان جي سوچن، خيالن ۽ جذبن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ انهن جو حل ڏسي ٿو ۽ ان حوالي سان گهڻن ڏاهن جو ته اهو خيال آهي ته ادب به ماڻهن تي اثرانداز ٿي ماڻهن جي سوچن ۽ خيالن کي تبديل ڪري انهن جو نفسياتي۽ روحاني علاج ڪري ٿو ۽ تخليقي ادب کي ته روح جي غذا چيو ويجي ٿو. ۽ ڪجھ ڏاهن جو خيال آهي ته ابنارمل ماڻهو ئي ڪي وڏا ڪارناما سرانجام ڏئي سگهي ٿو۽ اهي نفسياتي بيماريون ئي انهن جي ڪاميابي جو سبب بنجن ٿيون جئين ڪي وڏا شاعر، اديب، يا ڪي وڏا ليڊر يا سائنسدان ۽ فلسفي نفسيات مطابق ايبنارمل هوندا آهن . ان ڪري ئي دنيا جا مختلف ليکڪ پنهنجن توڙي ۽ ٻين ماڻهن جي نفسياتي مونجهارن تي شاهڪار ناول ۽ لاجواب ڪهاڻيون تخليق ڪندا رهيا آهن، ان حوالي سان سنڌي ادب ۾ به نفسياتي مونجهارن تي به لکيو ويو آهي .

ان تسلسل ۾ ئي رسول ميمڻ جي نفسياتي ڪهاڻين جو ڪتاب " سينڊروم " آهي جنهن ۾ پنڌرنهن مختلف نفسياتي بيمارين تي ڪهاڻيون آهن جنهن جي مهاڳ ۾ رسول ميمڻ چئي ٿو ته " انسان جو نفسياتي بيمار هجڻ هڪ عام رواجي رويو آهي . جڏهن انسان ڍيل نفسياتي پيچيدگين کي قابو رکڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته چرپائپ جي حدن کي ڇُهي ٿو ".ان ڪانسواء اڳتي هلي رسول ميمڻ مهاڳ ۾ لکي ٿو ته " نفسيات موجب ماڻهن کي ترتيب ڏجي ته اهڙي ترتيب هئين بيهندي.

(1) چريا جيڪي چريا آهن
(2) چريا جيڪي سياڻا آهن.
(3) سياڻا جيڪي چريا آهن
(4). سياڻا جيڪي سياڻا آهن

. رسول ميمڻ مطابق پهرئين ڪيٽيگري وارا اديب، شاعر، فلسفي ۽ ولي هوندا آهن، ٻئي ڪيٽيگري وارا انسان مذهبي بنياد پرست ۽ توهم پرست ۽ خيال پرست هلندا آهن ۽ ٽئين ڪيٽيگري وارا سياستدان ۽ بد عنوان حڪمران ۽ بادشاه هوندا آهن ۽ چوٿين ڪيٽيگري ورا گڏھ ،اُٺ ۽ گهوڙا آهن .

ائين هن ڪتاب جي ڪهاڻين جو موضوع به چرين انسانن جون نفسياتي پيچيدگيون آهن ۽ ڪهاڻين جو هر ڪردار ڪنهن نه ڪنهن نفسياتي بيماري ۾ مبتلا هوندو آهي، ۽ انهن ڪهاڻين جي وڏي خاصيحت اها آهي ته اُهي علامتي ۽ مبهم آهن ۽ انهن ڪهاڻين جو آخر ۾ ڪو به نتيجو نه ڪڍيو ويو آهي بلڪه پڙهندڙ تي ڇڏيو آهي ته جئين پڙهندڙ انهن ڪهاڻين جو نتيجو پاڻ ڪڍي سگهي ۽ انهن تي سوچڻ تي مجبور ٿئي. تنهن ڪري پاڻ هن ڪتاب جي پنڌرنهن ڪهاڻين مان ڪجھ ڪهاڻين جو جائزو

ونڌاسين تہ جئين هن ڪتاب جو مختصر تعارف ٿي سگهي باقي پڙهندڙ ئي هي ڪتاب پاڻ پڙهي ان مان لطف اندوز ٿي سگهي ٿو .

جدت پچاڻان جي هن دور ۾ هر شخص پنهنجي پاڻ سان سوين ڪردار ۽ ڪوڙا ماسڪ پايو هليو تنهن ڪري ان شخص ڪي جنهن سوچ يا جنهن خيال جو ماڻهو ملي ٿو تہ اُهو شخص ان ماڻهو جي پسند جو ماسڪ پائي ان ماڻهو جهڙو ٿي ان ڪي خوش ڪري ٿو۽ ان ڊوڙ ۾ اهوُ شخص پنهنجو اصل ڪردار ۽ اصل شخصيت وساري ۽ وڃائي ويهي ٿو هن ڪتاب جي هڪ ڪهاڻي" چهرا "جو موضوع بہ اهو ئي آهي جنهن ۾ ڪهاڻي جي مرڪزي ڪردار جيڪو بيمار هوندو آهي ان ڪي هر ماڻهو ۾ پنهنجو چهرو نظر ايندو آهي هوُ پنهنجي زال، پُٽ،نوڪراني توڙي دوست ۾ پنهنجو چهرو ڏسندو آهي هن ڪي محسوس ٿيندو آهي منهنجو چهرو چوري ٿي ويو آهي.هن ڪتاب ۾ " اگهاڙو " ڪهاڻي هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي جنهن سان سندس محبوبا بيوفائي ڪري ويندي آهي تنهن ڪان هُو سجو دنيا ڪان ڪٽجي پنهنجي پاڻ ڪي هڪ ڪمري ۾ محدود ڪري ڇڏيندو آهي ۽ نفسياتي مريض ٿي ويندو آهي ۽ خيالن ئي خيالن ۾ ان سان ملاقات ڪندو آهي ۽ خيالن ئي خيالن ۾ ان مان جنسي مزو حاصل ڪندو آهي.

هي دور جنهن ۾ ڪمرشلائيزيشن ڪي اهميت آهي هي دور جنهن ۾ عورت ڪي اشتهار جي سونهن بنايو ويو آهي عورت ڪي پنهنجي خوبصورتي، پنهنجي جنسي نمائش جو عادي بنايو ويو ڪابہ سادي ۽ ڪمرشلائزيشن ڪان دور عورت ڪي هن دور ۾ ڪابہ اهميت ناهي ملندي.

". پر ڪتيل شاهين " ڪهاڻي بہ هڪ اهڙي موضوع تي آهي جنهن جي مرڪزي ڪردار شاهين جيڪا هڪ پڙهيل لکيل شرميلي ڇوڪري هوندي آهي جنهن جو صرف هڪ شادي شده ڀاءُ هوندو آهي تنهن ڪري شاهين ڪي پنهنجون معاشي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاء نوڪري جي ضرورت هوندي آهي پر هن ڪي پنهنجي شرميلي پن ۽ سادگي جي ڪري ڪابہ نوڪري نہ ملي سگهندي آهي. جئين هن ڪهاڻي ۾ هڪ هنڌ لکيڪ شاهين جي ان وارتا جي بيان ڪندي چوي ٿو تہ"

شاهين پڙهي پنهنجي پيرن تي بيٺي، پر هن جا پير زمين تي نہ هيا. پيرن ڪي زمين جو سهارو ڏيڻ لاء زمين خريد ڪرڻي پوي ٿي، زمين اناج ناهي جو بازار ۾ ملي وڃي انڪري زمين لاء اناج ڪائي محنت ڪرڻي پوي ٿي اناج خريد ڻ لاء پاڻ وڪڻڻو پوي ٿو پاڻ وڪڻڻ لاء پنهنجا خريدار ڳولڻا پون ٿا. جڏهن ڪو خريد ڪري ٿو تہ انسان پنهنجو نٿو رهي پيرن هيٺان زمين پنهنجي ۽ پير پرايا ٿي وڃن ٿا. ". ۽ اهڙيون ڇوڪريون نوڪري لاء اهڙيون تڪليفون ڏسڻ ڪان پوء احساس ڪمتري ۾ مبتلا ٿي وينديون آهن ۽ انهن ڪي جڏهن ڪوبہ مرد ٿوري همدردي ڪندو آهي ۽ اهميت ڏيندو آهي تہ اهُي اندر اندر ۾ ئي اُن مرد سان محبت ڪرڻ لڳنديون آهن ۽ چالاڪ مردن جي ڌوڪي ۾ اچي وينديون آهن . جئين هن ڪهاڻي جي ڪردار شاهين سان ٿئي ٿو. ان ڪانسواء ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻي" خوشي جي ڳالھ " هڪ اهڙي مرد جي ڪهاڻي جيڪو هڪ نفسياتي بيماري جنهن ۾ هن ڪي ڪڏهن ڪل جا دورا پوندا آهن ڪڏهن روئڻ جا. جنهن ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو کلندو آهي يا وري روئندو آهي ۽ ان ڪِل ڪي روڪڻ لاء ان

شخص کي غمگين ڳالهيو ن ياد ڪرڻيون پونديون آهن ۽ روئڻ کي بند ڪرڻ لاءِ خوشي جون ڳالهيون ياد ڪرڻيون پونديون پر ان شخص پوري زندگي هڪڙي خوشي بہ نہ ڏٺي هوندي آهي جئين هڪ هنڌ ليکڪ بيان ڪندي لکي ٿو تہ”هن سوچيو ڪِل جي دوري مان ڪئين جان ڇڏائجي اُهو سوچي هن زندگيءَ جا ڏُک ياد ڪرڻ شروع ڪيا پوڙهنائون، ذلتون، ملامتون، جيڪي ڪيس زندگيءَ ۾ نصيب ٿيا . درد جو سبب رڳو مديحا ئي تہ نہ هئي، مديحا درد جو ننڍو مثال هُئي مديحا سان مشابهہ ڪيتريون بيوفائون زندگيءَ جي راهن تي وار ڪولي بيٺل هيون هن ياد ڪيو سندس زندگي ڏکن سان ائين ڀريل هئي جئين پاڻيءَ جي دلي ۾ وڏيڪ جاءِ نہ هجي“ . ائين هن ڪتاب ۾ ڀيون مختلف ماڻهن جي نفسياتي مسئلن مونجهارن تي بهترين ڪهاڻيون آهن ۽ هر ڪهاڻي ۾ پرسرار ۽ تجسس سان ڀريل جملا آهن جن جو مبهم مقصد آهي جيڪي پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا .

.

# شاگردن جي رهنمائي ڪندڙ هڪ اهم ڪتاب

سنڌي ٻولي ادب جي حوالي سان مالا مال آهي سنڌي ۾ هڪ پاسي اسان وٽ بهترين شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار رهيا آهن جن پنهنجي شاعري، ڪهاڻين ۽ ناولن جي جي ذريعي سنڌي قوم ۽ نوجوانن کي متحرڪ پئي ڪيو آهي ۽ ذهني تربيت پئي ڪئي آهي سنڌي ٻولي ۾ اسان کي سائنس، فلسفي، نفسيات، ۽ ڪيرئير ڪائونسلنگ جي موضوع تي لکيل ڪتابن جي کوٽ نظر اچي ٿي ۽ آئون سمجهان ٿو ته نوجوانن کي جي ذهني ۽ فڪري ابياري لاءِ سائنس، فلسفي ۽ نفسيات جي موضوعن کي پڙهڻ سخت ضررت پوي ٿي اهي ئي موضوع ڪنهن نوجوان کي شين کي پرکڻ ۽ سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا، ۽ نوجوان ئي جڏهن صحيح دڳ تي هوندو ته اها قوم ترقي ڪري سگهندي آهي ۽ وري به پوءِ به ڏسون ٿا ته فلسفسي، سائنس ۽ تاريخ تي ڪجه بهتر ڪم ٿيو آهي، پر ڪيئريئر ڪائونسلگ تي ڪم ڪرڻ جين الاهي ساري ضرورت آهي ڇوته جڏهن هڪ شاگرد مئٽرڪ پاس ڪري ٿو تهه ان کي هڪ صحيح رهنمائي جي سخت ضرورت پوندي آهي اسڪول ۾ پڙهائندڙ استاد پنهنجي حال سارو رهنمائي شاگردن جي رهنمائي ڪن ٿا پر شاگرد کي ان وقت مڪمل رهنمائي جي ضرورت هوندي آهي ته جئين اهو شاگرد پنهنجي طبيعت مطابق صحيح شعبي جي چونڊ ڪري سگهي. شاگردن جي ان حوالي سان اسان جو دوست ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو سدائين فڪرمند هوندو آهي ۽ پنهنجي ذهني پورهئي سان شاگردن جي رهنمائي ڪندو رهندو آهي ان حوالي سان سائين جا اڳ ۾ ٻه ڪتاب ڇپيل آهن آهن ۽ تازو هي " ڪامياب شاگرد "ڪتاب آيو آهي. ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو انهن چند استادن مان هڪ استاد آهي جيڪي نه رڳو پنهنجي محنت ۽ پورهئي سان هن سماج کي تبديل ڪرڻ چاهين ٿا پر ان سان گڏوگڏ اها خواهش پڻ رکن ٿا .ته هن جا شاگرد پڻ سخت محنت ڪري پنهنجي ڪاميابي سان گڏوگڏ هن سماج لاءِ ڪارائتا ثابت ٿين .۽ اها خواهش رکي ڊاڪٽر صاحب ڪيئريئر ڪائونسلنگ تي مسلسل لکي ۽ ڳالهائي رهيا آهن هي ڪتاب به ان خواب جي پوراءِ لاءِ لکيو ويو آهي.

جئين تہ هي ڪتاب ٻن حصن تي مشتمل آهي جنهن ۾ پهريون حصو پنهنجي" ذات جي ڳولا "جي نالي سان آهي جنهن ۾ هڪ فرد جو مختلف 34 صلاحيتن جو مختصر جائزو آهي ۽ ٻيو حصو ڪاميابي جي موضوع تي آهي تنهن ڪري اچو ته هن جو مختصر جائزو وٺو.ن

جئين ته ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو مختلف ملڪن ۾ ڪجه عرصو رهيا آهن ۽ انهن ملڪن جي نوجوانن سان ميل ملاقاتون ڪيون آهن ۽ ان کان پوءِ سنڌ نوجوانن جي نفسيات ۽ سوچ کي به پرکڻ کانپوءِ جيڪو نتيجو ڪڍيو آهي تنهن جو اظهار هن ڪتاب ۾ ڪيو اٿن پاڻ هن ڪتاب جي صفعي17 تي لکن ٿا ته مون نوٽ ڪيو آهي ته اسان جي نوجوانن ۾صلاحيت جي کوٽ نہ آهي پر سماج ۾ مجموعي طور اسان جي نوجوانن مٿان هر وقت لتڪندڙ منفي تنقيدي لاڙو ضرور آهي جيڪو کين مُنجهائي ٿو ۽ هو جلد ڪا ننڍڙي ڪاميابي حاصل ڪري سماج ۾ مُروج روين آڏو سرخرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ نتيجي طور دورانديشي نڪري وڃي ٿي ۽ هن دنيا لاءِ ڪجه منفرد ڪري وڃڻ جي خواب جي کوٽ ٿي پوي ٿي . ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي اسان جي

نوجوانن سان وڏي ۾ وڏي ڪمزوري اها آهي تہ ان وٽ وڏن خوابن جو نہ هجڻ بدران ننڍڙا خواب آهن ان جو وڏي ۾ وڏو خواب هڪ ننڍڙي سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ آهي ۽ اهو ئي سبب آهي نوڪري ملڻ کان پوءِ اهو ماٺ ڪري ويهي ٿو رهي ائين سماج لاءِ ڪوبہ غير معمولي ڪم نٿو ڪري، ان حوالي سان ڊاڪٽر صآحب لکي ٿو تہ ”چيو ويندو آهي ته دنيا ۾ اڪثر ماڻهن ان ڪري ناڪام ڪونہ ٿيا آهن جوانهن تمام وڏو خواب ڏٺو ۽ ساپيان نہ ڪري سگهيا پر اڪثريت ان ڪري ناڪام رهيا آهن جو انهن تمام ننڍڙو خواب ڏٺو ۽ ان ڪي ماڻڻ ۾ ڪامياب رهيا “.

جئين تہ نفسياتدانن جو خيال آهي تہ هر انسان ۾ ڪي مخصوص خاصيحتون ۽ لاڙا هوندا آهن ۽ هڪ فرد جيڪڏهن انهن پنهنجن لاڙن مطابق پنهنجي شعبي جي چونڊ ڪندو تہ اهو زندگي ۾ غير معمولي ڪاميابي حاصل ڪندو جڏهن مارڪسي دانشورن جو ان نقطي تي اختلاف آهي انهن جو خيال آهي هڪ فرد ۾ خاصيحيتون ان فرد جي ماحول ۽ حالتن مان پيدا ٿين ٿيون پر اهو هڪڙو الڳ بحث آهي پاڻ ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب تي اچون ٿا جنهن ۾ انساني خاصيحتن جي حوالي سان صفعي 22تي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ جڏهن اسين پنهنجي پنهنجي ذات مطابق ڪم ڪريون ٿا تہ جيٽ جهاز جهڙي رفتار سان ڪريون ٿا پر جڏهن اسان ڪي ڪم پنهنجي ذات مطابق نٿو ملي تہ اسين هڪ پٽربلي رستي تي پيرين اگهاڙي جبل جهاڳڻ جهڙي ڪيفيت ۾ اچي وڃون ٿا . ائين انهي انساني صلاحيت جي حوالي سان هن ڪتاب ۾ مختلف هنڌن تي مختلف شخصيتن جا عظيم قول پيش ڪيل آهن جيڪي تمام انسپائر ڪن ٿا جنهن مان هتي پاڻ ڪجھ ڏيون ٿا.

⁕انسان ڪي جيڪڏهن پنهنجي شوق مطابق ڪم ملي وڃي تہ پوءِ اهو ڪم سندس ڪم نہ پر وندر بڻجي وڃي ٿو . ڪنفيوشس

⁕اچوتہ سيئي اهو ٿي وڃون جنهن جي اهليت ڏئي اسان ڪي خلقيو ويو آهي . ٿامس ڪرلائل

ائين اڳيان هن ڪتاب ۾ انسان جي 34 صلاحيتن جو مختصر جائزو ورتو ويو آهي . ان کان پوءِ هن ڪتاب جو ٻيو حصو ڪاميابي جي رازن تي مشتمل آهي، جنهن جو نچوڙ ڊاڪٽر صاحب جي هنن لفظن ۾ آهي جيڪي صفعي 57 تي آهن، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب نوجوانن ڪي مخاطب ٿيندي چئي ٿو تہ“نوجوانو : ياد رکو، توهان جو خواب ڏسڻ، زندگي جو مقصد ٺاهڻ، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ ۽ ان رٿابندي مطابق عمل ڪرڻ ئي ڪاميابي آهي.“ ائين هن ڪتاب ۾َڪاميابي جي اهم رازن تي سولي سنڌي ۾ لکيو ويو جيڪو شاگردن ضرور پڙهڻ ۽ هيئن ۾َهنڊائڻ گهرجي.

# ڪيريئر ڪائونسلنگ تي هڪ اهم ڪتاب

دنيا ۾ ڏينهون ڏينهن علم وڌي پيو هر روز نون موضوعن تي تحقيق ٿئي ٿي نوان ڪتاب لکجن ٿا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي بنياد تي مستقبل جون رٿائون ٿين ٿيون ان جون اڳڪٿيون ٿين ٿيون، ٿامس هابس جي چواڻي مطابق ڄاڻ وڏي طاقت آهي هن دور ۾ علم ئي دنيا تي حڪمراني ڪري ٿو سڄي انساني تاريخ کي اڳتي وٺي ايندڙ علم،ادب. فلسفو ۽ سائنس ئي رهيا آهن ۽ علم انساني تاريخ کي تبديل ڪيو آهي سنواريو آهي،قومن جي تبديلي جو سبب علم،ادب فلسفو ۽ سائنس بنيو آهي، ۽ سنڌ جي اها روايت رهي آهي ته پوري دنيا وانگر سنڌ ۾ به وڏا علمي بحث رهيا آهن سنڌ جا دانشور اديب، ۽ ليکڪ، پنهنجي ذهني پورهئي سان سنڌ کي علم .ادب.شاعري ۽ ڪتاب ڏيندا رهيا آهن سنڌ ۾ مختلف موضوعن تي علمي تحقيق ٿيندي رهي آهي ته تحقيقي ڪتاب لکبا رهيا آهن سائنس، فلسفي ۽ تاريخ جي اهم ڪتابن جا ترجما پڻ ٿيندا رهيا آهن. انهي روايت جي تسلسل کي قائم رکندي تازو "ڪيريئر ڪائونسلگ "۽" شاگردن جي پڙهائي ۽ مسقبل ناهڻ " حوالي سان اسان جو دوست "ڊاڪٽر شاهه مراد چانڊيو صا حب" بهترين ڪم ڪري رهيا آهن جيڪي پنهنجن ليڪچرس، تعليمي سيشن ۽ ڪتابن جي ذريعي نوجوانن جي رهنمائي ۽ تربيت ڪري رهيا آهن جيڪو تمام اهم ڪم آهي سنڌ ۾ هن موضوع تي ڪم ڪرڻ ۽ شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ جي انتهائي سخت ضرورت آهي ته جيئن سنڌ جي شاگردن جي اڪثريت جيڪا پنهنجو ڳوٺ. پنهنجي شهر جي ڪنهن ڪاليج ۾ ڪنڊ جهلي ويهڻ بدران دنيا جي اعلي ادارن ۾ پڙهن ۽ پنهنجو، پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي قوم جو مسقبل سنوارين، ۽ ڊاڪٽر شاهه مراد چانڊيو اها سوچ کڻي پنهنجو ذهني پورهيو ڪري ان موضوع تي ڪتاب لکي ۽ ترجما ڪري رهيو آهي، ته جيئن سنڌ جا شاگرد پوري دنيا جي تعليمي ادارن ۾ پڙهي سگهن، انهي سوچ جو اظهار ڪندي ڊاڪٽر شاهه مراد چانڊيو پنهنجي تازي آيل ڪتاب "يورپ ۾ اعلي تعليم ۽ اسڪالر شپ جا موقعا" ۾ صفعي تيرنهن ۾ چئي ٿو ته "منهنجو خواب آهي ته سنڌ جي هر ننڍي وڏي ڳوٺ توڙي شهر مان گهٽ مان گهٽ هڪ نياڻي يا نوجوان دنيا جي بهترين يونيورسٽين مان نه صرف اعلي تعليم پرائين پر دنيا جي ڀلي لاءِ ڪو قانون، ڪا ايجاد، ڪو نسخو يا ڪو نظريو ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿين ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو نالو روشن ڪن". اسان وٽ سنڌ ۾ هيئنر ته ڪافي تبديلي اچي چڪي آهي اڄ سنڌي نوجوان هنري ۽ فني تعليم ڏانهن مائل ٿيو آهي سنڌ جا ڪافي نوجوان ميٽرڪ ۽ انٽر ڪرڻ کان پوءِ مختلف هنري ڪورس ڪن ٿا مختلف هنر سکي پنهنجي روزگار کي لڳل آهن پر ڪو دور هو ته سنڌ ۾ نوجوان مئٽرڪ انٽر ڪري رڳو نوڪرين جي ڊوڙ ۽ ڳولا ۾ پنهنجي عمر ڳاري ڇڏيندا هئا، جيئن ته ڊاڪٽر صاحب مختلف ملڪن جا دورا ڪري چڪو آهي ۽ انهن ملڪن جي هُنري ۽ فني تعليم جي حوالي سان پنهنجي هن ڪتاب جي باب" بنيادي تعليم کان فني تعليم تائين " ۾ لکن ٿا ته " سڏربل دنيا ۾ روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ هنري تعليم کي وڏيڪ اهميت ڏ ني وڃي ٿي، جنهن ڪري مئٽرڪ يا

اي ليول کان ئي ٽيڪنيڪل ايجيوڪيشن ۽ ووڪيشنل ڪاليجز ۾ اڪثر شاگرد دلچسپي وٺن ٿا ۽ اتان جون حڪومتون بہ ڪين ٽيڪنيڪل ايجيوڪيشن ڏ انهن مائل ڪري ٿي تہ جئين نوڪرين جي گهٽتائي جي ڪري ٽيڪنيڪل ڄاڻ هجڻ جي ڪري نوجوان انڊسٽريز ۾ روزگار حاصل ڪري سگهن ".يا وري ٻئي هنڌ لکن ٿا تڳ اڄ جپان کان وينڊي ڪيناڊا تائين اسڪلڊ ورڪرس وڏيڪ پيدا ٿين ٿا جيڪي ترقي يافته ملڪن جي جي انڊسٽريز لاءِ ريڙ جي هڏي برابر آهن ". ائين ڊاڪٽر شاهہ مراد ٻين ترقي يافته ملڪن جو تجربو ٻڌائيندي پاڻ سنڌ جي نوجوانن کي صلاح ڏيندي هن ڪتاب ۾ چون ٿاتہ ٻين ملڪن جيان اسان جي سنڌي شاگردن ۽ نوجوانن کي ٻاهرين دنيا ۾ اسڪالر شپ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان گڏوگڏ هنري ۽ فني تعليم ڏانهن پڻ ڏيندا رهن. بحرحال دنيا جي ترقي ٿيڻ ۽ دنيا ۾ علم وڌڻ سان گڏوگڏ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعا ۽ سهولتون وڌي ويون آهن اڄ جيڪڏهن هڪ شاگرد پاڻ ۾ مسقبل مزاجي، اعتماد پيدا ڪري ۽ سخت محنت ڪري ته هو مفت ۾ اعلي تعليم حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ ان اعلي تعليم لاءِ هر ملڪ پنهنجن بهترين يونيورسٽين ۾ شاگردن کي اسڪالرشپ مهيا ڪري ٿو، ان اسڪالرشپ جي اهميت، ان جا فائدا ۽ اسڪالرشپ ڪئين حاصل ڪجي، اسڪالرشپ جا قسم ۽ ڳولڻ جي طريقي ڪار تي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن ڪتاب جي باب" اعلي تعليم ۽ اسڪالر شپ " ۾ تفصيلي طور لکيو آهي جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ ڪوبہ شاگرد آساني اسڪالرشپ حاصل ڪري سگهي ٿو ۽پرڏيهہ ۾ اعلي تعليم پرائڻ جي اهميت جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب هڪ شاگرد جا انفرادي فائدا ٻڌائندي هن ڪتاب جي صفعي ستٽيهہ ۽ اٺ ٿيهہ ۾ لکي ٿوتہ هڪ فرد ۾َ اعتماد پيدا ٿئي ٿو،

نئين ثقافت ۽ ڪلچر جي خبر پوي ٿي.

نيون ٻوليون سکڻ جو موقعو ملي ٿو.

ماڻهو آزاد محسوس ڪري ٿو.

پنهنجن صلاحيتن جي خبر پوي ٿي

ڪيريئر جا نوان موقعا پيدا ٿين ٿا.

اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب گڏيل فائدن جو ذڪر ڪندي چوي ٿوتہ " گڏيل سائنسي ڪوجنا جو حصو ٿجي ٿو.

انسان ذات جي مجموعي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪردار ادا ڪجي ٿو.

ترقي يافتہ ملڪن ۾ روزگار ۽ رهائش جو موقعو ملڻ ڪري پنهنجي خاندان ۽ علائقي يا ملڪ لاءِ وڌيڪ ڪارائتو بڻجي ٿو.

تنهن کان پوءِ هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب يورپ جي مختلف ملڪن جي اعلي تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽين جو تعداد ۽ انهن ملڪن ۾ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جي طريقي ڪار تي ترتيب وار تفصيلي لکي ٿو، جنهن۾ ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب کي اسڪالرشپ جي حوالي سان ڇئن حصن ۾ ورهايو آهي ان ۾ پهريون حصو اولهہ يورپ جي ملڪن، جرمني،فرانس،بيلجيم، نيدرلينڊ،سئيزرلينڊ،لگزمبرنگ ۾ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جي موقعن تي لکيو آهي

۽ ٻئي حصي ۾ اتر يورپ جي ملڪن ۾ جي تعليمي ادارن جي حوالي سان ۽ ٽيون ۽ چوٿون ڏکڻ يورپ ۽ اوڀر يورپ جي ملڪن جي يونيورسٽين ۾ اسڪالرشپ جي موقعن تي لکيو آهي ۽ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر صاحب انهن ملڪن جون اهم چوٽيون ۽ پهاڪا پڻ هر باب جي آخر ۾ ڏي ٿو جيڪي ڪتاب کي تمام دلچسپ بنائڻ ٿا تنهن ڪري آئون سمجهان ٿو ته يورپ جي ملڪن ۾ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ ۽ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي حوالي سان تمام ڪتاب آهي جيڪو هر شاگرد کي ضرور پڙهڻ گهرجي ۽ ان مان رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book